اقبال اکادمی

# حیات اقبال

(حالات زندگی و منتخب کلام)

لطف اللہ بدوی

# حیاتِ اقبال

(حالاتِ زندگی و منتخب کلام)


مصنف

لطف اللہ بدوی



ناشر

اقبال اکیڈمی

کراچی

۱۹۵۷ء

چپائيندڙ:

اقبال اڪيڊمي،

ڪراچي.

دفعو پهريون ... ... مارچ ١٩٥٧ع

تعداد ... ... هڪ هزار

قيمت ... ... چار روپيا ۽ ٻارهن آنا

ڇپيندڙ:

انٽر سروسز پريس

جي- پي- او باڪس نمبر ٢٣٣٣

ڪراچي.

# ترتيب


نذر عقيدت .. .. .. ١—٢

تمهيد .. .. .. ١—ڪج

## سوانح حيات .. .. ..

خاندان .. .. .. ١—٦

اقبال جي ولادت .. .. .. ٧—٩

ننڍپڻ .. .. .. ١٠—١٣

تعليم .. .. .. ١٤—١٩

اعليٰ تعليم .. .. .. ٢٠—٢١

يورپ جو سير .. .. .. ٢٢—٢٦

سياسي سرگرميون .. .. .. ٢٧—٣٨

اعزازات .. .. .. ٣٩—٤١

دکن جو سير .. .. .. ٤٢—٤٤

افغانستان جو سير .. .. .. ٤٥—٥١

حجاز جي تمنا .. .. .. ٥٢—٥٥

بيماري .. .. .. ٥٦—٥٨

وفات .. .. .. ٥٩—٦٣

اخلاق ۽ عادتون .. .. .. ٦٤—٧١

## اقبال جي شاعري .. .. ..

شعر جي ابتدا .. .. .. ٧٥—٨٢

ٻيو دور .. .. .. ٨٣—٨٧

ٽيون دور .. .. .. ٨٨—٩١

| | |
|---|---|
| چوٿون دور .. .. .. | ٩٢—٩٥ |
| شاعر جو پيغام .. .. .. | ٩٦—١٠٣ |


## ڪلام اقبال .. .. ..


| | |
|---|---|
| عرض .. .. .. | ١٠٧ |
| توحيد .. .. .. | ١٠٨—١١٠ |
| مصنف جو عرض حال .. .. .. | ١١١—١١٥ |
| طلوع اسلام .. .. .. | ١١٦—١٢٣ |
| سسلي .. .. .. | ١٢٤—١٢٥ |
| شمع ۽ شاعر .. .. .. | ١٢٦—١٣٤ |
| اسلامي شهر .. .. .. | ١٣٥—١٣٦ |
| حضرت بلال .. .. .. | ١٣٧ |
| وطنيت .. .. .. | ١٣٨ |
| قوميت ۽ دين .. .. .. | ١٣٩ |
| مدنيت اسلام .. .. .. | ١٤٠ |
| مرد مسلمان .. .. .. | ١٤١ |
| لادين سياست .. .. .. | ١٤٢ |
| جاويد کي خطاب .. .. .. | ١٤٣—١٥١ |
| حدي .. .. .. | ١٥٢—١٥٤ |
| ساقي نامو .. .. .. | ١٥٥—١٦٠ |
| مسجد قرطبه .. .. .. | ١٦١—١٦٧ |
| پاڻيءَ جي نهر .. .. .. | ١٦٨—١٦٩ |

## نذرِ عقيدت

اُو ڪلام معجزانه - جنهن جي اندر آ نهان
والهانه زندگي جي رستخيزي جو نشان،
او چراغ راهه آهي راهروئن واسطي
ٿو ڪري ڪوتي ڪي پرکي ۽ ڏسي سودو زيان

.. .. ..

آهه او شاعر مفکر، فکر انجو اجتهاد
جنهن‌جي نغمن کان وٺي تشڪيل ٿو نئين‌سر جهان
انجي عظمت جي وضاحت جو دليل آهي اهو
آهه او ماڻهن تي شاهد، پنهنجي قول ۽ فکر سان

.. .. ..

زندهٔ جاويد آهي او سخن اقبال جو
جنهن جي اندر زندگي جي آ تپش جو داستان
انجي پيغام حيات افروز جو هي آ اثر
منجمد ۽ سرد نبضن ۾ حرارت ٿي روان

اي زمين لاهور توکي، فخر رهندو ٿا قيام
تو ۾ آرا ي آهي، او صاحب حسن بيان
جنهن جي احساس خودي خوابيده ملت کي وري
آهه پهچايو خدا جو سنهن، زمين کان آسمان

---

بسم الله الرحمن الرحيم

# تمهيد

و كذالك جعلنكم اُمة وسطاً لتكونو شهدآء
على الناس و يكون الرسول عليكم شهيداً ه

ترجم - ۽ اهڙي ريت اسان اوهان کي درمياني امت بڻايو تانجو بين ماڻهن جي ,,اعمال جا،، توهان شاهد رهو ۽ توهان تي رسول شاهد آهي. (قرآن پاڪ)

الله پاڪ جون هزارين رحمتون هجن لسان العصر اکبر الہ آبادي تي جنهن پنهنجي مڪتوبات ۾ علامہ اقبال کي شهدائي علي الناس جو معزز لقب ڏيئي امت اسلاميہ ۾ شرف بلندي جو ڏنو آهي. آهو ڪهڙو جذبو هو جنهن جي زير اثر حضرت اکبر، علامہ اقبال کي اهو مبارڪ لقب ڏنو؟ هن جو جواب آهي، علامہ اقبال جو افڪار عالي، جنهن ۾ ان مفڪر مسلمانن جي ادبار ۽ تنزل تي ڪين قدم قدم تي روڪيو ۽ ٽوڪيو آهي. ڇا اهڙي شخصيت بين انسانن جي پست ۽ ڪوتاه حالي تي شاهد بڻجي نٿي سگهي. اهوئي جذبو هو، جنهن ڪان متاثر ٿي مولانا گرامي علامہ اقبال لاءِ فرمائي ٿو:-

در ديدهٔ معنیٰ نگهان حضرت اقبالؒ پيغمبری کرد ولی پيغمبر نتوان گفت.

ترجم - معنيٰ چاڻندڙن جي نظر ۾ اقبال پيغمبري ڪئي آهي ۽ ڪيس پيغمبر چئي نہ سگھبو.

علام اقبال کي دنيا هڪ شاعر جي حيثيت سان ڏسي، چشم ماروشن دل ما شاد، مگر حيات انساني جي هڪ عارف ۽ قومن جي عروج ۽ زوال جي نبض شناس کي فقط شاعر سمجھڻ ڪيڏي نہ سخت غلطي ٿيندي. هو مرد خدا هڪ هنڌ پنهنجي فڪر ۽ اجتهاد لاءِ هيئن ٿو فرمائي:-

عمرها در کعبه و بتخانه می نالد حیات
تاز بزم عشق یک دانائے راز آید برون

ترجم - ڪعبہ ۽ بت خاني ۾ انساني حيات کي عمربون رڙندي رهي ٿي، تڏهن ئي عشق جي محفل مان هڪ راز جو ڄاڻو ظاهر ٿئي ٿو.

سن ۱۷۰۷ع هندستان جي تاريخ ۾ مسلمانن جي جاهہ و جلال جي چمڪ جو آخري سال هو، جنهن سال جي هڪ شام تي هندستان جي خود دار، فقير ۽ شهنشاهہ اورنگزيب عالمگير جي حيات جو آفتاب هميشه لاءِ غروب ٿي ويو، جنهن کي اقبال هيئن لفظن سان ياد ٿو ڪري:-

ترڪش مارا خدنگ آخرين
تيرن جي ٻٽي مان اسانجو پويون تير،

اهو آخري تير ٻٽي مان نڪتو، چٽو ۽ ويو. ان ڪانپوءِ مغليہ سلطنت ڪيئن تباهہ ۽ برباد ٿي، هي هڪ المناڪ داستان آهي.

احمد شاهہ ابدالي ان کي پاڻيپت جي ميدان ۾ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر:-

,, جو ٿئي شيشو هٿن سان، او ڪٿي ڳنڍجي سگهي.,,

فاتح ابدالي ۽ آبو ۽ ويو. هي تماشو ۾ گذري چڪو. انوقت جڏهن، شاهہ عالم بهادر، ايسٽ انڊيا ڪمپني جي هٿن ۾ نواب وزير آصف الدولہ جي اشاري سان رانديڪو بڻجي ڪلائيو کي مغليہ سلطنت وڪڻي رهيو هو، دکن هندستان ۾ سلطان ٽيپو هڪ نئين سلطنت جي مضبوطي لاءِ رت سان رانديڪي ڪيڏي رهيو هو، مگر:-

اس گھر کو آگ لگ گئی گھر کے چراغ سے

نظام جي عيارانہ چالن کان نيٺ سلطنت خداداد ميسور جي عظمت جو چراغ گل ٿي ويو. شير. ميسور نمڪحرام صادق جي اشاري تي شهيد ٿي ويو. ؛ جعفر از بنگال صادق از دکن ؛ جيتوڻيڪ شير ميسور جي شهادت تي ڪلڪتي ۾ انگريزي عدالت خاني تي چراغ بندي ٿي، مگر انجي حياتي جو مختصر داستان پڪاري ٻڌائي ٿو:-

زندگی را چیست رسم و راه کیش     یک دمی شیری بہ از صد سال میش

ترجمہ- حياتي جي گذارڻ جو رستو، طرز ۽ رواج ڪهڙو آهي، اهوئي تہ هڪ گهڙي شينهن ٿي گذارڻ، انهي کان بهتر آهي جو سو سال رڍ ٿي گذارجي.

شير ميسور جي موت کان پوءِ هندستان ۾ مسلمانن جي انحطاط جو دور هو. لکنو ۽ دهلي درٻارين ۾ چنگ ۽ رباب

جي نغمہ نوازي تيموري تلوارين کي زنگ ڏيئي ڇڏيو. علامہ مغفور قومن جي ذهني انقلاب متعلق کهڙو نہ عمدو فرمايو آهي:-

آ، تجھکو بتائوں میں تقدير امم کیا ہے
شمشير و سنان اول، طائوس و رباب آخر.

مسلمانن جي هن ذهني انقلاب جي ٻي طرف، انگلنڊ جي تجارتي ڪمپني، رياستن ۽ حڪومتن جي بساط کي اٿلائيندي ٿي رهي. سياسي شطرنج جي راند جي ماهرن مهرن کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تي ڦيرايو، تانجو ارل آف ڪيننگ جي دور ۾ هماليہ جي ڪوهسارن کان ڪماري جي ڪنارن تائين فرنگي شهنشاهيت جو بنياد پڪجي ويو. هندستان جي بي سرو سامان قومن، انوقت اکيون پٽيون، جڏهن پل تان پاڻي گذري ويو. غلامن هڪ دفعو ارک پٽي. هو ناڪامياب انقلاب هو، جنهنکي هندستان جي تاريخ ۾ سنہ ۱۸۵۷ع جي غدر سان تعبير ٿو ڪيو وڃي. ان باهہ جي ڏري ٿيڻ کان پوءِ برٽش شهنشاهيت نانا ۽ تانتيا جي هم قومن کي تہ نوازي رهي هئي، مگر ظفر جي هم قوم مسلمانن تي، انجي عتاب جي نظر تيز ٿي رهي هئي. اها امت جنهن لاءِ قرآن حڪيم فرمائي ٿو:-

| | |
|---|---|
| ڪنتم خير امة اخرجت للناس تامرون بالمعروف و تنهون عن المنڪر و تومنون باللہ | توهان بهترين امت آهيو، جنهن کي انسانن جي رهنمائي لاءِ رکيو ويو آهي. توهان کي چڱن ڪمن جو حڪم ڏيون ٿا ۽ برائي کان روڪيون ٿا تہ الله تي ايمان آڻيو. |

وچي ادبار ۽ ذلت ۾ پئي، تعليم کان بدنصيب، باهمي افتراق، مسئلن تي سر ڦٽول ۽ نزاع، اهي نيڪي جي بجاءِ اچي پڙ پيون. هندستان ۾ تہ مسلمانن لاءِ هي حشر سامانيون اچي گڏ ٿيون، مگر هندستان کان ٻاهر اسلامي دنيا ۾ بہ هر طرف ادبار ڇانيل ٿي نظر آيو. عثمانيہ سلطنت، جنهنجي هيبت کان مغربي حڪومتون لرزه براندام هيون، مريض يورپ جي نالي سان ٿي ڏسي وئي. ايران ۾ قاچاري سلطنت فرنگ جي پنجہ استبداد ۾ پنهنجو موت ڏسي رهي هئي. سيوند جي لڙائي کانپوءِ افغانستان جي آزادي نالي ماتر وڃي رهي هئي، اسلامي شان ۽ شوڪت منجھن تي اچي پيئو هو، علامہ اقبال ان انحطاط جي دور جو ڪهڙو نہ عمدو نقشو ڪڍيو آهي:—

رعب فغفوري ہو يا کہ شان قيصري
ٹل نہيں سکتي غنيم موت کي يورش کبھي
آہ! مسلم بھي زمانے سے يونہيں رخصت ہوا
آسمان سے ابر آزاري اٹھا، برسا، گيا.

مسلمانن جي هن پست همتي ۽ ڪور ذوقي تي، خداوند قدوس جي شان جلالي کي حرڪت ٿي. جمال افغاني ايران ۽ ترڪي ۾، شيخ محمد عبده' مصر ۾، سنوسي سوڊان ۾، ۽ سرسيد هندستان ۾ ان بگل پيڙي کي سنڀاليو. سرسيد جي فيضان صحبت کان، مهدي، مولانا حالي، علامہ شبلي ۽ ڊاڪٽر نذير احمد جهڙا مفڪر، شاعر، مورخ ۽ مصلح پيدا ٿيا.

سرسيد ظفو جي نوبت پنجروزه ۽ غدر جي ناڪامياب انقلاب کي

اکين سان ڏنو هو. هن ان روداد کي ''اسباب بغاوت هند'' نالي ڪتاب ۾ جمع ڪيو، ۽ ان ڪتاب جون ڪاپيون، ارباب حڪومت ڏي ڏياري ڇڪيون، جنهن ڪان، برطانيہ شاهي متاثر ٿي مسلمانن جي هول ۽ خطري کي اندر مان ٻاهر ڪيدي ڇڏيو. سر سيد درمانده قوم لاءِ ڇا ڪيو، انجو جواب، عمل جو نالو جيستائين دنيا ۾ قائم آهي، انجو نيشان مدرسة العلوم علي ڳڙهم ڏيندو رهندو. ''خطبات احمديہ'' نالي ڪتاب، جو هن سر وليم ميور جي تصنيف ''لائيف آف محمد صلعم'' جي جواب ۾ لکيو ۽ ''اسباب بغاوت هند'' سندس اهي تصنيفون آهن جنجي سزا فرنگ جي قاضي وٽ حبس دوام هو، مگر سر جي سٽن ڏيڻ وارا، ان ڪان ٻڌڻ وارا نہ آهن. علامہ اقبال انجو نقش پنهنجي نظم ''لوح مزار سيد'' ۾ هيئن ٿو ڪيدي:—

مرد مومن کی نظر بیم و ریا سے پاک ہے
قوت فرماں روا کے سامنے بیباک ہے.

خواجہ الطاف حسين حالي سر سيد جي تحريڪ سان ''مسدس مدو جزر اسلام'' لکي، جنهن لاءِ ان بزرگ جو قول آهي تہ ''پروردگار جيڪڏهن موت ڪانپوءِ عمل صالح جي طلب ڪئي تہ آءُ، مسدس حالي کي پيش ڪندس.'' مگر قدرت کي ان مفکر ڪان وڌيڪ مسلمان قوم لاءِ زياده مفکرانہ دماغ جي ضرورت نظر آئي جنهن پڪراءِ چيو تہ:—

از تب و تابم نصیبے خود بگیر،
بعد ازین ناید چون من مرد فقیر.

بهم خاوران بخوابی کہ نہان ز چشم انجمؔ

بہ سرود زندگانی سحر آفریدہ ام من.

ترجمو- مشرق جي رهڻ وارا سپ ننڊ ۾ هئا، جو مون ستارن جي نگاهن کان لڪي، حياتي جي ساز کي ڇيڙي، صبح پيدا ڪيو اٿم.

اونداهي رات ۾ صبح کي پيدا ڪرڻ وارو، قومن جي عروج ۽ تنزل جو ماهر ٿي سگهي ٿو، نہ سرمرين ۽ گداز جسم کي ڏسي دانهن ڪرڻ وارو، هو پنهنجي درمانده قوم کي معراج ڪمال تي ڏسڻ جو تمنائي هو نہ شاعر! علامہ فيضي جو اڪبري دور جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي، هن خيال کان پوري ريت واقف هو. پنهنجي مشهور مثنوي ,,نلدمن،، ۾ ان حقيقت کي هيٺن ٿو کولي:—

امروز نہ شاعرم حکیمم　　　دانندۂ حادث و قدیمم

ترجمو- آءُ اڄ شاعر نہ آهيان حڪيم آهيان جديد ۽ قديم جو ڄاڻو آهيان.

فيضي جو هن کان مطلب هو تہ هو فقط شاعر نہ آهي پر حڪيم بہ. ڇو تہ حڪيم شاعر کان گهڻو بلند آهي. علامہ اقبال هن حقيقت کان زياده متاثر نظر ٿو اچي. اسرار خودي ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:—

کم نظر بیتابی جانم نہ دید　　　آشکارم دید پنہانم نہ دید

آشنائی من زمن بیگانہ رفت　　　از خمستانم تہی پیمانہ رفت

ترجم- گهٽ نظر وارن منهنجي بيتابي کي نہ ڏٺو. مونکي

ظاهري ڏاڻوڻ مگر منهنجو اندر ڏسي نہ سگهيا. منهنجو واقف سونکان بيگانو نکتو (ڄاڻي نہ سگهيو)، انکري منهنجي ميخاني مان سرڪي لاءِ سڪندو ويو. هن تلخ حقيقت کي مفکر ہي هنڌ کولي بيان ڪيو آهي:

میں شعر کی اسرار سے واقف نہیں لیکن
یہ نکتہ ہے تاریخ امم جس کی ہے تفصیل
وہ شعر کہ پیغام حیات ابدی ہے
یا نغمہ جبریل ہے یا بانگ سرافیل

اقبال جو شعر ۽ فکر نغمہ جبريل تہ ٿي نٿو سگهي، جو ,,ماهيان قعر دريائي جلال،، جي لاءِ مخصوص هو، مگر هو صور اسرافيل جو هڪ آواز ضرور هو. هن غلامستان هندستان ۾ پنهنجي حريت نواز آواز سان قيامت برپا ڪري ڏني هئي. ڇا هن ڪانپوءِ بہ ڪو ڪم نظر ڪيس گل ۽ بلبل جي مداحن ۾ شمار ڪندو، جي هنن افسانن کي حسن و عشق ۽ حيات انساني جو تفسير ڄاڻندا هجن:

ببين تفاوت راه از کجاست تابہ کجا.

اقبال هن تفصيل کي پنهنجي موت کان ٿورو اڳ ,,ارمغان حجاز، ۾ درج ڪيو آهي. سندس حياتي ۾ شايد اهو آواز سندس ڪنن تائين پهتو هو، جنهن کان تنگ ٿي هن بالغ نظر مفکر مٿين شڪايت بارگاهہ نبوي صلي‌الله عليه وسلم ۾ عرض رکي آهي:

بہ آن رازے کہ گفتم پے نبردند
زشاخ نخل من خرما نخوردند
من اے پیر امم داد از تو خواهم
مرا یاراں غزلخوانے شمردند.

ترجمو- اهو راز جو مون ٻڌايو، انجي پٽ نہ ورتائون، منهنجي ٻوڪيل کجور جي ميوي کان محروم رهيا. اي امت جا سائين، مان اوهان کان انصاف ٿو گهران تہ مونکي يارن غزل خوان ڪري ڇڏيو آهي.

اقبال رحمةالله عليه جي عظمت جو اعتراف ڪندي، شايد هي اعتراض اٿي تہ اسلام شخصيت پرستي ( Hero worship ) جي سخت برخلاف آهي، ان ڪري اقبال جي ايڏي تعارف جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

هن حقيقت کي سمجهڻ لاء سڀ کان پهريائين هي ڏسڻ کپي تہ شخصيت پرستي جي مراد ڇا آهي؟ سمجهہ واري جي نزديڪ شخصيت پرستي اها شي آهي جا ڪنهن انسان جي ڪنهن قول کي سند کان سواء قبول ڪجي. پر جڏهن سند سان قبول ڪيو وڃي تہ انکي شخصيت پرستي چئي نٿو سگهجي. هڪ مسلمان وٽ يقيني سند قرآن ڪريم آهي. جڏهن ڪو مسلمان ٻئي مسلمان کي نجات جي طرف سڏي ٿو ۽ اڳلو انکي قبول ڪري ٿو، تڏهن هي متابعت مسلمان ناصح جي نہ آهي، مگر قرآني سند جي متابعت آهي. شخصيت پرستي جي اصول کي سمجهڻ لاء، حضرت فاروق اعظم رضہ جي عهد مبارڪ جي ان حديث دل نشين کي درج ڪريان ٿو، جا تاريخ جي ورقن تي هميشہ لاء ثبت رهندي.

روايت آهي ته مسجد نبوي ۾ هڪ دفع ان اولي‌العزم خليفي منبر تي ويهي ٻڌندڙن کي خطاب ڪيو ته ”اي مسلمانو جيڪڏهن آءٌ اوهانکي چوان ته خدا ۽ انجي رسول صلعم جي متابعت کي ڇڏي ڏيو ته توهان اها ڳالهه قبول ڪندا.“ مسلمانن جي مجمعي ۾، پاڪ اصحاب جو اهو گروهه شامل هو، جنهن جي لاءِ حضور جو فرمان مقدس آهي ته منهنجا اصحاب ستارن مثل آهن، انهن مان جنهن جي به ڪنهن پٺ ورتي، انکي هدايت ملندي. ان پاڪ ٽولي حضرت عمر جي گفتار کي ٻڌي ٽوريو، ته هڪ اعرابي پوئين صف مان اٿيو ۽ شمشير بڪف ٿي، پڪاري چيائين ”اي عمر تون ايستائين اسانجو امير آهين، جيستائين تو خدا ۽ انجي رسول جي حڪمن جي متابعت ڪندو رهين ٿو، پر جيڪڏهن تون انکان پري وڃين ته هي تلوار تنهنجو فيصلو ڪري ڇڏيندي.“ حضرت عمر منبر کان هيٺ لهي اعرابي جي مٿي تي شفقت سان هٿ ڦيريندي چيو ته ”برابر مومن جو قلب شخصيت جي رعب کان مرعوب ٿيڻ نه گهرجي.“

”آهه مقدم دين ان کانپوءِ عمر.“

علامه اقبال پنهنجي دور ۾ سياست قرآني جو بلاريب امام هو. هن پنهنجي فراست ايماني جي روشني ۾، مسلمانن جي عروج ۽ زوال جي اسباب تي گهري تنقيدي نگاهه وڌي آهي. هن مسلمانن کي قرآن سان ويجهي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪلام کي پڙهندي عقيدت پيدا ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن اسين ڏسون ته سندس قول قرآن سان ٽڪر کائي ٿو، ته يقيناً انکي ٺوڪر هڻڻ وجي. اقبال جو ڪلام،

”چراغ راهه آهه منزل نه آهي.“

هو اسانکي پنهنجي تدبر جي روشني ۾، قرآن حڪيم تائين پهچائي ٿو. جيئن ته هن پنهنجي عمر جو وڏو حصو موجوده دور جي سياسي مسئلن ۽ فلسفيانه حقيقتن جي مطالع ۾ صرف ڪيو آهي ۽ قرآني تعليم جو پنهنجي تصنيفن ۾ هڪ نقش تيار ڪيو آهي انڪري اسانکي ان روشني ۾ قرآن حڪيم تائين پهچڻ آسان ٿي ويو آهي. اهوئي آهي، حضرت اقبال رحمةالله عليه جي پيغام سان اسانجي عقيدت جو سبب.

اقبال بيشڪ وڏو شاعر ۽ ان کان زياده مفڪر هو ۽ ان جو پيغام هڪ عالمگير اجتهاد آهي. سندس نالو تاريخ جي ورقن تي سدائين چمڪندو رهندو ۽ دلين کي تجلي ڏيندو رهندو. هو اسان کان موڪلائي ويو آهي مگر انجو پيغام غير فاني آهي.

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں
ابھی عشق کے امتحاں اور بھی ہیں
تہی زندگی سے نہیں یہ فضائیں
یہاں سیکڑوں کارواں اور بھی ہیں.

ضرورت آهي ته اسين سندس ڇڏيل علمي دولت کي سمجهون ۽ هر مسلمان جي ڪن تائين پهچايون، تانجو سندس ڏنل پيغام جي تڪميل ٿي وڃي.

اسی روز و شب میں الجھ کر نہ رہ جا
کہ تیرے زمان و مکاں اور بھی ہیں.

هي ڪيتري قدر نه تاسف انگيز حقيقت آهي ته هن وقت تائين سنڌي زبان ۾ ڪوبه ڪتاب علامه اقبال تي شايع ٿي نه سگهيو آهي، جنهن جي سنڌ وارن کي تمام گهڻي ضرورت هئي. هن خال کي پرڻ لاءِ آءٌ، هي ڪم پنهنجي ذمي ورتو آهي.

ڪتاب جي هنن ورقن ۾ علامه موصوف جي سوانح حيات تي سير حاصل لکيو ويو آهي. جيڪڏهين حيات مستعار وفا ڪئي، ته علامه موصوف جي تصنيفات ۽ عالمگير پيغام تي ايترو لکيو ويندو، جيترو قومن جي خودي جي بقا لاءِ ضروري آهي.

گورمنٽ ڪاليج، شڪارپور، لطف الله بدوي.

١٧، جولاءِ ١٩٥٠ع

## سوانح حيات

هزارين سال نرگس پنهنجي بي نوري تي روئي ٿي،
وڏي مشڪل سان گلشن ۾، ٿئي ٿو ديده ور پيدا.

# خاندان

ڪشمير جنت نظير جي روماني وادي، جنهن تي هن وقت ڀارت جي استبداد جو آهني چنبو لڳل آهي، اهو دلفريب ۽ دلڪش قطعهٔ ارضي آهي، جنهن جي متعلق مغرب ۽ مشرق جي شعراء گهڻو ڪجهه لکيو آهي. عرفي جو اڪبري دور جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي، ڪشمير جي متعلق پنهنجي جذبي جو هيئن ٿو اظهار ڪري:

هر سوخته جانے که بکشمير در آيد
گر مرغ کباب است بابال و پر آيد

خود رو گلن سان ڀريل ماٿريون، بنفشه ۽ زعفران زار، سرو ۽ چنار قطار در قطار، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪوهن تائين پکڙيل نظر ايندا. هماليه جون آسمان سان گسندڙ برفاني چوٽيون، انهن حسين وادين مان عجيب عظمت سان چمڪنديون نظر اچن ٿيون. انهن دلڪش نظارن جي باعث ڪشمير جي لاءِ اهل دل جو قول آهي:-

اگر فردوس بر روئے زمين است
همين است و همين است و همين است.

ڪشمير جي وادي کي هندستان جي مايه ناز مفڪر علامه محمد اقبال جي

آبائي وطن هئڻ جو شرف حاصل آهي. جنهن جو ذڪر هيئن ٿو فرمائي:—

موتي عدن سے لعل ہوا ہے یمن سے دور
یا نافۂ غزال ہوا ہے ختن سے دور
ہندوستان میں آئے ہیں کشمیر چھوڑ کر
بلبل نے آشیانہ بنایا چمن سے دور

قريباً ٻه سو ورهيه گذريا، علامه محمد اقبال جو هڪ وڏو ڪشمير مان هجرت ڪري، اچي سيال ڪوٽ ۾ رهيو. هو ڪشمير مان ڪهڙي سبب هجرت ڪري آيو، ان بابت ڪابه خبر نه ٿي پئجي سگهي. مغليه حڪومت جي زوال ڪانپوءِ ڪشمير هميشه انقلابن جو آماجگاهه بڻيو رهيو. شايد ان پر آشوب وقت جي بدنظمي، ان کي سيالڪوٽ ڏانهن هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيو هجي.

علامه موصوف جا وڏا سپر و گوت جا ڪشميري پنڊت هئا، جنهن جو اعتراف خود علامه پنهنجي شعر ۾ ڪيو آهي. جيئن فرمائي ٿو:—

میر و مرزا به سیاست دل و دین باختہ اند
جز برهمن پسرے محرم اسرار کجاست.

ٻي جاءِ تي هن اعتراف کي نهايت لطيف پيرايه ۾ ادا ڪري ٿو:—

مرا بنگر کہ در هندوستان دیگر نمے بینی
برهمن زادۂ رمز آشنائی روم و تبریز است.

انهن پنڊتن جي شاخ اڄ به ڪشمير ۾ موجود آهي. چيو وڃي ٿو ته صديون اڳ علامه جي اجداد مان هڪ صاحب مسلمان ٿيو هو. ان بزرگ جو ايمان آڻڻ هڪ ڪامل ولي جي طفيل ليکيو وڃي ٿو، والله اعلم بالصواب.

پنهنجي آبائي وطن ڪشمير سان علامه اقبال جي بيحد الفت هئي. هو ڪيترو وقت آل انڊيا ڪشمير ڪانفرنس جو •صدر ٿي رهيو، ۽ دفعه ڪشمير جي سابق مهاراجا پرتاب سنگهه انجهاني جي دعوت تي ساڻس مليو هو ۽ کيس ڪشميرين جي ترقي ۽ بهبودي جون رٿون ڏنيون هئائين. پنهنجي تصنيفات ۾ ڪشميرين جي المناڪ ۽ غلامانه زندگي جا گهرا تاثر ڏنا اٿس. هڪ هنڌ انهن جي حالت زار جو نقش هيئن ٿو ڪڍي:—

ڪشيري ڪه با بندگي خو گرفته
بتے مي تراشد ز سنگے مزارے.
ضميرش تهي از خيال بلندے
خودي ناشناسے ز خود شرمسارے.
بريشم قبا خواجه از محنت او
نصيب تنش جامئه تار تارے.
نه در ديدهٔ او فروغے نگاهے
نه در سينئه او دل بيقرارے.
سرت گردم اے ساقئے ماه سيما
بيار از نيا گان ما يادگارے.

سيالڪوٽ، پنجاب جي الهندي ڇيڙي تي هڪ مختصر شهر آهي، جنهن ۾ تنگ جايون ۽ تنگ گهٽيون آهن. درهٔ خيبر کان فاتحن جا

ڪاروان هن شهر ڪان هميشه ٿي گذريا آهن، جنهن ڪري هن شهر کي اتر هندستان ۾ وڏي تاريخي حيثيت ٿي رهي آهي. ڪشمير جي خنڪ هوائن جي باعث، سندس آب و هوا معتدل آهي. سرحدي شهر هئڻ سبب هتان جا رهندڙ گهڻو جوشيلا آهن. سنه ۱۸۵۷ع ۾ ناڪامياب انقلاب جي وقت، پنجاب، ڪرنل لارينس جي تدبير سان انگريزن جو وفادار ساٿي رهيو. مگر فيروز پور، لڌيانه، ۽ سيالڪوٽ اهڙا شهر هئا، جن هن شورش ۾ ڀرپور ورتو. جيڪڏهن انگريزي آفيسر عقلمندي ڪان ڪم نه وٺن ها، ته شايد اتانجا شعلا سڄي پنجاب کي وڪوڙي وڃن ها. سيالڪوٽ ۾ اگرچ اهڙي ڪابه دلڪش ڪشش ڪانه آهي، جا ڪنهن سياح کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، پر هن ۾ ڪو شڪ نه آهي ته انجي زمين مردم خيز آهي. هن خاڪ تي وڏا وڏا عالم ۽ بزرگ پيدا ٿيا آهن. هن پوئين زماني ۾ ايشيا جي وڏي شاعر ۽ مفڪر جي ولادت جو شرف به هن زمين کي حاصل ٿيو، جنهن تي پنجاب کي هميشه فخر ۽ ناز رهندو. بقول مولانا عبدالله العمادي:—

تجهه پہ اے پنجاب نازل ہو خدا کی رحمتیں
ایک تو اقبال کی دولت سے مالا مال ہے
ہم نے مانا تو نہیں مسحور تہذیب فرنگ
تجهہ میں سب کچهہ ہے اگر اسلام اور اقبال ہے.

علامه اقبال جي والد محترم جو نالو شيخ نور محمد هو. هو نيڪ ۽ الله وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. سيالڪوٽ ۾ انجو ننڍڙي

پٽماني تي ڪاروبار هو. هو جيڪڏهن چاهي ها ته انکي وڏائي گهڻي دولت ڪمائي سگهي ها، مگر دنيا جي ڌنڌن ۾ انجو جيءُ نٿي لڳو، انڪري ٿوري آمدني تي به نهايت شڪر ۽ صبر سان تي زندگي گذاريائين. شيخ نورمحمد کي الله وارن وٽ ويهڻ ۽ دين جي ڳالهين ٻڌڻ جو بيحد شوق هوندو هو. هو پنهنجي نيڪي ۽ پرهيزگاري سبب ساري شهر ۾ عزت سان ڏٺو ويندو هو. اسلام جي محبت انجي دل جي ذري ذري ۾ پريل هئي.

جيتري قدر علامه جو والد نيڪ ۽ پرهيزگار هو، ايتري قدر سندس والده نيڪ ۽ عصمت ماب هئي، جنهنجي تعليم ۽ تربيت جو اثر هن عظيم المرتبت مفڪر تي گهڻي قدر پيو، جنهن جو اعتراف هيٺين سٽن ۾ کهڙي نه عمدي طرح ادا ڪيو اٿس:—

تربيت سے میں تیرے انجم کا ہم قسمت بنا
گھر میری اجداد کا سرمایۂ عزت بنا
دفتر ہستی میں تھی زرین ورق تیری حیات
تھی سرا پا دین و دنیا کی سبق تیری حیات.

سندس والده سندس مشهوري ۽ بلند خيالي جو زمانو نه ڏٺو، جنهن جو خود اقبال کي افسوس رهيو. هن پنهنجي والده جي ياد ۾ جا ڏکهي نظم لکي آهي سا فلسفه موت، محبت مادري ۽ ديرينه صحبتن جي تذڪري سان پريل آهي. هو ماءُ جي خدمت کان پنهنجي خالي دامني جو احساس هيٺن ٿو ڏيکاري:—

عمر ساری تیری الفت میری خدمتگر رہی
جب تیری خدمت کے لائق میں ہوا تو چل بسی.

«سيرت اقبال»، جو مصنف لکي ٿو تہ جواني ۾ شيخ نور محمد، ڪنھن اھڙي انگريز آفيسر جي ملازمت ۾ ھو جنھن جي ڪمائي ۾ رشوت جو شبھو ٿي سگھيو ٿي. جيئن تہ شيخ صاحب جي تنخواہ ھر قسم جي شبھي کان پاڪ ھئي، تڏھن بہ علامہ جي والدہ ھرگز انھن ريئن جي خريد ٿيل شي پنھنجي استعمال ۾ نہ آڻيندي ھئي. ڪيتري قدر نہ سندس پاڪ باز حياتي ھئي، جنھنجو مثال موجودہ دور ۾ ملڻ مشڪل آھي».

علامہ جي والد، سندس عزت ۽ شھرت جو زمانو ڏٺو ھو. ھو خوش ھو تہ اقبال تي سندس ڪيل محنت سجائي ٿي.

# اقبال جي ولادت

نعره زد عشق ڪه خونين جگرے پيدا شد
حسن لرزيد ڪه صاحب نظرے پيدا شد.

معنيٰ- عشق آواز ڪيو ته خونين جگر پيدا ٿيو. حسن لرزيو ته صاحب نظر پيدا ٿيو.

سر شيخ عبدالقادر جو پاڪستان جو جليل القدر فرزند هو، جنهن تازو فبروري ١٩٥٠ع ۾ وفات ڪئي، ”بانگ درا“ جي ديباچي ۾ ڪهڙو نه عمدو لکي ٿو:-

”ڪنهن کي خبر هئي ته غالب مرحوم کان پوءِ هندستان ۾ وري ٻيو ڪو اهڙو شخص پيدا ٿيندو، جو اردو شاعري جي جسم ۾ نئون روح ڦوڪيندو ۽ جنهن جي بدولت غالب جو بي نظير تخيل ۽ نرالو انداز بيان وري وجود ۾ ايندو، ۽ ارباب ادب جي ترقي جو باعث ٿيندو. مگر اردو زبان جي خوش اقبالي ڏسو جو هن زماني ۾ اقبال جهڙو شاعر ڪيس نصيب ٿيو، جنهن جي ڪلام جو سڪو سڄي هندستان جي اردو دان دنيا جي دلين تي ويٺل آهي ۽ جنهن جي شهرت روم، ايران بلڪ فرنگستان تائين پهچي چڪي آهي.

غالب ۽ اقبال ۾ گهڻيون هڪ جهڙيون ڳالهيون آهن. جيڪڏهن مان تناسخ جو قائل هجان ها ته ضرور چوان ها ته مرزا اسدالله خان غالب کي جا اردو ۽ فارسي شاعري سان محبت هئي ان

سندس روح کي عدم ۾ به وجي آرام وٺڻ نه ڏنو ۽ کيس مجبور کيو ته وري ڪنهن قالب خاڪي ۾ جلوه افروز ٿي، شاعري جي چمن جي آبياري ڪري ۽ هن پنجاب جي هڪ گوشي ۾ جنهن کي سيالڪوٽ چون ٿا جنم ورتو، ۽ محمد اقبال نالو پاتو.،،

علامه اقبال ۲۲ فيبروري ۱۸۷۳ع مطابق ۲۴ ذوالحج ۱۲۸۹ع ۾ سيالڪوٽ ۾ تولد ٿيو(۱). شيخ نور محمد صاحب کي اقبال جي تولد ٿيڻ کان اڳ هيو فرزند به موجود هو، جنهن جو نالو عطا محمد آهي. پنهنجي وڏي ڀاءُ سان علامه جي بيحد محبت هئي. پنهنجي نظم ، التجائي مسافر، ۾ انجو اظهار هيئن ٿو ڪري:—

وه ميرا يوسف ثاني وه شمع محفل عشق
هوئي هے جس کی اخوت قرار جان مجهکو
جلا کے جس کی محبت نے دفتر من و تو
هوائے عشق میں پالا ، کیا جوان مجهکو
رياض دهر ميں مانند گل رهے خندان
که هے عزیز از جان جان مجهکو

علامه اقبال جي ڀاءُ سان ڪيتري محبت هئي، انجو اندازو هڪ خط سان ٿئي ٿو (۲) جو هن نواب محمد حبيب الرحمان خان شيرواني کي لکيو آهي. سنه ۱۹۰۲ع ۾ سندس ڀاءُ بلوچستان جي سرحد تي سب ڊويزنل آفيسر ملٽري ورڪس هو. دشمنن ٿس هڪ خوفناڪ جرم جي

---

۱. حواله شيخ محمد شفيع ايم. اي. روزنامه احسان لاهور، ۲۷ جون ۱۹۳۸ع .

۲. اقبال نامه، حصه اول ص ٦.

تهمت هيٺ مقدمو داخل ڪيو. علامہ پنهنجي ياءُ جي آزادي لاءِ بيقرار ۽ ديوانہ وار ڪوشش ۾ هو، ۽ ايستائين وطن نہ موٽيو، جيستائين ان کي ان تهمت کان نجات نہ ملي.

علامہ اقبال جي پروقار ناليءَ تجويز تيئن تي سر شيخ عبدالقادر لکيو آهي:—

”جڏهن شيخ محمد اقبال جو والد بزرگوار ۽ پياري ماءُ، سندس نالو تجويز ڪري رهيا هئا، تڏهن قبول دعا جو وقت هو، جو آنهن جو ڏنل نالو پنهنجي پوري معنيٰ ۾ ثابت ٿيو.“

سر موصوف جي عبارت ڪيتري قدر نہ صداقت سان پربل آهي، سچ ۾ اقبال حقيقي معنيٰ ۾ اقبال تي چمڪيو.

---

( ٣ )

# ننڍپڻ

دنيا ۾ ننڍپڻ عجيب دلفريبين جو زمانو ٿئي ٿو. هو انسان جي فطري آزادي ۽ راحت جو دور آهي. ان دور ۾ جا راحت پري چيز آهي، سا آهي ماءُ جي هنج. علم النفس جي ماهرين جو خيال آهي ته معصوم ٻار تي والدين ۽ ماحول جو گهڻو اثر پوي ٿو، اهوئي سبب آهي، جو مغربي نقادن، ٻارن کي ننڍي عمر ۾ مڪتب ۾ اچڻ جي ترغيب ڏني آهي، جيئن هو ماهر استادن جي علم ۽ هنر کان مستفيد ٿيندا رهن. فلسفہ تعليم جا ڄاڻندڙ هن نظريہ تي متفق آهن، ته ٻار تي والدين جو جسماني ۽ روحاني اثر پوي ٿو (١). ماءُ جو ته تان زياده ٻار تي اثر پوي ٿو. علامہ اقبال ان راحت ڀري هنج جو پوري ريت واقف هو. هن انجو ذڪر پنهنجي شعر ۾ نهايت دلفريب الفاظ ۾ ڪيو آهي، ۽ ان سان گڏ عهد طفلي جي ونڊر جا تاثر، نهايت سادگي سان بيان ڪيا اٿس. فرمائي ٿو:-

تھی دیار نو زمین و آسمان میرے لئے
وسعت آغوش مادر اک جہان میرے لئے
تھی ہر اک جنبش نشان لطف جاں میرے لئے
حرف بی مطلب تھی خود میری زباں میرے لئے
درد طفلی میں اگر کوئی رلاتا تھا مجھے
شورش زنجیر در میں لطف آتا تھا مجھے.

---

١. روسيو جي ايملي. فروبيل ۽ مانٽيسوري.

هن هيٺ هڪ واقعو ڏيانٿو، جنهن مان خبر پوندي ته هو ننڍپڻ ۾ ڪهڙي ماحول ۾ نپنو ٿي. «رموز بيخودي»، ۾ اقبال لکي ٿو:-

”هڪ فقير قضائي مبرم وانگر منهنجي گهر جي دروازي تي سانده صدائون ڪرڻ لڳو. مان ڪاوڙ مان هنجي مٿي تي لٺ هڻي ڪڍي، جنهن ڪري سندس گودڙي مان پن جي خيرات هارجي پئي. هو ننڍپڻ هو، جنهن ۾ گناه ۽ ثواب جي تميز نه رهندي آهي. منهنجو پيءُ منهنجي حرڪت کان بگڙيو، ۽ سندس لعل منهن ڪومائجي ويو. انجي اکين ۾ پاڻي جو ستارو چمڪيو ۽ ڪريو. ان پکي وانگر جو خزان جي مند ۾ صبح جي هوا کان آکيري ۾ لرزي اٿندو آهي، منهنجي بدن ۾ بي خبر جان ڏڪي، ۽ صبر هٿن مان ڇڏائجي ويو. ايتري ۾ والد چيو، ته سڀائي جڏهن پروردگار جي سامهون، سموري امت گڏ هوندي، تڏهن آءٌ آت تنهنجي حرڪت لاءِ ڪهڙو جواب ڏيندس.“

| | |
|---|---|
| اند کے اندیشه یاد آراۓ پسر | اجتماع امت خیرالبشر، |
| باز ایں ریش سفید من نگر | لرزۂ بیم و آمید من نگر، |
| بر پدر ایں جور نا زیبا مکن | پیش مولا بندہ را رسوا مکن. |

ترجمو- ٿورو خيال ڪر پٽ! حضور سرور ڪائنات جي امت جي ميڙاڪي کي ياد ڪر، پوءِ وري منهنجي سفيد ڏاڙهي ڏي نهار، ۽ منهنجي اميد ۽ خوف جي ساعت کي سمجهه، پيءُ جي مٿان هي نازيبا ستم نه ڪر، مولا جي اڳيان ٻانهي کي بڇڙو نه ڪر.

خانبهادر اڪبر حسين الهآبادي، جو شعر جي دنيا ۾ «لسان العصر»، جي لقب

سان مشهور آهي، اقبال جي سچي عظمت جو راز، سندس والدين جي تربيت ۾ لڪل ٿو ڏيکاري. هن هڪ نظم ۾ آنجو انڪشاف هيئن فرمايو آهي:—

حضرت اقبال میں جو خوبیاں پیدا ہوئیں،
قوم کی نظریں جو اُن کی طرز کی شیدا ہوئیں،
یہ حق آگاہی یہ خوشگوئی یہ ذوق معرفت،
یہ طریقۂ دوستی یہ خود داریٔ با تمکنت،
اُس کے شاہد ہیں اُنکے والدین ابرار تھے،
با خدا تھے، اہل دل تھے صاحب اسرار تھے،

سيد سليمان ندوي (١)، جو پارت ۽ پاڪستان جي اڪابر علماء ۾ شمار ٿئي ٿو، هڪ هنڌ علامہ جي زباني سندس ننڍپڻ جي هڪ روايت ڏني ٿو، جنهن مان آن جليل‌القدر هستي جي عهد طفلي جي تربيت تي، جا ڪيس والدين ڪان ملندي ٿي رهي، ڪافي روشنائي ٿي پوي. سيد سليمان ندوي هي ڪهاڻي علامہ اقبال ڪان سفر ۾ ٻڌي هئي، جڏهن هو قندار ڪان ڪوئٽي گڏجي موٽي رهيا هئا.

”عجيب اتفاق هو، رستو خطرناڪ در پيش هو، ڊاڪٽر اقبال صاحب روحانيت جي ذاتي مشاهدات، تجربن ۽ هڪ سچي پير جي تلاش تي گفتگو شروع ڪئي. گفتگو پنهي طرفن ڪان دلچسپي سان ٿي رهي هئي. موجوده عهد جي جدا جدا شيوخ، ۽ سلسلي جي بزرگن جو ذڪر هليو. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي آغاز زندگي جو ذڪر ڇيڙيو.“ پوء

١. سيد موصوف تازو ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو.

پنهنجي والد مرحوم جو ذڪر ڪيائين ته هو هڪ صاحبدل صوفي هو، ۽ ديندار علمائن جي صحبت ۾ رهندو هو. آن سلسلي ۾ معلوم ٿيو ته اسانجي جليل القدر مفڪر جي حسيات خفته جي تارن ۾، جنهن مضراب حرڪت پيدا ڪئي، آها خود آنجي والد جي ذات بابرڪات هئي. دوران گفتگو ۾، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ننڍپڻ جي دور جي هڪ قصي کي بيان ڪندي، پنهنجي والد مرحوم جو هڪ اهڙو فقرو ٻڌايو، جنهن منهنجي دل تي بيحد اثر ڪيو. فرمايائين ته پنهنجي وطن سيالڪوٽ ۾ صبح جي نماز کانپوءِ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندو هوس، صبح جي نماز کانپوءِ، دستور موجب تلاوت ۾ مشغول هوس ته والد مرحوم اچي نڪتو، ۽ پڇيائين ته ڇا ڪري رهيو آهين؟

مون چيس ته تلاوت ڪري رهيو آهيان. فرمايائين ته جيستائين تون اِئين نه سمجهين ته قرآن تنهنجي قلب تي اهڙي ريت لٿو آهي، جيئن حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي قلب اقدس تي لٿو هو، تيستائين تلاوت جو مزو نه آهي.،،

ڪيتري قدر خوش نصيب هو اقبال، جنهن کي ننڍپڻ آها تربيت ملي، جا اڄ محقق استادن جي سامهون، گوڏي پيڻ سان به مشڪل حاصل ٿي ٿي. سندس زندگي جو جائزو، هن ڳالهه کان ڪڏهن به انڪار نه ڪري سگهندو، ته اقبال جي اندر جا روشني ۽ گرمي پيدا ٿي، تنهن ۾ سندس والدين جي تربيت جو گهرو اثر هو. موجوده دور جي نوجوانن لاءِ هن بي نظير مفڪر جو ننڍپڻ قابل تقليد آهي.

ربط ايام است مارا پيرهن سوزنش حفظ روايات کهن.

ترجمہ - ربط ايام اسانجو ڪڙتو آهي، ۽ آنجي سبڻ لاءِ سئي آهي، گذريل وقت جي روايتن کي ياد ڪرڻ.

( ۴ )

# تعليم

جهڙي ريت اقبال جي عظمت جو سمجو راز، سندس والدين جي تربيت ۾ لڪل آهي، اهڙائي ڪيس استاد مليا، جي علم ۽ فن ۾ يگانهٔ روزگار هئا. انهن استادن جيءَ فيض جي صحبت ڪان اقبال ڪي ارفع ۽ اعليٰ مقام حاصل ٿيو. سندس تعليم جو ذڪر بيحد دلچسپ آهي. هن جنهن استقلال، ذوق ۽ بلند حوصلہ سان علم جون منزلون درجي بدرجي طئي ڪيون، سي هڪ طالب علم جي لاءِ چراغ راه آهن. آنوقت جي تعليم ۾ سرا پا رحمت هئي، ان طريقهٔ تعليم جي ذري ذري سان اعليٰ اخلاق ۽ احترام انسانيت ٽي بکي، جنهن جو اڄ فقدان ٿو نظر اچي. موجوده دور جي تعليم جي طريقي تي اقبال پنهنجي شعر ۾ جو تبصره ڪيو آهي، سو لکائڻ جي لائق نہ آهي:—

خوش تو ہیں ہم بھی جوانوں کی ترقی سے مگر
لب خنداں سے نکل جاتی ہے فریاد بھی ساتھ،
ہم سمجھتے تھے کہ لائے گی فراغت تعلیم
کیا خبر تھی کہ چلا آئے گا الحاد بھی ساتھ،
گھر میں پرویز کے شیریں تو ہوئی جلوہ نما
لے کے آئی ہے مگر تیشهٔ فرہاد بھی ساتھ،
تخم دیگر بکف آریم و بکاریم زنو
کانچہ کشتیم ز خجلت نتواں کرد درو.

ڪيتري قدر نہ اقبال، موجوده دور جي طريقهٔ تعليم ڪان نا اميد هو!

اقبال جي تعليم جي شروعات مڪتب کان ٿي. مسجد جي تنگ حجري ۾ هن هونهار طالب علم، پنهنجي علمي سفر جي پنڌ ۾ پهريون قدم رکيو. شيخ نور محمد ٿوري وقت کان پوءِ پنهنجي اقبال مند فرزند کي سڪول ۾ داخل ڪيو، مگر ان سان گڏ کيس تاڪيد ڪيو ته ملا وٽ ۾ وڃي پنهنجي سلسلہ تعليم کي جاري رکي. ان زماني ۾ اقبال کي اهو شفيق استاد مليو، جنهن اڳتي هلي، سندس علمي زندگي ۾ هڪ عجيب انقلاب آڻي وڌو. ان بزرگ هستي جو نالو شمس العلماءُ سيد مير حسن هو. اقبال پنهنجي شعر ۾، پنهنجي استاد لاءِ هن ٿو خراج عقيدت پيش ڪري:—

وہ شمع بارگہ خاندان مرتضوی
رہے گا مثل حرم جس کا آستاں مجھکو،
نفس سے جس کے کھلی میرے آرزو کی کلی
بنایا جس کی مروت نے نکتہ داں مجھکو،
دعا یہ کر کہ خداوند آسمان و زمیں
کرے آس کی زیارت سے شاداں مجھکو.

سيد مير حسن سيالڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. انوقت اها ڪنهن کي به خبر نہ هئي تہ وڏي هوندي هي ٻار، بدخشان شعر جي ڪوهہ نور کي پنهنجي جواهر تراش هٿن سان سينگاري تاج ادب کي تجلي ڏيندو. ستن سالن جي عمر ۾ حفظ قرآن کان فارغ ٿي، علوم مروجہ جي طرف رجوع ٿيو، ۽ سورهن ورهن جي ڄمار ۾ تڪميل ڪري ورتائين. اهڙي ننڍي ڄمار ۾، قوم جي نونهالن جي تعليم ۽ تربيت جو سلسلو شروع ڪيائين.

ٿوري وقت ڪانپوءِ هو مشن سڪول سيالڪوٽ ۾ استاد مقرر ٿيو، ۽ سڄي عمر مشن سوسائٽي جي ملازمت ۾ گذاري ڇڏيائين. شمس العلماء محمد حسين آزاد، مصنف ”آب حيات“، جي موت تي جڏهن گورنمنٽ ڪاليج لاهور وارن کيس پروفيسري جي آڇ ڪئي؛ تڏهن هن مشن سوسائٽي جي احسان کي ياد رکندي، ايڏي وڏي عهدي کان انڪار ڪري ڇڏيو. پهريائين ابتدائي جماعتن کي حساب، پارسي، عربي ۽ جغرافيه پاڙهيندو ٿي رهيو. بقول سر عبدالقادر مرحوم ”سندس تعليم جو مقصد ٿي رهيو ته شاگردن جي دل ۾ حصول تعليم لاءِ صحيح مذاق پيدا ٿي وڃي.“ پرائمري معلمي کان ترقي ڪندي ثانوي جماعتن جو استاد مقرر ٿيو. مشن سڪول جڏهن ترقي ڪري ڪاليج بڻيو، تڏهن مولوي صاحب عربي ۽ فارسي جو پروفيسر مقرر ٿيو. ٦٣ سالن جي ڊگهي ملازمت کانپوءِ، اکين کان معذور ٿي ملازمت کان سبڪدوش ٿيو، ۽ کيس ١٠٠ روپيه پينشن مقرر ٿي ملي. هن برگزيده هستيءَ، سال ١٩٢٩ع ۾ وفات ڪئي.

سيد مير حسن، جنهن اشتياق ۽ ڪوشش سان اقبال کي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي، ۽ جنهن نموني سان ان لائق شاگرد علمي درجا استاد جي سامهون طئي ڪيا، ان لاءِ هڪ جدا ڪتاب جي ضرورت ٿيندي. مرزا اسدالله غالب، جنهن جو، اردو ۽ فارسي شاعري ۾ بلند درجو آهي، ملا عبدالصمد ايراني جي صحبت کان ڪمال حاصل ڪيو. ساڳي حالت اقبال جي آهي. سندس علمي ۽ عملي اعليٰ مدارج جي تڪميل ۾ سيد مير حسن جي تربيت کي وڏو دخل آهي. ان ڪري اقبال جي استاد سان، بيحد عقيدت هئي. هو انهن شاگردن مان نه هو، جي سبق ملڻ کان پوءِ بل ڏيڻ جا عادي هجن. علامه اقبال جتي موجوده طريقه تعليم

کان نا اميد هو، اتي، هو موجوده دور جي شاگردن جي تنگ ذهنيت جو ب شاڪي هو. فرمائي ٿو:—

تھے وہ بھی دن کہ خدمت اُستاد کے عوض
دل چاهتا تھا ہدیۂ دل پیش کیجیئے.
بدلا زمانہ ایسا کہ لڑکا پس از سبق
کہتا ہے ماسٹر سے کہ بل پیش کیجیئے.

ڪيتري قدر نہ هي موجوده طريقۂ تعليم جو تاريڪ پهلو آهي، جنهن تي خداوندان تعليم جيتري قدر ب افسوس ڪن، بجا آهي. حقيقت ۾ آهو شاگرد، جو اُستاد جي عزت کان ناواقف آهي، ان وٽ اخلاق ۽ ادب جي رسائي ڪٿي ٿي سگهي ٿي. هن دور ۾ انجي اميد رکڻ ئي اجائي آهي.

اقبال چوٿين درجي ۾ پڙهي رهيو هو، ته هڪ ڏينهن سندس والد سيد مير حسن وٽ لنگهي آيو، ۽ چيائينس ته:—

”مولوي صاحب، اقبال هينئر چوٿين درجي ۾ آهي، آخر هو انگريزي پڙهي ڇا ڪندو، ڇو نہ هن کي مذهبي تعليم ڏجي، جنهن مان سندس عاقبت ب سڌري ۽ سندس دل ۾ قوم جي خدمت جو خيال ب پيدا ٿي.“

شيخ نور محمد جي اها آرزو حق بجانب هئي، ان وقت انگريزي تعليم معيوب ٿي سمجهي وئي، ۽ ان کان ماڻهو بي حد متاثر هئا. مولوي صاحب شيخ صاحب جي گفتگو خاموشي سان ٻڌندو رهيو. سندس خيال ٻڌڻ کان پوءِ ڪيس چوڻ لڳو ته ”هي ٻار مسجد جي تنگ ۽ تاريڪ حجري ۾ پڙهڻ لاءِ نہ آهي، بلڪ سڪول ۾ پڙهڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي.“

شيخ صاحب، سيد صاحب جي دل سان عزت ڪندو هو، ۽ ان ڪي پنهنجي خاندان جو خير خواه ڄاڻندو هو. اِنهيءَ ڪري سندس فيصلو ٻڌي، مطمئن ٿي ويو، ۽ اقبال سڪول ۾ ئي پڙهندو رهيو. قضا و قدر جو فيصلو ۽ اهو هو ته اقبال سڪول ۾ پڙهي، موجوده تهذيب سان آشنا ٿئي، ۽ درمانده قوم کي صراط‌المستقيم ٻڌائي سگهي. سيد مير حسن جو اهو وڏو احسان مسلمانن تي هو. اقبال جي سڪول جي زندگي جو ذڪر آهي ته هڪ ڏينهن ڪيس سڪول پهچڻ ۾ دير ٿي، ماستر صاحب ڪانئس پڇيو ته:

”اقبال دير سان آيو آهين؟“

ننڍڙي شاگرد بنا هٻڪ چٽي ڏنو، ته ”سائين اقبال هميشه دير سان ايندو آهي.“

ننڍڙي عمر ۾ هي جواب! سندس استاد، هن حاضر جوابي تي دنگ رهجي ويو.

شيخ سعدي سچ فرمايو آهي:—

بالائي سرش ز هوشمندي  مي تافت ستارهٔ بلندي.

اقبال ايف - اي جي تعليم تائين سيد مير حسن جي تعليم کان مستفيد ٿيندو رهيو. قابل استاد، لائق شاگرد کي، عربي ۽ فارسي سان گڏ اسلاميات ۽ علم حڪمت جي تعليم ڏئي مستقبل جي راهه جو، رازدار بڻائي ڇڏيو. هي حيرت جهڙي ڳالهه آهي، ته هن اعليٰ دماغ شاگرد، مڊل جي تعليم کان، ايم-اي تائين، اعزاز ۽ وظيفه پئي کنيا.

جيتري قدر، شاگرد جي استاد سان محبت هئي، ان کان زياده استاد جي شاگرد سان هئي. چيو وڃي ٿو ته جڏهن اقبال کي گورنمنٽ ،نائيٽ، جو اعليٰ خطاب ڏيڻ چاهيو، تڏهن ان ايستائين خطاب کي قبول ڪرڻ نه گهريو، جيستائين سندس استاد کي شمس العلماءُ جو خطاب نه مليو.

علامه اقبال باوجود ايڏي شهرت ۽ عظمت جي، جڏهن سيالڪوٽ ۾ استاد جي خدمت ۾ پهچندو هو، ته هو پنهنجي شفيق استاد جي سامهون پنهنجي سڀني عظمت کي پري رکي، ان ئي شاگرد جي حيثيت ۾ سائس ملندو هو. هي هئي ان دور جي شاگردي ۽ استادي.

ياد ايام سلف سے دل کو تڑپاتاهوں ميں.

---

( ٥ )

# اعلىٰ تعليم

ايف-اي جي ڪاميابي ڪانپوءِ، اقبال کي وڌيڪ تعليم جاري رکڻ لاءِ لاهور اچڻو پيو، ڇو ته سيالڪوٽ جي سڪاچ مشن ڪاليج ۾ انوقت فقط ايف-اي تائين تعليم تي ملي. سنه ١٨٩٥ع ۾ هو گورمنٽ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. سنه ١٨٩٧ع ۾ بي-اي ۾ وڏي ڪاميابي سان پاس ٿيو، ۽ کيس ٻه سونا تمغا ۽ سڪالرشپ ملي.

ان زماني ۾ سر ٽامس آرنلڊ، محمدن ڪاليج علي ڳڙهه کان استعفا ڏيئي، گورمنٽ ڪاليج لاهور ۾ اچي ويو هو. اقبال هن مشهور استاد کان گهڻو فيض حاصل ڪيو.

ٽامس واڪر آرنلڊ ١٩- اپريل ١٨٦٤ع ۾ انگلنڊ جي هڪ شهر ڊيون پورٽ ۾ پيدا ٿيو. سورهن ورهين جي عمر ۾، هو سٽي آف لنڊن سڪول ۾ داخل ٿيو، جتي هن سنسڪرت جو اڀياس ڪيو. سنه ١٨٨٣ع ۾ هو ڪيمبرج جي ميگڊلن ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتي هن مشهور مستشرق پروفيسر رابرٽسن کان عربي ۽ فارسي پڙهي، اسلامي ادبيات تي عبور حاصل ڪيو. انگلستان جي مشهور اديب سر والٽر رئلي جي سفارش تي، علي ڳڙهه ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. علي ڳڙهه ڪاليج ۾ سندس تعلقات علامه شبلي مرحوم سان نهايت گهرا ٿيا، ۽ ان ملازمت جي زماني ۾ «تبليغ اسلام» جو مشهور ڪتاب لکيائين، جو اسلامي دنيا ۾ گهڻو مشهور آهي. امير عبدالرحمان خان والي افغانستان کيس پنهنجي ملازمت ۾ وٺڻ گهريو، مگر

هن انڪار ڪيو. آرنلڊ گورنمنٽ ڪاليج لاهور مان مستعفي ٿي، انگلنڊ روانو ٿيو، جتي انڊيا آفيس جي ڪتبخاني جو نائٽ مئنيجر مقرر ٿيو، ۽ پوءِ لنڊن يونيورسٽي ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. پوئين وقت ۾ مصر ۽ قسطنطنيه ۾ پنهنجي تصنيفات جي سلسلي ۾ آتي وڃي رهيو. هي باڪمال شخص ٩- جون سنه ١٩٣٠ع ۾ وفات ڪري ويو.

اقبال آرنولڊ جي صلاح سان ايم-اي ۾ فلسفه ڪنيو. استاد شاگرد جي، قابليت کان ايتري قدر ته متاثر ٿيو، جو هن شاگرد کي پنهنجي دوستن جي دائري ۾ داخل ڪيو. سندس خداداد قابليت کان متاثر ٿي اڪثر چوندو هو ته ,,اهڙو شاگرد، محقق استاد کي محقق تر بڻائي ٿو.،،

سنه ١٨٩٩ع ۾ اقبال ايم-اي پاس ڪيو ۽ يونيورسٽي ۾ اول اچڻ سبب، چانسيلر جي سوني تغمي جو حقدار بڻيو. هن امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ، علامه کي اورينٽل ڪاليج ۾، تاريخ ۽ فلسفه جي لاءِ ليڪچرار جي جاءِ ملي وئي، ۽ ٿوري وقت کانپوءِ، گورمنٽ ڪاليج ۾، فلسفه ۽ انگريزي جي پڙهائڻ لاءِ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو. جهڙي ريت اقبال هڪ هونهار ۽ ذهين طالب علم ٿي رهيو، ساڳي ريت پاڻ استاد جي درجي تي به اهڙوني لائق ثابت ٿيو. سندس شاگرد سندس ليڪچرن تي عاشق هوندا هئا، ۽ سندس آفيسر هميشه سندس مدح خوان رهيا.

# ( ٦ )

## يورپ جو سير

اقبال کي شروعات کان ئي تحصيل علم جو شوق هو. علمي ترقي سان گڏ شوق به وڌندو رهيس. سندس شفيق استاد آرنلڊ ملازمت جي مدت ختم ڪري، ولايت هليو ويو. ڪجهه استاد جي ڪشش، ڪجهه علمي خواهش، آخر ڪيس يورپ وٺي وئي. ”ناله فراق“ جي مشهور نظم، جا هن پنهنجي استاد جي ياد ۾ چئي آهي، ان مان پتو پوي ٿو، ته هو ڪيتري قدر نه پنهنجي استاد لاءِ بيقرار ٿي رهيو:—

جا بسا مغرب میں آخر اے مکاں تیرا مکیں
آہ! مشرق کی پسند آئی نہ اس کو سر زمیں،
آگیا آج اس صداقت کا میرے دل کو یقیں
ظلمت شب سے ضیائے روز فرقت کم نہیں
تا ز آغوش و داعت داغ حیرت چیدہ است
ہمچو شمع کشتہ درچشمم نگہ خوابیدہ است.

سر عبدالقادر ”بانگ درا“ جي تمهيد ۾ لکي ٿو ته ”جا دوستي ۽ محبت، شاگرد ۽ استاد جي وچ ۾ پهرين ڏينهن کان ٿي، آها شاگرد کي آخر استاد جي پويان وٺي وئي، ۽ هي رشتو وڌيڪ مضبوط ٿي ويو، ۽ اڄ تائين قايم اٿن.“ انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته آرنلڊ کي پنهنجي اولي العزم شاگرد جو وڏو اعتراف هو. هو علامه اقبال جي عظمت جي واکاڻ هيئن ٿو ڪري:—

”هندستان ۾ نئين تحريڪ، پنهنجو ممتاز ظهور سر محمد اقبال جي

شاعري ۾ ڪيو آهي، جو مغربي فلسفہ ۽ زندگي جو هڪ سنجيده ۽ گوڙهو محقق آهي. هو فلسفہ جي قديم ۽ جديد فڪر کان آگاه آهي. هن برگسان ۽ نيتشي جي خيال کان بلند پنهنجي ذاتي فڪر کي دنيا ۾ ترقي ڏني آهي. سر محمد اقبال پنهنجي زبردست علم ۽ فڪر جي باوجود هرگز ٻين جي خيال جو پڙاڏو نہ آهي، پر امتيازي طرح هڪ اصلي مفڪر ۽ مجتهد آهي.''

نيٺ استاد جي محبت هن علم جي پياسي کي مغرب جي طرف ڇڪي ورتي. سنہ ١٩٠٥ع ۾ اقبال ولايت روانو ٿيو. راھ ۾ هو دهلي ۾ سلطان الاولياءُ حضرت نظام الدين قدس سرہُ جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿيو، جنهن جو ذڪر 'بانگ درا'، جي هڪ نظم 'التجائي مسافر'، ۾ هئن ٿو ڪري:—

چلی ہے لے کے وطن کے نگار خانہ سے
شراب علم کی لذت کشاں کشاں مجھکو
فلک نشیں صفت مہر ہوں زمانے میں
تیری دعا سے عطا ہو وہ نردباں مجھکو
مقام همسفروں سے ہو اس قدر آگے
کہ سمجھے منزلِ مقصود کارواں مجھکو
مری زبان و قلم سے کسی کا دل نہ دکھے
کسی سے شکوہ نہ ہو زیر آسمان مجھکو.

اقبال پهرياڻين ڪئمبرج يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو، جتي ڪيس ڊاڪٽر ميڪٽيگارٽ جهڙو فلسفي رهنما مليو. هتان علم اخلاق جي ڊگري حاصل

ڪرڻ بعد ميونچ (جرمني) يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو، جتي "فلسفہ ايران" جي عالمانہ مقالہ تي ڊاڪٽر آف فلاسافي جي سند حاصل ڪيائين. هن ڪاميابي کان بعد علامہ لنڊن جي سڪول آف پوليٽيڪل سائنس مان بار-ايٽ-لا جي سند حاصل ڪئي. ان زماني ۾ سندس استاد سر آرنلڊ ڇهہ مهينا رخصت ورتي. لنڊن يونيورسٽي ڊاڪٽر اقبال کي، ان وقت لاءِ مشرقي علوم جو پروفيسر مقرر ڪيو. اقبال جنهن عهدي کي خوش اسلوبي سان نڀايو. انگلنڊ ۾ ان وقت اقبال جي علم جي گهٽي ساراهہ پئجي وئي. لنڊن يونيورسٽي، وائيٽ هال ۾، سندس تقرير جو اهتمام ڪيو. اقبال اسلام تي، مختلف عنوانن سان ڇهہ تقريرون ڪيون، جن سندس مذهبي ۽ فلسفيانہ معلومات جي مغرب ۾ ڌوم مچائي ڏني.

اقبال ٽي سال يورپ ۾ رهي، وطن واپس وريو. ٢٧ جولاءِ سنہ ١٩١٨ع ۾ هو خيريت سان لاهور پهچي ويو. مغرب جي هن قيام اقبال جي خيالات تي گهرا نقوش ڇڏيا. هو مغرب جي نيشنلزم (قوميت) کان بيزار ٿي پيو. هن تنگ قوميت کي ئي، مغرب جي سياسي مصائب جو سبب قرار ڏنو، پر يورپ جي جدوجهد ۽ عمل جي زندگي کيس بيحد پسند آئي.

جنبش سے ہے زندگی جہاں کی
یہ رسم قدیم ہے یہاں کی

اقبال يورپ کان موٽڻ بعد، سختي سان مشرق جي تهذيب کي ڇهتيو، جيئن جيئن، مغربي تعليم ۾ اونهو لهندو ويو، تيئن تيئن اسلام کي قريب تر ٿيندو ويو. اگرچہ فرنگي حڪيمن کان درس خرد ورتائين، ليڪن سينہ کي، ڪنهن ٻي شئي تجلي ڏني. جيئن پاڻ فرمائي ٿو:—

خرد افزود مرا درس حکیمان فرنگ
سینہ افروخت مرا صحبت صاحب نظران

ترجمو: فرنگي حڪيمن جي درس منهنجي عقل کي وڌايو، پر منهنجي سيني کي اهل نظر احبابن جي صحبت روشن ڪيو.

هندستان ڏي موٽڻ کان اڳ، هن مغربي تهذيب جي سمورن انگيزي کي چڱي ريت مطالعہ ڪيو هو. ان بابت، هن پيشنگوئي طور مغرب کي ان خطري کان هيٺين ريت خبردار ڪيو:—

دیار مغرب کے رہنے والو، خدا کی بستی دکان نہیں ہے
کھرا جسے تم سمجھ رہے ہو، وہ اب زرکم عیار ہوگا
تمہاری تہذیب اپنے خنجر سے آپ ہی خود کشی کریگی
جو شاخ نازک پر آشیانہ بنے گا ناپائیدار ہوگا

ولايت کان موٽڻ بعد، علامہ گورنمنٽ ڪاليج لاهور ۾ پروفيسر مقرر ٿيو، جنهن عهدي تي هو سال ١٩٠٩ع تائين رهيو. ان ملازمت جي زماني ۾ کيس وڪالت ڪرڻ جي بہ اجازت هئي. يڪا يڪ هن پنهنجي عهدي جي استعفا ڏني. ڪاليج جي پرنسپل گهڻي ڪوشش ڪئي تہ هو استعفا واپس وٺي، مگر هن نہ مڃيو. گهر اچي هن پنهنجي ملازم علي بخش کي چيو تہ ”علي بخش مون کي بني نوع انسان کي هڪ پيغام ڏيڻو آهي، جو آءٌ سرڪاري نوڪريءَ ۾ رهي ڏيئي نہ ٿي سگهيس. ان ڪري مون نوڪريءَ کان استعفا ڏني آهي، مونکي اميد آهي تہ هينئر اهو پيغام مان ڏيئي سگهندس.“

علامہ اقبال سال ١٩٠٨ کان ١٩٣٤ع تائين وڪالت ڪندو رهيو.

سنه ۱۹۳۳ع ۾، بيماري جي وڌي وڃڻ سبب، هن پرئڪٽس ڇڏي ڏني. قانون هڪ اهڙي شي آهي، جنهن ڏي پوري ڌيان ڏيڻ ڪانسواءِ، ترقي حاصل ٿي نه ٿي سگهي. اها حقيقت آهي ته علامه ان طرف پورو توجهه نه ڏيئي سگهيو. هڪ شاعر، مفڪر، مصنف ۽ سياستدان ڪي ايترو وقت ڪٿي هو، جو همه تن قانون ۽ ڪورٽ جي طرف ڌيان ڏيئي سگهي. ان ڪري ان ڌنڌي ۾ ڪيس ڪا گهڻي ناموري حاصل ٿي نه سگهي. هو پرئڪٽس فقط ان لاءِ ڪندو هو ته پنهنجي گذران ڪي چڱي طرح هلائي سگهي. پنهنجي وجهه معاش سبب، ان طرف ضرورت کان زياده خيال نه ڏيندو هو. هو فقط ايترا ڪيس ڪٽندو هو، جنهن مان سندس ضرورتون پوريون ٿي سگهن. پر ان هوندي به هن کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي، ته هو پنهنجي دور جو وڏو قانون دان هو. هن عدالتي نظم ۽ نسق ۾ پنهنجي نڪته چيني سان گهڻو انقلاب آندو.

هڪ وڪيل جي حيثيت ۾، هو انصاف پسند ۽ سچو ٿي رهيو. هو ڪڏهن به اهي مقدما نه ڪٽندو هو، جنهن ۾ اصيل جي لاءِ فائدي وارو ٿي نه سگهي.

---

## سياسي سرگرميون

حقيقت ۾ اقبال جي سڄي حياتي، مسلمانن ۽ هندستان وارن جي بيداري ۽ سياسي اصلاح ۾ گذري. مگر هي به حقيقت آهي ته جهڙي ريت سندس فڪر هنگامه پرور هو، اهڙي ريت هو هنگامي زندگانيءَ کان هميشه پري رهيو. ڇو پري رهيو، ان بابت ”سيرة اقبال“ ۾ هڪ روايت ڏنل آهي، جا اصلي حقيقت جي نقاب ڪشائي لاءِ ڪافي ٿيندي:-

”هڪ ڀيري بلوچين جو هڪ وفد علامه جي خدمت ۾ آيو، جدا جدا سياسي معاملن تي گفتگو ٿيندي رهي. وفد جي هڪ ميمبر ڪيس مخاطب ٿي چيو ته اوهانجي تعليم مدت جي سمهيل قوم کي، سجاڳ ڪيو آهي، ۽ اوهان اسان کي انسانيت، ۽ اسلام جي اسرار ۽ رموز کان واقف ڪيو آهي، پر اسان کي شڪايت آهي ته اوهان خود عمل جو نمونو پيش نه ڪري سگهيا آهيو.“

علامه جواب ۾ فرمايو ته ”ڇا هي منهنجو عمل نه آهي، جو اوهانجي سامهون عمل جو رستو پيش ڪيو آهي؟ هينئر اوهان جي مرضي تي ڇڏيل آهي ته ان تي هلو يا نه هلو.“

وفات کان ٿورا ڏينهن اڳ، هڪ دوست ڪيس سياست ۾ عملي حصه وٺڻ لاءِ عرض ڪيو. پاڻ نهايت افسوس سان دوست جي دعوت کان انڪار فرمايائين. هي ته سندس حياتي جي آخري زماني جو ذڪر آهي، پر جواني

۾ پاڻ هنگامي زندگي کان گهڻو پري رهيو. جيئن هڪ دوست جي خط جي جواب ۾ لکي ٿو:—

مرے سخن سے دلوں کی ھیں کھیتیاں سرسبز
جہاں میں ھوں میں مثال سحاب دریا پاش
یہ عقد ھائی سیاست تجھے مبارک ھوں
کہ فیض عشق سے ناخن مرا ھے سینہ خراش

اِيتري ثبوت هوندي به اقبال کي سياست کان ٻاهر رکڻ شايد هڪ عظيم غلطي ٿيندي. فلپ هنڊرسن پنهنجي تصنيف ''شاعر ۽ سوسائٽي'' ۾ لکيءَ ٿو:—

''وائين هجي ته علم ادب ۽ سياست جدا شيون آهن، پر زمانه حال جو مصنف، سياست کان پاڻ کي جيڪڏهن بي تعلق رکي ته عجائبات مان آهي.''

علامه اقبال جو سياست ۾ ڪهڙو درجو هو، ان ۾ هن ڪيتري دلچسپي ورتي، ان بابت قائد اعظم جو اهو پيغام، جو هن سندس وفات تي، سندس فرزند ڏانهن موڪليو، واضح طور تي پيش ڪري سگهجي ٿو:—

''مون لاءِ هو دوست، رهبر ۽ فيلسوف هو. مسلم ليگ جي تاريڪ لمحات ۾، جنهن مان هو گذري رهيءَ هئي، هو مضبوط پهاڙ وانگر بيٺو هو، ۽ هڪ دم به ان کان غافل نه رهيو.''

سنه ١٩٢٦ع ۾ دوستن جي اصرار تي لاهور جي تڪ مان ليجسليٽو ڪائونسل جي ميمبري لاءِ اٿيو. سندس ڪن مقابل اميدوارن، سندس فائدي ۾ هٽ

کٿي ورتو ۽ علامہ پنهنجن باقي حريفن تي لاتعداد ووٽن سان ڪامياب ٿيو. مولانا ظفرعلي، روزنامہ ”زميندار“ ۾ سندس ڪاميابي تي لکيو:—

”ساري دنيا ڄاڻي ٿي تہ علامہ ممدوح جهڙيون نادرالوجود شخصيتون، صدين کان پوءِ پيدا ٿين ٿيون. هندستان جي موجوده مسلمانن مان، شايد علامہ موصوف ئي اها ممتاز ترين هستي آهي، جنهن جي سامهون يورپ ۽ آمريڪا جي فخر ڪَنُي جهڪٽو پيو. اهڙي صاحب جو ڪائونسل جي لاءِ اميدوار بيهڻ، لاهور جي مسلمانن لاءِ خاص طرح ۽ پنجاب جي مسلمانن لاءِ عام طرح وڏي خوش قسمتي آهي.“

اقبال ڪائونسل ۾ جي مشوره ڏنا، ۽ غريب طبقي مزور ۽ هاري لاءِ جو پاڻ پتوڙيو، اهي ڳالهيون ڪڏهن ۾ وساري نہ ٿيون سگهجن. ٢٨ فبروري ١٩٣٢ع جي ڪائونسل جي هنگامي اجلاس ۾، جڏهن نئين سال جي بجيٽ پيش ٿي رهي هئي، سر فضل حسين روينيو وزير جي پيش ڪيل بجيٽ تي علامہ، جو نقادانہ تبصره ڪيو، سو هميشه ياد رهندو.

١٩٣٠ع ۾ جڏهن سائمن ڪميشن هندستان ۾ آئنده حڪومت جي جوڙجڪ ڳاهڻ لاءِ آئي، تڏهن اقبال جداگانہ انتخاب ۽ ٻين ملي مسئلن تي معرڪتہ آلارا بيان ڏنو. ساڳي سال ڪيس آل انڊيا مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو. الله آباد ۾ هن پنهنجي صدارتي تقرير ۾ پهريون دفع هي ڳالهہ منظر عام تي آندي، تہ مسلمانن کي هندستان ۾ جداگانہ ستيت ملڻ گهرجي. صدارتي خطبي ۾ هڪ هنڌ ان مسئلي جي هيئن وضاحت ٿو فرمائي:—

،،مشهور فرانسيسي عالم رينان جو قول آهي ته، ،انسان نه نسل جو قيد سهي سگهي ٿو، نه مذهب جو، نه درياهن جو وهڪرو سندس راهه ۾ رڪاوٽ وجهي سگهي ٿو، نه پهاڙن جي بلندي، انجي دائري کي محدود ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن صحيح دماغ انسانن جو اجتماع موجود آهي، ۽ انهن جي دلين ۾ جذبات جي گرمي آهي، ته انهن جي اندر ۾ اهو اخلاقي شعور پيدا ٿي ويندو، جنهن کي هم لفظ ،قوم، سان تعبير ڪن ٿا. موئڪي هن قسم جي ترڪيب ۽ اجتماع کان انڪار نه آهي، اگرچه هي هڪ نهايت ڏکيو ۽ صبر آزما عمل آهي. جاڪاڻ ته انجو مطلب انسان جي زندگي کي عملاً هڪ نئين سانچي ۾ وجهڻو آهي. جيڪڏهن اڪبر جو دين الهي يا ڪبير جي تعليم مقبول عام ٿي وڃي ها، ته ممڪن هو ته هندستان ۾ به ان قسم جي هڪ نئي قوم پيدا ٿي وڃي ها. پر تجربو ٻڌائي ٿو ته هندستان جي مختلف مذهبن ۽ متعدد ذاتين ۾ اهڙو ڪوبه لاڙو موجود نه آهي، ته هو پنهنجي انفرادي حيثيت کي ترڪ ڪري هڪ وسيع جماعت جي صورت اختيار ڪن. هر گروه ۽ هر مجموعو مضطرب آهي، ته انجي هيئت اجتماعيه قايم رهي. ان ڪري اهڙي قسم جو اخلاقي شعور، جو رينان جي نظر ۾، ڪنهن قوم جي پيدا ٿيڻ لاءِ ضروري آهي، اهڙي عظيم قرباني جو طالب آهي، جنهن لاءِ هندستان ۾ ڪابه جماعت تيار نه آهي.....

هندستان ۾ هڪ يڪ وجود ۽ يڪ آواز قوم جي نشو نما

جي طرح مختلف ملتن جو وجود، اڻ ٽر آهي. مغرب جي طرح هندستان جي هي حالت نہ آهي، جو ان ۾ هڪ ئي قوم آباد هجي. هڪ ئي نسل سان تعلق رکندڙ هجي، ۽ انجي زبان بہ هڪ هجي. هندستان مختلف قومن جو وطن آهي، جن جو نسل، زبان، مذهب سڀ هڪ ٻئي کان الڳ آهي. هن عمل ۽ فعل ۾ اهو احساس پيدا ئي ٿي نہ ٿو سگهي، جو هڪ ئي نسل جي جدا جدا افراد ۾ موجود رهندو آهي. غور سان ڏٺو ويندو تہ هندو بہ ڪا هڪڙيئي جنس جي قوم نہ آهي، تنهن ڪري هي ڪڏهن بہ مناسب نہ ٿيندو تہ مختلف ملتن جي وجود جي خيال ڪرڻ کانسواءِ، هندستان ۾ مغربي طرز جي جمهوريت کي جاري ڪيو وڃي. تنهن ڪري مسلمانن جو هي مطالبو، تہ هندستان ۾ هڪ اسلامي هندستان قايم ڪيو بلڪل حق بجانب ٿيندو.،،

هي خيالات جي ان وقت اقبال جي پيش نظر هئا، اڳتي هلي هڪ آزاد اسلامي رياست پاڪستان جي بنياد رکڻ ۾ مدد ۽ معاون ثابت ٿيا. اگرچہ ڇيو وڃي ٿو تہ ان وقت ٻين ماڻهن کي بہ هندستان جي سياسي مصائب جو فڪر هو، ۽ سندن دلين ۾ اهڙي قسم جا خيال موج زن هئا، مگر اقبال جي سر تي هي سهرو آهي، تہ هو پهريون ماڻهو هو، جنهن دنيا جي اڳيان هڪ عملي رٿ پيش ڪئي، تہ هندستان جي راهہ ۾ جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ فرقہ وارا نہ رنڌڪون آهن، سي دفع ٿي وڃن. ٢١ جون ١٩٣٧ع تي، اقبال، جو خط قائد اعظم محمد علي جناح کي لکيو هو، ان مانہ هي حقيقت زياده نمايان ٿئي ٿي:—

،،فرقہ وارانہ حل ۾ مسلمانن کي فقط هڪ نئي چيز عطا ڪئي وئي آهي، ۽ اهائي هندستان ۾، انهن جي سياسي وجود جو اعتراف آهي. پر اهڙي اعتراف جي انهن جي لاءِ ڪابہ اهميت ٿي نہ سگهي، جن جي غربت ۽ افلاس جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾، دستور ڪابہ مدد نہ تو پهچائي سگهي. صدر ڪانگريس کي مسلمانن جي وجود کان صاف انڪار آهي. هندن جو ٻيو اداره يعني هندو مهاسڀا، جنهن کي آءُ هندو عوام جو حقيقي نمائنده تنظيم سمجهان ٿو، هڪ کان وڌيڪ دفعہ اعلان ڪيو آهي، تہ هندستان ۾ هندو مسلم متحده قوميت جو قيام ناممڪن آهي. انهن حالتن مان ظاهر آهي، تہ هندستان ۾ قيام امن جي فقط راهہ اها آهي، تہ نسلي، مذهبي، ۽ ٻولي جي لحاظ سان، دوباره تقسيم عمل ۾ اچي. گهڻيئي برطانوي مدبر بہ انجا قايل آهن، ۽ يقين آهي تہ دستور جديد جي هن هلچل ۾، فرقہ وار فساد جي تيزي سان ظاهر ٿي رهيا آهن، ملڪ جي اصل صورت حال جي مشاهده ڪرڻ لاءِ انهن جون اکيون کوليندا. مون کي ياد آهي تہ انگلستان کان موٽڻ کان اڳ ۾، لارڊ لوٿين، مون کي چيو هو تہ منهنجي اسڪيم ئي هندستان جي درد جو واحد علاج آهي، پر انجي عملي طرح پوري ٿيڻ ۾ ٢٥ سالن جو عرصو درڪار آهي.،،

ڪيتري قدر نہ علامہ اقبال جي راءِ، تقسيم هند جي متعلق محقق هئي. ٢٥ سال نہ مگر ان کان ٿوري گهٽ عرصي ۾ بالاخر تقسيم هند

ٿي چڪي ۽ خداداد رياست پاڪستان جو وجود عمل ۾ آيو. هن تحريڪ جو ڀرپور محرڪ نه فقط علامه موصوف هو، پر ان جي ابتدائي مراحل جي طئي ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ ۽ قائد اعظم جي امداد ۾ هم تن مصروف رهيو، جنهن جو اعتراف محمد علي جناح قائد اعظم هيٺن فرمايو آهي:-

”هي مسلم ليگ جي وڏي ڪاميابي هئي، جو انجي قيادت، اقليت ۽ اڪثريت رکندڙ صوبن ۾، يڪسان طرح تسليم ٿيڻ لڳي. هن ڪاميابي جي حاصل ڪرڻ ۾، سر محمد اقبال وڏو نمايان حصو ورتو هو، اگرچه عوام هن حقيقت کان نا واقف هو.“

مسلم ليگ جي صدارت (١٩٣٠ع) ڪانپور، اقبال مسلم ڪانفرنس جو صدر منتخب ٿيو. هي زمانو هندستان جي مسلمانن لاءِ بيحد نازڪ هو. مگر علامه نهايت دليري ۽ مستعدي سان اهڙي وقت ۾ مسلم قوم جي رهنمائي ڪئي. ان موقعي تي سندس ڏنل صدارت جو خطبو، بصيرت افروز حقائق سان پريل آهي. پنهنجي تقرير ۾ هڪ هنڌ مغربي وطنيت تي نهايت بي باڪ تنقيد ڪري ٿو:-

”سياسيات جو بنياد انساني زندگي ۾ ٿيندو آهي. منهنجو عقيدو آهي ته اسلام ذاتي راءِ جو معاملو نه آهي، بلڪ هو جماعت آهي يا سوڪ چرچ (Civic church). سياست ۾ منهنجي دلچسپي به در اصل انهي سبب ڪري ٿي آهي. اڄ ڪلهه هندستان جي اندر، سياسي تصورات جا شڪل اختيار ڪري رهيا آهن اهي اڳتي هلي، اسلام جي ابتدائي ساخت، ۽ فطرت تي غالباً اثر انداز ٿيندا. مان يورپ جي وطنيت جو

مخالف آهيان، هن ڪري ته، ته جيڪڏهن هندستانُ ۾ آهي جراثيم پکڙبا ته مسلمانن کي مادي فائدا گهٽ پهچندا، مگر منهنجي مخالفت هن بنياد تي آهي، ته مان ان جي اندر ملحدانه ماديت پرستي جو ٻج ٿو ڏسان، جو منهنجي نزديڪ انسانيت جي لاءِ هڪ عظيم ترين خطرو آهي. حب الوطني بلڪل طبعي صفت آهي، ۽ انسان جي اخلاقي زندگي ۾، ان لاءِ پوري جاءِ آهي، پر اصل اهميت انجي تهذيب، ۽ انجي روايات کي حاصل آهي. ۽ منهنجي نظر ۾ اهو اقتدار ايتري قدر لائق آهي، جو انسان انجي لاءِ جيئرو رهي ۽ انجي لاءِ ئي مري، نه زمين جي ان ٽڪري لاءِ، جنهن سان انجي روح جو، ڪجھ عارضي ربط پيدا ٿي ويو آهي.''

(لاهور ٢١ مارچ سنه ١٩٣٢ع).

سنه ١٩٣١ع ۾ علامه اقبال رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس لنڊن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو، جنهن ڪانفرنس ۾، هندستان جي جديد دستور مرتب ڪرڻ لاءِ، هندستان جي سياسي اڪابرن ۽ انگلستان جي سياسي مبصرين کي مشترڪ دعوت ڏنل هئي. رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي رڪن جي حيثيت ۾ علامه ڪيترين ئي ڪميٽين ۾ منتخب ٿيو، جنهن ۾، هن مکيه حصو ورتو. اقليت جي مسئلي ۾ گانڌي جي خيالات سان سندس هميشه اختلاف رهيو. مخلوط انتخاب جو زبردست مخالف رهيو، ۽ بالاخر اقليت جي حقوق جي تحفظ جو ٺهراءُ، رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ۾، پاس ٿي چڪو.

انگلنڊ کان موٽندي، علامه اٽلي، سپين، مصر ۽ فلسطين جو سفر ڪ

ڪيو. روم ۾ اٽلي جي مشهور ڊڪٽيٽر مسوليني جو مهمان ٿي رهيو. سپين ۾ هو عربن جي گذشته عظمت جا يادگار ڏسڻ لاءِ قرطبه ۾ ويو. مسجد قرطبه تي سندس مشهور نظم 'بال جبريل' ۾ پوءِ شايع ٿي، جنهن ۾ فرمائي ٿو:-

آب روان کبیر تیرے کنارے کوئی
دیکھ رہا ہے کسی اور زمانے کے خواب
عالم نو ہے ابھی پردۂ تقدیر میں
میرے نگاہوں میں ہے اس کی سحر بی حجاب
پردہ اٹھادوں اگر چہرۂ افکار سے
لا نہ سکے گا فرنگ میرے نواؤں کی تاب

مصر ۾ سندس شاندار خير مقدم ٿيو ۽ فلسطين ۾ هو موتمر اسلامي ۾ پڻ شريڪ ٿيو.

علامه اقبال جي سياست جو وڏو اهم نڪتو هو، وطنيت کان پاسو ڪرڻ. وطنيت جي تحريڪ کي هو وڏو دشمن سمجهندو هو. 'بانگ درا' ۾ وطنيت تي هڪ نظم لکي اٿس، جنهن ۾ فرمائي ٿو:-

ہو قید مقامی تو نتیجہ ہے تباہی
رہ بحر میں آزاد وطن صورت ماہی
ہے ترک وطن سنت محبوب الاہی
دے تو بھی نبوت کی صداقت کی گواہی
گفتار سیاست میں وطن اور ہی کچھ ہے
ارشاد نبوت میں وطن اور ہی کچھ ہے

ڪانگريس زده مسلمانن، علامہ سان هن مسئلي ۾ هميشہ اختلاف پئي ڪيو. وفات ڪان ٿورو اڳ، تحريڪ وطنيت تي سير حاصل مقالہ سپرد قلم ڪيو هئائين، جنهن ۾، ان تحريڪ جي اصل حقيقت ۽ غرض و غايت کي پوري ريت بي نقاب ڪيو اٿس. هن تاريخي مقالہ لکڻ جو محرڪ مولوي حسين احمد، استاد ديو بند جو هڪ مضمون هو، جنهن ۾، مولوي موصوف، علامہ جي هندي سياست، ۽ تحريڪ وطنيت جي خلاف شديد نکتہ چيني ڪئي هئي. جنهن جي جواب ۾ علامہ جي مشهور نظم ،حسين احمد، ۽ هيئون مقالہ ظهور ۾ آيو. نظم ۾ مولوي حسين احمد کي هئڻ خطاب ڪري ٿو:-

عجم هنوز نہ دانـد رموز ديں ور نہ
ز ديو بند حسين احمد ايں چہ بوالعجبی است
سرود بر سر منبر کہ ملت از وطن است
چہ بيخبر زمقـام محمد عربی است
بمصطفیٰ برساں خويش را کہ ديں هم اوست
اگر باو نرسيدی تمام بولهبی است

علامہ جو تاريخي مقالہ، مولوي حسين احمد جي جواب ۾، مارچ ١٩٣٨ع ۾ اخبارن ۾ شايع ٿيو، ۽ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نهايت شوق سان پڙهيو ويو. فرمائي ٿو:-

نو نہ گردد کعبہ را رخت حيات
گر ز افرنگ آيدش لات و منات

,, ارشاد آهي تہ قومون وطن سان نهن ٿيون. قابل اعتراض

نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اڳين سمي ڪان، قومون وطن جي طرف ۽ وطن قومن جي طرف، منسوب ٿينديون اچن ٿيون. اسان سڀ هندي آهيون، ڇو تہ ڌرتي جي گولي جي ان هنڌ رهون ٿا، جو هندستان جي نالي سان مشهور آهي. اهڙي ريت چيني، جپاني، عربي، ايراني وغيره. وطن جو لفظ جو هن قول ۾ استعمال ٿيل آهي، فقط هڪ جغرافيائي اصطلاح آهي، ۽ ان حيثيت ۾ اسلام سان ٽڪر نہ ٿو کائي. انجون حدون اڄ ڪجھ آهن، ۽ سڀاڻي ڪجھ ٿيون. ڪالھ تائين برما وارا هندستاني هئا، پر اڄ برمي آهن. هن معنيٰ ۾ هر انسان فطرتي طرح پنهنجي وطن سان محبت رکندو آهي، ۽ پنهنجي حيثيت آهر انجي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار رهندو آهي. ڪي نادان ماڻهو انجي تائيد ۾ "حب الوطن من الايمان"، جو مقولہ حديث سمجهي پيش ڪندا آهن، جنهن جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. مگر هلندڙ زماني جي سياسي لٽريچر ۾، وطن جو مفهوم فقط جغرافيائي نہ آهي، بلڪ وطن هڪ اصول آهي گڏيل انساني جماعت جو. انڪري هڪ سياسي تصور آهي. جڏهن تہ اسلام بہ گڏيل انساني جماعت جو هڪ قانون آهي، تڏهن، جيڪڏهن لفظ وطن کي هڪ سياسي تصور طور استعمال ڪيو ويندو، تہ او ضرور اسلام سان ٽڪر کائيندو........

ڇا خدا جي بارگاه مان، امت مسلمہ جي نالي رکائڻ بعد بہ هي گنجائش باقي آهي، تہ هن قوم جي گڏيل جماعت جو ڪوبہ حصو، ڪنهن عربي، ايراني، انگريزي، مصري يا

هندي قوميت ۾ جذب ٿي وڃي. امت اسلامي جي مقابل ۾ تہ فقط هڪ اجتماع آهي، الڪفر ملة واحدة جو.،،

علامہ جي سياسي افڪار ۽ علمي استعداد جي لکڻ لاءِ هڪ مبسوط ڪتاب جي ضرورت آهي. شايد خدا جو ڪو بندو پيدا ٿي، ۽ هن مضمون تي مفصل لکي.

سال ١٩٣٧ع ۾، جڏهن سر سڪندر حيات مرحوم، وزير اعظم پنجاب، يونينسٽ پارٽي جي خيال موجب مسلم ليگ کان ٻاهر رهڻ چاهيو، تڏهن علامہ، سر سڪندر ۽ قائد اعظم کي هڪ ٻي جي قريب آڻڻ لاءِ جي ڪوشش ڪيون، سي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿيون سگهجن. ان ڪري، قائد اعظم محمد علي جناح کي جيڪڏهن معمار پاڪستان سڏجي ٿو، تہ انجو اولين سنگ بنياد رکندڙ سر محمد اقبال رحمة الله عليه هو.

---

# ( ٨ )

## اعزازات

علامہ اقبال جي ڪن فارسي مثنوين جو انگريزي ۾ ترجمو ٿي چڪو هو. پڻ يورپ ۾ سندس درس عمل تي جدا جدا مضمون پڻ وقت بوقت شايع ٿيا، جنهن ڪري مغربي ملڪن ۾، سندس عميق افڪار جي ڌوم پهچي وئي. هن علمي شهرت کان حڪومت برطانيہ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي. سنہ ١٩٢٢ع ۾، حڪومت جي طرفان ڪيس ”نائيٽ“ جو معزز خطاب پيش ڪيو ويو. هن غير معمولي اعزاز جي حصول تي بہ سندس بي نيازي ۾ ڪو فرق نہ آيو. پاڻ فرمايائين تہ ”خطاب آءٌ هن حالت ۾ قبول ڪري سگهان ٿو، جيڪڏهن منهنجي استاد سيد مير حسن کي شمس العلماءُ جو خطاب ڏنو وڃي.“ گورنمنٽ پنجاب ڪجهہ وقت جي ليت و لعل بعد، علامہ جي راءِ کي قبول ڪيو، ۽ سندس استاد کي ”شمس العلماءُ“ جو خطاب ملي ويو.

عام ريت مشهور آهي، تہ خطاب سرڪاري چاڙتن کي ملندو آهي. پر هي خطاب ان شخص کي مليو هو، جو استعمار ۽ ملوڪيت جو سخت دشمن هو. بدگمان کي شڪ ڪرڻ جو موقعو مليو. ڪيتريون چہ ميگويون هليون، هڪ شاعر تہ هيئن چئي ڏنو:-

لو مدرسہ علم ہوا قصر حکومت
افسوس کہ علامہ سے سر ہوگئے اقبال
پہلے تو سر ملت بیضا کے تھی وہ تاج
اب اور سنو تاج کے سر ہوگئے اقبال

کہتا تھا کل ٹھنڈی سڑک پر کوئی گستاخ
سرکار کے دہلیز پے سر ہوگئے اقبال

مگر دنيا ڏسي ورتو ته اقبال جي شان استغنا تي، هن خطاب کويہ اثر نہ وڌو، ۽ هو اڳي کان بہ زياده جوش سان پنهنجي پيغام جي تبليغ ۽ تدريس ۾ مشغول ٿي ويو.

هن اعزاز ملڻ تي، علامہ هڪ خط جي جواب ۾ مير سيد غلام ڀيک ”نيرنگ“ کي جو جواب ڏنو آهي، ان مان خبر پوندي ته کيس هن اعزاز متعلق معمولي احساس هو. فرمائي ٿو:-

”اوهانجو خط هينئر مليو، جنهن لاءِ سرا پا سپاس آهيان. مان اوهان کي هن اعزاز جو خود اطلاع ڏيان ها. مگر جنهن دنيا جا مان ۽ اوهان رهڻ وارا آهيون، ان دنيا ۾ هن قسم جا واقعا، احساس کان گهٽو گهٽ آهن. سوين خط ۽ تارون آيون ۽ اچي رهيون آهن. مونکي تعجب ٿو ٿئي، ته ماڻهو هنن شين کي ڇو ايترو قيمتي سمجهن ٿا. باقي رهيو اهو خطرو جنهن جو اوهانجي قلب کي احساس ٿيو آهي، سو قسم آهي خدائي ذوالجلال جو جنهنجي قبضي ۾ منهنجي جان ۽ آبرو آهي ۽ قسم آهي ان بزرگ ۽ برتر وجود جو، جنهنجي صدقي مونکي خدا تي ايمان نصيب ٿيو، ۽ مسلمان سڏايان ٿو، دنيا جي ڪابہ قوت مون کي حق چوڻ کان روڪي نہ ٿي سگهي. انشاءُالله.“

هن اعزاز کان سواءِ، کيس وقت بوقت، مختلف يونيورسٽين کان، اعزازي

ڊگريون پٺي مليون. هندستان جي مسلمانن ۾ هو ”ترجمان حقيقت،
سرالوصال، ۽ ”خضر ظلمات، جي لقبن سان مشهور هو.

---

# دکن جو سفر

سنه ۱۹۱۰ع ۾ اقبال، جواني ۾ مهاراجا سر کشن پرشاد وزير دولت آصفيه جي دعوت تي، حيدرآباد دکن ويو هو، جتي، هو اورنگ آباد ۾ اورنگزيب عالمگيرؒ جي مقبره جي زيارت کان شرف اندوز ٿيو، ۽ جنهن جي نظاري کائنس ''گورستان شاهي'' نظم لکرائي هئي. اورنگ آباد جي ويران قلعي کي ڏسي، هن فرمائي ته:-

آہ! جو لانگاہ عالمگیر یعنی وہ حصار
دوش پر اپنے اٹھائے سیکڑوں صدیوں کا بار
زندگی سے تھا کبھی معمور اب سنسان ہے
یہ خموشی اس کے ہنگاموں کا گورستان ہے
اپنے سکان کہن کی خاک کا دلدادہ ہے
کوہ کے سر پر مثال پاسباں استادہ ہے

عالمگير رحمةالله عليه جي مزار کان هن متاثر ٿي لکي ته:-

خوابگہ شاہوں کی ہے یہ منزل حسرت فزا
دیدۂ عبرت! خراج اشک گلگوں کر ادا
ہے تو گورستاں، مگر یہ خاک گردوں پایہ ہے
آہ! اک برگشتہ قسمت قوم کا سرمایہ ہے
سوتے ہیں خاموش، آبادی کے ہنگاموں سے دور
مضطرب رکھتی تھی جن کو آرزوئے نا صبور

قبر کی ظالمت میں ہے ان آفتابوں کی چمک
جن کے دروازوں پہ رہتا تھا جبیں گستر فلک
کیا یہی ہے ان شہنشاہوں کی عظمت کا مآل
جن کے تدبیر جہا نبانی سے ڈرتا تھا زوال

سال ١٩٢٨ع ۾ علامہ اقبال کي اسلام تي تقرير ڪرڻ لاءِ مدراس ۾ اچڻ جي دعوت ملي. علامہ ان دعوت قبول ڪي فرمايو. مدراس ۾ هو ٽي ڏينهن مقيم رهيو. ان بعد بنگلور ڪان ٽيندو، ميسور جي مهاراجا جي دعوت تي ميسور پهتو. ميسور يونيورسٽي علامہ جي تقرير لاءِ، ٽائون هال ۾ زبردست جلسو ڪوٺايو. ميسور جي وزير اعظم سر اسماعيل ۽ وزير تعليم ڊاڪٽر سير آئن سندس خير مقدم ڪيو ۽ سپاس نامہ پيش ڪيو.

ميسور ڪانپوءِ، علامہ سرنگاپٽم اسهيو، جتي جنوبي هند جا پہ شهسوار موت جي ننڊ ۾ آرامي آهن. ان اجڙيل شهر ۾ حيدر علي ۽ ٽيپو شهيد جي مزارن، علامہ تي بيحد اثر وڌو. جنهن جو ذڪر پوءِ پنهنجي مشهور تصنيف ”جاويد نامہ“ ۾ ڏنو اٿس. جنهن لاءِ فرمائي ٿو:-

تخم اشکے ریختم اندر دکن
لالہ ها روید زخاک آں چمن
رود کاویری مدام اندر سفر
دیدہ ام در جان او شورے دگر

سرنگاپٽم جي پاس انگيز نظاري ڪان الوداع ڪري، هڪ دفع وري حيدرآباد دڪن ۾ ويو. ١٣ جنوري سنہ ١٩٢٩ع تي، هو حيدرآباد پهتو، جتي هزارن ماڻهن جي هجوم سندس استقبال ڪيو. ١٥ جنوري تي

علامہ ٹائون هال جي باغ ۾، ”جامعہ عثمانيہ“ جي سرپرستي هيٺ تقرير ڪئي، جنهن جلسي جي صدارت مهاراجا سرڪشن پرشاد ڪئي، جو اُن وقت صدر اعظم دولت آصفيہ هو. مهاراجا پنهنجي صدارتي تقرير ۾ اقبال جو تعارف ڪرائيندي چيو:-

”ڊاڪٽر اقبال جي ذڪر سان ئي انجي تصنيفن جو املھہ ۽ وسيع خزانن جو هڪ لامتناهي تصور نظر جي سامهون اچي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر اقبال جنهن مقصد حيات کي، جنهن علم ۽ عمل سان پورو ڪري رهيو آهي، اهو انساني ترقي کي دنيا جي لاءِ مفيد بڻائڻ، ۽ روحانيت جي اعليٰ مدارج کي حاصل ڪرڻ جو رستو بتائي ٿو.“

مدراس، ميسور ۽ حيدرآباد دکن ۾، سندس ڇهن تقريرن جو سلسلو ختم ٿيو، جنهن لاءِ پاڻ دکن جو سفر ڪيو هئائين. اهي بصيرت افروز خطبا، ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ان ڪتاب جو نالو ”اسلامي مذهبي تخيل جي جديد تشڪيل“ آهي. ان ۾ هينئن ريت ڇهہ مضمون اچن ٿا. جن مان فلسفہ، تاريخ ۽ اسلامي معلومات تي علامہ جي گهري ڄاڻ جو پتو پوي ٿو. اهي تقريرون هينئن عنوانن سان آيل آهن:-

١- علم ۽ مذهبي الهامات.

٢- مذهبي الهامن جو فلسفيانہ معيار.

٣- ذات واجب جو تصور ۽ بندگي جي حقيقت.

٤- انساني خودي ۽ تقدير جو مسئلو.

٥- تمدن اسلامي جو روح.

٦- نظام اسلام ۾ حرڪت جو اصول.

## افغانستان جو سير

سنہ ١٩٣٣ع جي آخر ۾، امير شهيد نادر شاهہ والي افغانستان، هندستان جي اڪابرين مان سر محمد اقبال، سر راس مسعود ۽ سليمان ندوي کي افغانستان ۾ اچڻ جي دعوت ڏني تہ سندن مشوره سان ڪابل يونيورسٽي، جي سائنٽيفڪ طور تي تجديد ڪئي وڃي ۽ شعبہ اسلاميات کي جامعہ ازهر (مصر) جي طور ۽ طريقہ تي نئين سر منظم ڪيو وڃي.

علامہ اقبال ان دعوت کي قبول ڪيو ۽ پنهنجي رفيقن سميت، لاهور کان درهٔ خيبر جي رستي، ان علمي سفر لاءِ روانو ٿيو. هن سفر جو ذڪر، علامہ پنهنجي تصنيف ”مسافر“ ۾ مفصل ۽ مفڪرانہ طرز تي ڪيو آهي. ان تصنيف ۾ علامہ پنهنجي سفر جو جتي دلڪش پيرايہ ۾ احوال قلمبند ڪيو آهي، اتي آئين اسلامي جي رموز ۽ نڪات کي بہ بهترين طور تي ادا ڪيو آهي. افغانستان جي هر تاريخي مقام، ۽ اتانجي سنگلاخ زمين جي ذره ذره جو غائر مطالعہ ڪيو اٿس. خيبر جي تاريخي مقام لاءِ فرمائي ٿو:—

خيبر از مردان حق بيگانہ نيست
در دل او صد هزار افسانہ ايست
جاده کم ديده ام از و پيچيده تر
ياده گردد درخم و پيچش نظر
سبزه در دامان ڪهسارش مجو
از ضميرش بر نيايد رنگ و بو

٢٢٩ 9811
Institute of Islamic Research
HAMDARD BUILDINGS
DELHI-6.

سر زمینے کبک او شاهین مزاج
آهوئے او گیرد از شیران خراج
در فضایش جره بازان تیز چنگ
لرزه برتن از نهیب شان پلنگ

ترجمو:- ”خيبر مردان حق کان بيخبر نہ آهي، انجي دل ۾ لکين افسانہ موجود آهن. ان جهڙو ور وڪڙ رستو گهٽ ڏٺو اٿم، جنهن جي ور وڪڙ ۾ هيٺ مٿاهين ۾ نظر گم ٿيو وڃي ٿي. انجي پهاڙي دامن ۾ ساوڪ نہ ڳولهہ، ڇو تہ انجي اندر مان رنگ و بو جو ظهور ناممڪن آهي. اتانجي زمين جي ڍيل شاهين جي طبيعت رکندڙ آهي ۽ اتانجو هرڻ بہ شينهن کان ڍل وٺندڙ آهي. اتانجي فضا جي تيز چنگ باز ۽ جره جي خوف کان چيتا بہ ڪنبي رهيا آهن.“

خيبر جو ذڪر علامہ جنهن طرز سان ڪيو آهي، انکي پڙهندي دل تي ان وحشيت زده مقام جي هيبت طاري ٿيو وڃي ٿي. ڪابل جي نظاري ڪي، هن طرح دلڪش پيرايہ ۾ بيان ٿو ڪري:—

شهر کابل خطۂ جنت نظیر
آب حیوان از رگ تاکش بگیر
چشم صاحب از سوادش سرمہ چیں
روشن و پاینده باد آں سر زمیں
در ظلام شب سمن زارش نگر
بر بساط سبزوی غلطد سحر

آن دیار خوش سواد آن پاک بوم
باد او خوشتر ز باد شام و روم
آب او براق خاکش تابناک
زنده از موج نسیمش مرده خاک
نیاید اندر حرف و صوت اسرار او
آفتابان خفته در کهسار او

ترجمو: ”شهر ڪابل اھا جنت نظير زمين آهي، جنهن جي چشمن کي آب حيوان سان نسبت آهي. صائب شاعر کي انجي پسگردائي کان اکين ۾ سرور حاصل ھو. اھا زمين روشن ۽ برقرار رهي. رات جي اونداهي ۾، انجي سمن زار کي نهار، جنهن جي سبزه تي سدائي صبح نظر اچي ٿو. او حسين ولايت ۽ ان پاک ملڪ جي پسگردائي، جنهن جي هوا، روم ۽ شام جي هوا کان زياده ٿڌڙ آهي. پاڻي چمڪندڙ ۽ انجي مٽي روشن، جنهن نرم جي هير کان مٽي ۾ جيئري آهي. انجو اسرار الفاظ ۽ آواز ۾ اچي نه ٿو سگهي، ان پهاڙي زمين تي گويا سج آرامي آهن.“

قصر دلڪشا ۾ علامه اقبال، شاهه نادر شهيد سان ملاقات ڪرڻ بعد قرآن پاک تحفه طور ڪيس عرض رکيو، ۽ شاهه کي قرآن پاک جي بابت جا سمجهائي ڏني، سا ”مسافر“ ۾ هميشه غير فاني رهندي:

گفتم این سرمایهٔ اهل حق است
در ضمیر او حیات مطلق است

اندر او هر ابتداء را انتها است
حيدر از نيروئے او خيبر کشا است

ترجمو: ”چيومانس ته هي اهل حق جي دولت آهي، جنهن جي اندر سڀني شروعات جي انتها آهي. هن ٿي ڪتاب جي برڪت سان حيدر خيبر ڪشا هو.“

نادر شاهه علامه جي هن بيمثل نڪتي ڪان بيحد متاثر ٿيو.

نشهٔ حرفم بخون او دويد
دانه دانه اشک از چشمش چکيد

ترجمو: ”منهنجي الفاظ جو ڪيف انجي خون ۾ ڊوڙيو، ۽ سندس اکيون، ڳوڙهن سان پرجي ويون.“

علامه اقبال ڪابل ۾ رهي، افغانستان جي گورنمنٽ کي جديد تعليم جي هڪ اسڪيم تيار ڪري ڏني. مگر افسوس جو سٺ ٿي امير کي شهيد ڪيو ويو، جنهن ڪري اها عمل ۾ اچي نه سگهي.

ڪابل ۾ انجمن ادبي جي طرفان معزز مهمانن کي دعوت ڏني وئي، جنهن ۾ ڪابل جي مشهور شاعر ۽ اديب سرور خان ”گويا“ علامه ۽ سندس رفيقن جي شان ۾ هڪ نظم پڙهي، جنهن ۾ علامه اقبال کي هئن خطاب ڪري ٿو:

در آنان يکے دکتر اقبال هند
سخن پرور و واقف از حال هند
اديب سخن گستر و نکته سنج
که هر نکته اش بهتر آمد ز گنج

سخن را در آمخیت چون با علوم
ازو زنده شد طرز مولائے روم
نوایش هم آهنگ با نفخ صور
کہ افسردگان را در آرد بہ شور

ترجمو: ,,انھن مان ھڪ ڈاڪٽر اقبال هندي آهي، جو سخن پرور ۽ هند جي حال جو واقف آهي. هو اديب، سخن گو ۽ نڪتہ سنج آهي، جنهنجو هر نڪتو، گنج ڪان بہ زياده قيمتي آهي. هن پنهنجي شعر کي جدا جدا علمن سان اهڙي ريت ملايو آهي، جو ڪائنس مولانا روم جي طرز وري جيئري ٿي. انجو آواز صور جي ڦوڪ سان هم آواز آهي، جو افسرده دلين ۾، شور وجهي ٿو ڇڏي.،،

سپرد ٿيل ڪم کي پوري ڪرڻ بعد، علامہ پنهنجي رفيقن سميت غزني ۾ آيو، جتي، سلطان محمود ۽ حڪيم سنائي جي تربتن جي زيارت ڪيائين. محمود عليه الرحمة جي شوڪت جو ذڪر پنهنجي غير فاني شعر ۾ هن ٿو ڪري:

وارهيدم از جهان چشم و گوش
فاش چون امروز ديدم صبح دوش
شهر غزنين يک بهشت رنگ و بو
آب جوها نغمہ خوان در کاخ و کو
قصرهائی او قطار اندر قطار
آسمـــان با قبہ هايش همکنار

نکتہ سنج طوس را دیدم ببزم
لشکر محمود را دیدم برزم
روح سیر عالم اسرار کرد
تا مرا شوریدہ بیدار کرد

ترجمو: ”هن اک ۽ ڪن جي جهان کان ٻاهر تيس، ڪلهہ جو صبح اڄ وانگر صاف نظر ۾ آيو. غزني جو شهر رنگ و بو جو هڪ بهشت نظر آيو، جنهن جي هر محلات ۾ گهٽي مان نهريون جاري هيون. انجون ماڙيون قطار در قطار نظر آيون، جنجا قبا آسمان سان ٿي گسيا. طوس جي نڪتہ سنج (فردوسي) کي انجي بزم ۾ ڏٺم، محمود جي لشڪر کي جنگ ۾ ڏٺم. روح ان اسرار جو سير ايستائين ڪندو رهيو، جيستائين مونکي هڪ شوريده انسان نہ سجاڳ ڪيو.“

غزني کان علامہ قندار پهتو، جتي حضور ڪائنات جي خرقہ مبارڪ ۽ احمد شاه ابدالي جي مزار جي زيارت کان بهره اندوز ٿيڻ بعد، ڪوئٽي جي راه کان وطن پهتو. هن سفر جي متعلق علامہ سيد سليمان ندوي ہہ هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هن اقبال جي متعلق ڪيتريون ئي عجيب ڳالهيون لکيون آهن.

علامہ ”مسافر“ جي آخر ۾ جا نصيحت ظاهر شاه کي ڏني آهي، سا هر نوجوان مسلمان جي لاءِ، زندگي جو دستورالعمل آهي. ان ۾ جو ڪجهہ پنهنجي متعلق لکيو اٿس، سو ڪيتري قدر نہ صداقت سان پرپل ۽ جامع آهي.

Ind. Instt. of Islamic Studies LIBRARY

خـــاوران از شعلهٔ من روشن است
اے خنک مردے کہ در عصر من است
از تب و تـاب نصیب من بگیر
بعد ازین ناید چو من مردے فقیر

ترجمو: ”ايشيا منهنجي شعله کان روشن آهي، ۽ اهو مرد بخت وارو آهي، جو منهنجي دور ۾ آهي. منهنجي گرمي ۽ چمڪ کان پنهنجو حصو وٺ، هن کانپوءِ مون جهڙو فقير نه ٻيهر پيدا ٿي.“

ڪاش خاوري (مشرق جا رهڻ وارا)، علامه جي حڪمت آفرين نڪتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن، جن ۾ مسلمان جي لاءِ عظيم فڪر موجود آهي. روم ۽ تبريز ته موجود آهي، پر ان خاڪ مان ٻيو رومي پيدا ٿي نه سگهيو. پنجاب جي زمين اهائي باقي رهندي، مشڪل آهي جو ان مان وري ڪو ٻيو اقبال پيدا ٿئي.

نہ اٹھا پھر کوئی رومی عجم کے لالہ زاروں سے
وہی آب و گل ایران، وہی تبریز ہے ساقی

( ١١ )

## حجاز جي تمنا

علامه اقبال کي آخري وقت ۾ سفر حجاز جي تمنا ٿي رهي. هر سال هو تياري ڪندو ٿي رهيو، مگر بيماري جي سبب نڪري نه ٿي سگهيو. مرڻ کان ٿورو اڳ فرمايو هئائين:

”سهارنپور کان هڪ صاحب لکيو آهي، ته مان حجاز ويو هوس، ۽ طواف ۾ صدق دل سان دعا گهري هيم، ته الله تعاليٰ اوهان کي به حجاز پهچائي. مون کي يقين آهي ته هي دعا مقبول ٿي چڪي آهي.“

وري پاڻ چيائين:—

”ظاهر ۾ منهنجو حجاز وڃڻ ناممڪن ٿو نظر اچي، هو صاحب ٿو چوي ته دعا منظور ٿي چڪي آهي، ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي.“

هن آس جو ذڪر ”رموز بيخودي“ ۾ هن حد تائين ڪري ٿو:

از درت خیزد اگر اجزائی من
وائے امروزم خوشا فردائی من
فرخا شهرے که بودی تو در آن
اے خنک خاکے که آسودی در آن
مسکن یار است و شهرے شاه من
پیش عاشق این بود حب الوطن

کو کبم را دیدهٔ بیدار بخش
مرقدے در سایهٔ دیوار بخش
تابیا ساید دل بیتاب من
بستگی پیدا کند سیماب من
با فلک گویم کہ آرامم نگر
دیدهٔ آغازم انجامم نگر

ترجمو: ”تنهنجي درڪان جيڪڏهن منهنجي جسم جا جزا آتش، ٻوهه اچ جا ڪبو، مون لاءِ سڀائي فائدي وارو ٿيندو. مبارڪ آهي اهو شهر، جنهن ۾ تون رهين، ڀلي آهي اها مٽي، جنهن ۾ تون آسودو ٿئين. منهنجي حبيب جو اهو وطن آهي، ۽ منهنجي شاهه جو اهو شهر آهي، عاشق لاءِ اهوئي حب وطن آهي. منهنجي اکين کي ديدهٔ بيدار بخش، پنهنجي ديوار جي ڇانوَ ۾ قبر جي جاءِ بخش، تانجو منهنجي بيتاب دل آرام، ۽ پاري وانگر ڦٽڪندڙ دل قرار وٺي— تانجو آسمان کي چوان تہ منهنجي آرام کي ڏس، منهنجي شروعات تو ڏٺي هئي، هينئر منهنجو انجام بہ ڏس.“

مگر افسوس جو هي اميد ان مفڪر جي پوري نہ ٿي. حياتي جي پوئين وقت ۾ هو حجاز جي سفر لاءِ بيحد بيتاب ٿي رهيو. ”ارمغان حجاز“ جا سندس پوئين زماني جي تصنيف آهي، ۽ سندس وفات کانپوءِ شايع ٿي آهي، ان ۾ ان آرزو جو ذڪر جا بجا ڪرڻ فرمايو اٿس. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:—

سحر باناقہ گفتم نـرم تر رو
کہ راکب خستہ و بیمار و پیراست
قدم مستانہ زد چنداں کہ گوئی
بپایش ریگ ایں صحرا حریراست

ترجمو: ,,صبح آٺ کي چيم تہ آهستہ هل، تنهنجو سوار ٿڪل، بيمار ۽ پيرسن آهي. ان قدم نهايت مستانہ چال سان کنيون، انجي پيرن ۾ صحرا جي واري، ڄڻ تہ ريشم ٿي لڳي.،،

ٻي هنڌ فرمائي ٿو:-

چہ خوش صحرا کہ دروے کاروانہا
درودے خواند و محمل براند
بہ ریگ گرم او آور سجودے
جبیں را سوز تا داغے بماند

ترجمو: ,,ڪيتري قدر نہ اهو دلڪش رڻ پٽ آهي، جنهن ۾ قافلا، صلواتون پڙهندا، محمل ڪنيو ٿا وڃن. انجي گرم واري تي سجدو ڪر، تان تنهنجي پيشاني ڪي جلائي ۽ اهو داغ باقي رهي.،،

هن سلسلي ۾ علامہ اقبال، مخدوم الملڪ سيد ميران شاهہ جمال ده والي (رياست بهاولپور) کي جي خطوط لکيا آهن، ان مان سندس هي آرزو ۽ بي تابي صاف ظاهر ٿي ٿئي، هڪ هنڌ فرمائي ٿو:-

,,اوهانجو خط مليو، الحمد لله جو اوهان خيريت سان آهيو، ۽ حج جي تيارين ۾ مصروف. خدا تعالیٰ اوهان کي

هي سفر مبارڪ ڪري، ۽ انجي فرشتن جون رحمتون اوهان سان شريڪ حال رهن. جيڪر مان بہ اوهان سان هلي سگهان، ۽ اوهان جي محبت جي برڪت کان مستفيض ٿيان، پر افسوس جدائي جا ڏينهن اجا باقي آهن. مان ايترو ڪٿي لائق آهيان، جو حضور جي روضي مبارڪ تي ياد ڪيو وڃان، تڏهن بہ حضور جي هن ارشاد کان، جرأت ٿئي ٿي، تہ «الطالح لی، يعني «گنهگار منهنجي لاءِ آهن،. آميد تہ اوهان ان دربار ۾ پهچي، سون کي فراموش نہ فرمائيندا.،،

افسوس جو علامہ، هن خط جي زماني کان پوءِ، جلد وفات ڪئي، ۽ سندس ديار حبيب ۾ پهچي زيارت کان شرف اندوز ٿيڻ جي آرزو پوري ٿي نہ سگهي.

---

# (١٢)

## بيماري

ڪجھ عرصي کان اقبال جي اکين ۾ موتيا بند جي تڪليف پيدا ٿي. پاڻي لهي رهيو هوس، پر سندس اکيون آپريشن جي لائق نہ هيون. ڪيترا مهينا سندس اها حالت رهي، جو ڪنهن اچڻ واري کي پوري ريت سڃاڻي بہ نہ ٿي سگهيو. ان کانپوءِ کيس سنگ گرده جي شڪايت ٿي، پر حڪيم نابينا صاحب جي علاج کان کيس فائدو ٿي ويو:

سنہ ١٩٣٣ع ۾، هو رمضان جي عيد پڙهي آيو ۽ سين ۾ گرم کير وجهي کاڌائين. فقط ڪاڻ جي دير هئي، سندس آواز هڪدم ويهجي ويو. گهڻائي علاج ٿيا، پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. وري حڪيم نابينا صاحب جي علاج سان چڱيرو فائدو ٿيس. سنہ ١٩٣٥ع ۾ سندس رفيقہ حيات وفات ڪئي. انجي رحلت جو کيس بيحد صدمو پهتو، جنهن سندس صحت تي برو اثر وڌو. ڊسمبر ١٩٣٦ع ۾ سندس تڪليف وڌي وئي- کنگهہ، دمڪشي ۽ ضعف قلب جا دوره ٿيڻ لڳس. هن بيماري کيس بيحد تڪليف ڏني. طبيعت جي علاج لاءِ، سر راس مسعود جي مشوره سان ڀوپال ويو، جتي نواب ڀوپال حميدالله خان صاحب، پاڻ سندس علاج جي نگراني ٿي ڪئي. ڀوپال ۾ سندس حالت گهڻي قدر بهتر ٿي، مگر ان هوندي بہ شڪايت باقي رهي. بيماري جي هن تڪليف جو ذڪر، علامہ اقبال پنهنجي تصنيف "پس چہ بايد ڪرد اي اقوام شرق،" ۾ لکي ٿو:-

"٣ اپريل سنہ ١٩٣٦ع تي دارالاقبال ڀوپال ۾ هئس. خواب ۾ سر سيد عليہ الرحمة کي ڏٺم، فرمايائين ٿي تہ پنهنجي

علالت لاءِ حضور رسالت مآب صلی‌الله عليه وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪريان.“

ان بعد علامہ هئن ٿو مثنوي ۾ لکي:

آه! زاں دردے کہ در جان و تن است
گوشۂ چشم تو داروئے من است
در نسازد بادواها جان زار
تلخ و بویش بر مشامم ناگوار
کار ایں بیمار نتواں برد پیش
من چو طفلاں نالم از داروئے خویش
چوں بصیری از تو می خواهم کشود
تا بمن باز آید آں روزے کہ بود
با پرستاراں شب دارم ستیز
باز روغن در چراغ من بریز
اے وجود تو جهاں را نو بهار
پر تو خودرا دریغ از من مدار

ترجمو:- ”ان درد کان جو منهنجي جان ۽ تن ۾ آهي، اوهانجي چشم جي نظر منهنجو علاج آهي. منهنجي ڏکويل جان دوائن کان بيزار ٿي چڪي آهي، انجي تلخي ۽ بوء منهنجي مشام لاءِ اڻ سهندڙ بڻجي وئي آهي. هن بيمار جي شفايابي پري ٿي وئي آهي. ٻارن وانگر، پنهنجي علاج لاءِ روئي رهيو آهيان. بصيري (رحہ) وانگر، پنهنجي مشڪل ڪشائي گهرانٿو، تانجو

اهي ڏينهن موتي اچن، جي اڳ هئا. رات جي محبت وارن سان، مقابلو پيو آهي، منهنجي تمکندڙ ڏيئي ۾ وري تيل وجهو. اي، جو اوهانجي وجود کان جهان کي بهار سيسر آهي، پنهنجي سايہ کي مون کان پري نہ رک.،،

ڀوپال کان لاهور موٽڻ بعد علامہ، رئيس الاطبا حڪيم محمد حسن قرشي جي هيٺ رهيو. حُڪيم موصوف، علامہ جي ان وقت حالت جو هن طرح ذڪر ڪيو آهي:

،،ڊسمبر کان سندس حالت زياده بگڙجڻ شروع ڪيو. ساهہ پري جا دورا هر رات ڪيس ٿيڻ لڳا. ضعف قلب جي بہ ڪيس شڪايت ٿيڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪبي ڪلهي ۾ بہ درد ٿيڻ لڳو. تڏهن بہ ڪيس علاج کان ڪافي فائدو ٿيو.،،

علاج جي وچ ۾ حڪيم قرشي صاحب کي طبي بورڊ جي سلسلي ۾، راولپنڊي وڃڻو پيو. جنهن ڪري لاهور جي مشهور ڊاڪٽرن جي بورڊ سندس علاج شروع ڪيو، جنهن کان ڪجهہ ڏينهن فائدو ٿيو. مگر ١٩ اپريل ١٩٣٨ع تي سندس حالت وري خراب ٿيڻ لڳي ۽ ڊاڪٽرن جي وڏيڪ دوا پيئڻ کان انڪار ڪيائين. فرمائڻ لڳو تہ:

،،ڊاڪٽري دوائون خلاف انسانيت آهن، ڇو تہ ان ۾ مريض جي شوق جو خيال نہ ٿو رکيو وڃي. ميڊيڪل سائنس زندگي جي سائنس نہ سمجهڻ ڪري ناڪام آهي.،،

## ( ١٣ )

# وفات

اقبال کي مقرر وقت جي قريبي جو احساس ٿي چڪو هو. ٢٠ اپريل جي شام جو، آقا مرتضيٰ احمد، ايڊيٽر ’احسان‘، سندس عيادت لاءِ ويو. دير تائين ويٺو رهيو. ان وچ ۾ سندس فرزند جاويد اقبال اندر ڪمري ۾ آيو. ان کي مخاطب ٿي فرمائڻ لڳو، ”پٽ مونوٽ اچي ويهندو ڪر، مان شايد ٿورن ڏينهن جو مهمان آهيان.“ حاضرينن مان ڪنهن چيو ته ”اجا نئڊو آهي، ۽ اوهانجي بيماريءَ کان گهرايل آهي.“ فرمايائين ته ”هن کي هر افتاد جو مقابلو ڪرڻ گهرجي.“ ان کانپوءِ چودري محمد حسين کي فرمايائين ته ”جاويد نامہ جي آخر ۾، ’خطاب بہ جاويد‘ جي عنوان سان مون ڪي ڳالهيون جاويد لاءِ لکيون آهن، جڏهن جاويد جوان ٿئي، تڏهن ان کي انهن شعرن جو مطلب سمجهائج.“ اهڙي حالت ۾ بہ کيس مسلمانن جو خيال ٿي رهيو. هڪ رات دير تائين رئندو رهيو. ڪنهن پڇين ته ”اوهان ڇو روئي رهيا آهيو“. فرمايائين ته ”مسلمانن جو خيال رکي رکي ستائي رهيو آهي، خدا ڄاڻي هن قوم جو ڪهڙو حال ٿيندو.“

وفات کان ٿورو وقت اڳ، سندس ڀاءُ شيخ عطا محمد سندس حالت ڏسي روئي ويٺو. فرمايائونس ته ”اوهان ڇو ٿا روئو، شايد اوهان کي خيال ٿو ٿئي ته اقبال مرڻ وارو آهي، پر موت اهڙي شي نہ آهي، جنهن تي ڳوڙها وهايا وڃن.“

انتقال واري ڏينهن کان اڳين شام جو، سندس جرمن دوست، بئرن وان والٿيم، جو سائس ميونچ ۾ گڏ ٿي رهيو، ملڻ آيو. علامہ سائس طالب علمي

جون ڳالهيون دهرائيون، ۽ هئي ڪيترو وقت سياست ۽ فلسفہ تي ڳالهائيندا رهيا. سندس تڪليف ڪي ڏسي، سندس دوست، آبديده ٿي ويو. علامہ ان کي تسلي ڏيندي فرمايو تہ ,,مسلمان موت کان نہ ڏجندو آهي،،. پوءِ هي رباعي پڙهيائين:

سحرها در گريبان شب اوست
دو گيتي را فروغ از کوکب اوست
نشان مرد مومن با تو گويم
چو مرگ آيد تبسم بر لب اوست

ترجمو: ,,انجي رات جي دامن ۾ صبح لڪل ٿين ٿا، انجي ستارن کان جهان کي تجلي ميسر آهي. مرد مومن جو نشان توکي ٻڌايان ٿو تہ جڏهن موت ان کي اچي تڏهن مرڪ انجي چپن تي هوندي.،،

۲۱ رات جو جڏهن سندس درد وڌي ويو، تڏهن هن بيت جو تڪرار ڪندو رهيو:

تهنيت گوئيد مستان را کہ سنگ محتسب
بردل ما آمد و اين آفت از مينا گذشت

مسلمانن جي هن محبوب هستي جو، آخري وقت قريب اچي ويو هو. ۲۱ اپريل جي اها سوگوار رات هئي، جنهن رات هي نامور هستي، موت جي بستر تي بيقرار هئي. موت جي آمد جو کيس يقين ٿي چڪو هو، ان آخري وقت ۾ فرمايائين:

سرور رفت باز آید کہ ناید
نسیمے از حجاز آید کہ ناید
سر آمد روزگارے ایں فقیرے
دگر دانائی راز آید کہ ناید

ترجمو: ”گذريل خوشي موٽي يا نہ، حجاز جي طرف کان هير اچي يا نہ. هن فقير جو آخري وقت اچي ويو، ٻيو راز جو ڄاڻندڙ اچي يا نہ.“

صبح جو سوائين پنجين بجي جو وقت هو، سندس ديرينہ ملازم علي بخش کيس زور ڏئي رهيو هو، جو اوچتو ٽڏو ساهہ کنيائين، ۽ والله، چوندي جان جان آفرين جي سپرد فرمايائين:

چو رخت خویش بر بستم ازیں خاک
ہم گفتند با ما آشنا بود
ولیکن کس ندانست ایں مسافر
چہ گفت و با کہ گفت و از کجا بود

ترجمو: ”جڏهن پنهنجو اسباب سفر هن خاڪ کان ٻڌم، سڀني چيو تہ اسان سان واقف هو. مگر ڪنهن نہ ڄاتو تہ هن مسافر ڇا چيو، ڪنهن کي چيو، ۽ ڪٿان جو هو.“

انا لله و انا اليه راجعون.

سندس وفات جي اطلاع ملڻ تي، سڀئي سرڪاري آفيسون، ڪورٽون، ڪاليج ۽ سڀ اداره بند ڪيا ويا. ماڻهن جا هجوم جاويد منزل وٽ، سوگواري لاءِ اچي گڏ ٿيا. جنازو جاويد منزل کان شام جو پنجين بجي روانو ٿيو،

٦٠ هزار مائهن جو هي جلوس، دهلي دروازي کان ٿيندو، شام جو ستين بجي، شاهي مسجد ۾ پهتو. جنازه نماز بعد مشرق جي غير فاني شاعر ۽ مفڪر کي، اورنگزيب رحمت‌الله عليه جي ٻارنهن دري جي سامهون لحد جي آرامگاه ۾ دفنايو ويو. ’سدائي رهي نانءُ الله جو‘، جا تربت اڄ:

زيارت گه اهل عزم و همت هے لحد ميری
کہ خاک راه کو ميں نے بتايا راز الوندی

اقبال جي وفات تي لاهور جي هڪ وڏي ۾ وڏي انگريز آفيسر، اقبال جي هڪ عقيدت مند دوست کي چيو ته ”توهان هندستان جي آخري مسلمان کي سپرد خاڪ ڪري ڇڏيو.“ بيشڪ اقبال جي جسم کي سپرد خاڪ ڪيو ويو، مگر مسلمان مرندو نه آهي، انجو اسلام ان کي هميشه جيئرو رکندو آهي. اقبال جو جيستائين غير فاني ڪلام زنده آهي، هو زنده ۽ پائنده آهي.

منهنجي عزيز دوست حفيظ هوشيار پوري (هيڊ ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان، ڪراچي) سندس وفات جي تاريخ هيءَ لکي آهي:

(١) ”آه مفڪر اعظم“ (١٣٥٧هه)

(٢) ”پيغمبر دين خودی“ (١٩٣٨ع)

(٣) ”صدق و اخلاص و صفا باقی نماند“ (١٣٥٧هه)

سندس وفات تي هندستان جي ڪيترن شاعرن تاريخون لکيون آهن، جي يڪجا ڪيون وڃن ته وڏو ڪتاب ٺهي پوي.

علامه اقبال ۾ شاديون ڪيون. پهرين شادي مان ڪيس

آفتاب اقبال بيرسٽر موجود آهي. ٻي شادي مان جاويد اقبال فرزند ۽ منيره نياڻي اٿن. آفتاب اقبال سان پوئين حياتي جي دور ۾ ڪوبه تعلق نه رهيو هوس. پوئين اولاد کيس بيحد عزيز هئي. ”ارمغان حجاز“ ۾ جاويد جي لاءِ دربار نبوي صلي الله عليه وسلم ۾ هي آرزو عرض ٿو رکي:

همين يک آرزو دارم که جاويد
زعشق تو بگيرد رنگ و بوئے

”اهائي هڪ تمنا آهي ته جاويد تنهنجي محبت کان رنگ ۽ بو حاصل ڪري.“

---

( ١٤ )

## اخلاق ۽ عادتون

"سيرة اقبال" جي مصنف، تمهيد ۾، ڪيترين ئي دلڪش حقيقتن ڏنيون آهن، جن مان، سندس شڪل ۽ شباهت لاءِ هيٺ ٿو لکي:

"شروع عمر ۾ جسم پربل، سرخ ۽ سفيد رنگ، اکيون اڌ کليل معلوم لڳنديون هيون. عضوا قوي ۽ مضبوط هيس. ڪشميري نسل هئڻ سبب، بيحد وجيهه ۽ شڪيل هو. قد درميانو، چهرو پر رعب ۽ سنجيدو هيس. آخر وقت ۾ بدن ضعيف ۽ لاغر ٿي ويو هوس. اکيون اندر پيهجي ويون هيون، مگر چهري جو رعب ۽ وقار باقي هو. ڪنهن به ماڻهو کي وٽس اچڻ وڃڻ کان روڪ نه هوندي هئي. علامه جو دروازو ملاقاتين لاءِ هميشه کليل هوندو هو. آخر وقت ۾ جڏهن وڪالت بند ڪئي هئائين، تڏهن هميشه گهر ۾ هوندو هو. صبح کان شام تائين معتقدين جي آمد رفت رهندي هئي. پاڻ پنهنجو حقو ورتيون، ڪڏهن ڪرسي تي، ڪڏهن صوفي تي ۽ ڪڏهن نوار جي کٽ تي ويٺل نظر ايندو هو."

علامه ڪم گو هو، پر جي گفتگو ڪندو هو ته برمحل ۽ مدلل. ملاقاتين جي وقت به ڪڏهن ڪڏهن، فڪر جي درياهه ۾ گم ٿي ويندو هو. اڪثر ڪلاڪن جا ڪلاڪ مٿس عالم محويت طاري رهندو هو. ڳالهائيندو هو ته ڪڏهن ڪڏهن مسلسل پنج پنج ڪلاڪ به ڳالهائي ويندو هو.

**حسن اخلاق**

علامه جي اخلاق حسنه جون ڳالهيون، ڪيترين ئي مشهور آهن. سندس زندگي سادگي جو هڪ نمونو هو. باوجود جو وٽس، وڏا وڏا حاڪم، عهديدار ۽ ارباب علم و فن ايندا

ٿي رهيا، تڏهن به ونس نه ڪا شان شوڪت هوندي هئي نه ساز و سامان. سادگي جي حالت ۾ مشرق ۽ مغرب جي عالمن، حڪيمن ۽ اميرن سان ملاقات ڪندو ٿي رهيو. ڪنهن به لهو لعب سان سندس محبت نه هئي. سنيما به شايد پنهنجي حياتي ۾، هڪ اڌ دفعو ڏٺي هئائين. سادگي جي حد اها هئي جو سندس ڪپڙا به پيا پسند ڪندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي، ته ڪي هالنڊ جا سوداگر، ونس ڪي غاليچا کڻي آيا. انوقت مولوي ظفر علي خان به وٽن ويٺو هو. علامه مولانا کي چيو ته ”قالين ته ڏسو“. مولانا چوڻ لڳو ته ”قالين عمدا نظر اچي رهيا آهن، اوهان پل خريد ڪريو“. هزار يا ٻارهن سون جا قالين خريد ڪيا ويا. سوداگر پيسا وٺي هليا ويا. ڪن ڏينهن بعد ڪيس خبر پئي ته گهٽ قيمت جا هئا. هي هئي سندس سادگي!

**شهرت کان بيزاري**

علامه هميشه شهرت کان پري رهيو. جڏهن هندستان ۾ ”اقبال ملٽري سڪول“ جي کولڻ جي تحريڪ شروع ٿي، تڏهن پاڻ انجي مئنيجر کي لکي موڪليائين:

”هڪ معمولي شاعر جي نالي سان فوجي سڪول کي منسوب ڪرڻ ڪجهه زياده موزون نه ٿيندو. مان تجويز ڪريان ٿو ته اوهان اُن فوجي سڪول جو نالو ”ٽيپو فوجي سڪول“ رکو. ٽيپو سلطان، هند جو آخري مسلمان سپاهي هو، جنهن کي هندستان جي مسلمانن تمام جلد وساري ڇڏيو. ڏکڻ هندستان ۾ جيئن مون ڏٺو، هن عالي مرتبه مسلمان سپاهي جي قبر زياده زندگي رکي ٿي، به نسبت اسان جهڙن ماڻهن جي،

جو ظاهر ۾ جيڏرا آهيون، يا پاڻ کي جيترو ظاهر ڪري، ماڻهن کي فريب ڏيندا رهون ٿا،،.

علامه دنيا داري جي ڍنگ کي به نه چاهيندو هو. وڏن وڏن ماڻهن جي سامهون به دل جي ڳالهه چٽي ڏيندو هو. هڪ دفعه لارڊ ولنگڊن، وائسراءِ هند سان سندس ملاقات ٿي. وائسراءِ کيس چيو ته ''سيائي مون سان ڪاڏو ڪائجو.،، ڪو ٻيو ماڻهو هجي ها ته ان کي پنهنجي لاءِ عزت ۽ فخر سمجهي ها. مگر علامه کيس صاف جواب ڏنو ته ''مان سيائي دهلي کان لاهور هليو ويندس، انڪري اوهانجي دعوت قبول ڪري نه ٿو سگهان،،. وائسراءِ مجبور ٿي، ان ئي ڏينهن سندس دعوت جو انتظام ڪيو.

**قناعت ۽ توڪل**

علامه ڪڏهن به جاهه ۽ مرتبي جي طرف نه جهڪيو. جڏهن گورنمنٽ هند جي طرفان کيس، آفريڪا جي ايجنٽ جنرل جي عهدي جي آڇ ٿي، ته پاڻ انڪري انڪار ڪيائين، جو سرڪاري دعوتن ۾، ليڊي اقبال جو ٻاهر اچڻ کيس پسند نه هو.

مسلمان جو شان فقر غيور آهي. اقبال آن ڏس ۾ به محتاط هو. سر اڪبر حيدري، وزير اعظم حيدرآباد دکن، ''يوم اقبال، جي موقعي تي، هڪ هزار رپيه جي چيڪ موڪلي ڏني. جيئن ته آهي پيسا اهڙي فنڊ مان موڪليا ويا هئا، جنهن کي علامه جي غيرت قبول نه ڪيو ۽ هيئين سٽن سان واپس ڪري ڇڏيائين :

تها يه فرمان الاهی که شکوه پرويز
دو قلندر کو که هيں اس ميں ملوکانه صفات
مجهه سے فرمايا که لے شهنشاهے کر
حسن تدبير سے دے آنی و فانی کو ثبات

”دولت جي گهرج اٿو؟“

”مان درويش آهيان، دولت جو هوس نہ آهي.“

”عزت ۽ مرتبو گهرو ٿا؟“

”آهي تہ خدا ڪافي ڏنا آهن.“

”تڏهن خدا سان ملڻ گهرو ٿا؟“

”درويش ڇا ٿا فرمايو، مان بندو هو خدا! بندو خدا سان ڪيئن ملي سگهندو. قطرو درياهہ ۾ وڃي تہ قطرو نہ ٿو رهي. مان قطره جي حيثيت ۾ قايم رهي، درياهہ بڻجڻ ٿو گهران.“

هي ٻڌي درويش تي خاص ڪيفيت طاري ٿي ويئي. چوڻ لڳو تہ ”تون تہ خود راز جو آگاهہ آهين، توکي دعا جي ڪهڙي ضرورت آهي.“

**قرآن سان محبت**

حڪيم محمد حسن قرشي لکي ٿو: ”قرآن حڪيم کي بلاناغہ روزانو پڙهندو هو، پوءِ ڪٿي سفر هجي يا حضر. ننڍپڻ کان بلند آواز سان پڙهندو هو. آواز وبهي وڃڻ ڪانپوءِ، ڪيس هي زياده ڏک رهيو تہ قرآن حڪيم بلند آواز سان پڙهي نہ ٿي سگهيو. بيماري جي حالت ۾، جڏهن ڪنهن سندس سامهون، قرآن حڪيم کي خوش الحاني سان ٿي پڙهيو، تہ سندس اکين مان ڳوڙها وهي نڪرندا هئا، ۽ مٿس عجيب قسم جي حالت طاري ٿي ويندي هئي.“

**عشق رسول**

اقبال سرڪار دو عالم جي سيرت پاڪ جي عميق مطالعہ بعد، هن نتيجي تي پهتو هو تہ حضور جي ذات با برڪات، تمام ظاهر ۽ باطن جي ڪمالات جي مجمع هئي. جڏهن

جڏهن سندس سامهون، حضور پاڪ جو ذڪر ٿيندو هو، تڏهن پاڻ بي تاب ٿي ويندو هو، ۽ رئندو رهندو هو. زندگي جي آخرين ڏينهن ۾، ڪي ساٿهو ساڻس ملڻ ويا، ڏٺائون ته طبيعت بي چين آهي ۽ اکيون ڳوڙهن سان پريل آهن. پڇڻ تي فرمايائين ته:—

”اڄ هڪ نوجوان مسلمان مون سان ملڻ آيو هو آنحضرت صلي الله عليه وسلم ڪي، بار بار محمد صاحب (فداه ابي و امي) چوندو رهيو. مون کي سخت افسوس ٿيو، ته جنهن قوم جي نوجوانن جو هي حال آهي، ته انهن جي ڀلائي ڇا ٿيندي.“

**عمل**

ڪيس عمل سان بيحد محبت هئي. هو عملي ڪم ڪرڻ کي سچي خدمت سمجهندو هو. هڪ دفعه هڪ پير صاحب وٽس مقيم هو. پير صاحب وٽ هڪ مريد ١٠٠ روپيه نذراني رکڻ بعد عرض ڪيو، ته سندس قرض جو هزارن روپين تائين هو، لهڻ جي دعا گهري. پير صاحب نذرانو ونئي، علامه کي عرض ڪيو ته دعا گهري، چو ته سندس دعا مستجاب ٿيندي. علامه دعا کان انڪار ڪيو. جڏهن ڪائنس ان جو سبب پڇيو ويو ته پاڻ فرمايائين:

”مريد هزارن رپين جو مقروض ۽ ١٠٠ روپين جو نذرانه ڏئي، نه مريد کي قرض جو اونو، نه مرشد کي مريد جي قرض جو فڪر، اهڙي حالت ۾ دعا ڪيئن مستجاب ٿيندي.“

هڪ دفعه هڪ بي روزگار جوان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو، ۽ پنهنجي ناڪامي ۽ نامرادي جو ذڪر ڪرڻ لڳو، پاڻ ان کي تسلي ڏيندي فرمايائين:

،،انسان دنيا ۾ عمل لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، قرآن پاڪ ۾ جتي انساني عبادت جو ذڪر آهي، ان کان عمل مقصود آهي. هر انسان ننڍڙي پيماني تي خالق آهي، ۽ انهن تخليقي قوتن کي ضايع ڪرڻ گناهه آهي.،،

هي سنڌس عمل لاءِ نظريه هو، جنهن لاءِ ٻيءَ هنڌ لکي ٿو:

عمل سے زندگی بنتی ہے جنت بھی جہنم بھی
یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری ہے

قرآن حڪيم جو به اهوئي ارشاد آهي:

لقد خلقنا الانسان فی احسن تقویم ہ ثم رددناہ فی اسفل السافلین ہ الاالذین آمنو و عمل الصالحات ہ

خلافت جي تحريڪ ۾ پاڻ انهيءَ اصول هيٺ ٿي رهيو، سنڌس اختلاف نهايت شاندار هو. جنهن لاءِ فرمائي ٿو:

اگر ملک ہاتھوں سے جاتا ہے جائے
تو احکام حق سے نہ کر بے وفائی
نہیں تجھکو تاریخ سے آگہی کیا
خلافت کی کرنے لگا تو گدائی
خریدیں نہ ہم جس کو اپنے لہو سے
مسلماں کو ہے ننگ وہ پادشائی
مرا از شکستن چنان عار ناید
کہ از دیگران خواستن مومیائی

خدا رسيده بزرگن سان سنڌس بي حد محبت هئي. جتي جتي ڪو خدا

جو پيارو بندو پڌندو هو ته سندس زيارت لاءِ پنڌ ڪري ويندو هو، جنهن لاءِ پاڻ فرمائي:

خرد افزود مرا درس حکيمان فرنگ

سينه افروخت مرا صحبت صاحب نظران

ترجمو: ”منهنجي دانائي کي فرنگ جي حڪيمن جي درس وڌايو، پر منهنجي سينه کي، صاحب نظرن جي صحبت جاڳايو.“

علامه کي مطالع جو بيحد شوق هو. فرصت جو جيترو وقت ملندو هوس، سو مطالعه ۾ خرچ ڪندو هو. عام اخبارن ۽ رسالن تي سرسري نظر وجهندو هو. ڪم جو ڪو مضمون ڏسندو هو، ته ان کي غور سان پڙهندو هو. ڪتاب مان به فقط اهي ڪتاب پڙهندو هو، جي سندس معيار تي پورا هوندا هئا. علامه جي لئبرري نهايت وڏي ۽ قيمتي هئي. پنهنجي وفات کان ٿورو اڳ، ان ڪتبخاني جو گهڻو حصه پنجاب يونيورسٽي جي لئبرري کي ڏنو هئائين.

---

# اقبال جي شاعري

هٿي هٿ تندن کي، ٻيجل ڇيڙيو ساز
وڏي جهانءِ جهان ۾، الستي آواز
لطف اهو راز، ڇاتو هڪ ڏياچ تي

## شعر جي ابتدا

اقبال جي شاعري جي ابتدا سيالڪوٽ ۾ ٿي، جڏهن هو، سيالڪوٽ جي مشن ڪاليج ۾ پڙهندو هو. علامه سيد مير حسن، پنهنجي ڪنهن به شاگرد ڪي، شعر چوڻ جي ترغيب نه ڏيندو هو، پر اڪثر حالتن ۾ سختي سان روڪيندو هو. مگر اقبال جا اشعار ٻڌي، سندس اڪين هونهار شاعر جي مستقبل ڪي جاچيو، ۽ هن سندس همت افزائي ڪئي. هن همت افزائي ڪان اقبال ڏينهون ڏينهن هن فن ۾ ترقي ڪندو رهيو. ان ڏينهن ۾ سيالڪوٽ ۾ به هڪ ننڍو مشاعره ٿيندو هو، جتي اقبال به شعر پڙهندو هو.

جڏهن علامه اقبال لاهور ۾ آيو، ان زماني ۾ به سندس شعر و شاعري سان ساڳي محبت رهندي آئي. ان زماني ۾ لاهور جا مشاعرا به خاص اهميت رکندا هئا. جن ۾ حالي، محمد حسين آزاد، پياري لال آشوب ۽ مرزا ارشد گورگاني جهڙا اديب ۽ شاعر شرڪت ڪندا ٿي رهيا. اقبال به دوستن جي زور ۽ اصرار تي مشاعرن ۾ شرڪت جو ارادو ڪيو. ڀاٽي دروازي جي حڪيم امين الدين صاحب جي مڪان تي، هڪ ڪامياب مشاعرو ٿيو، جنهن ۾ اقبال غزل پڙهيو. جڏهن هن شعر تي آيو:

موتی سمجھ کے شان کریمی نے چن لئے
قطرہ جو تھے میرے عرق انفعال کے

تڏهن مرزا ارشد گورگاني حيران ٿي ويو، بي اختيار داد ڏئي چيائين ته

,,ميان هن عمر ۾ هي شعر.،، هي غزل ايتري قدر ته ڪامياب ٿيو، جو سڄي لاهور ۾ چوڌاري انجي ساراهه ٿيڻ لڳي.

ان زماني ۾ اقبال جو، نواب فصيح الملڪ داغ دهلوي سان غائبانه تلمذ ٿيو، ۽ پنهنجي شعر تي ڪائنس خط و ڪتابت رستي اصلاح وٺڻ لڳو. داغ ان وقت حيدرآباد دکن ۾ ٿي رهيو، ۽ نظام دکن جي استاد هئڻ سبب، هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس شهرت پکڙيل هئي. داغ، اقبال جي ڪجهه غزلن تي اصلاح ڪرڻ کانپوءِ لکي موڪليو، ,,هاڻي اوهانجو ڪلام اصلاح کان بي نياز آهي.،، داغ مرحوم جو پنهنجي دور جو وڏو نقاد ۽ جوهر شناس هو، هن، هونهار شاگرد جي علمي جوهر کي پرکي ورتو، ته هنجي شاعري جو مقصد مشاعرن ۾ چمڪڻ نه آهي، پر دنيا کي پنهنجي اشعار سان چمڪائڻ آهي. سر عبدالقادر مرحوم 'بانگ درا' جي تمهيد ۾ لکي ٿو:

> ,,اقبال، داغ جي حياتي ۾ اهو درجو حاصل ڪيو هو، جو داغ مرحوم هن ڳالهه تي فخر ڪندو هو ته اقبال به انهن ماڻهن ۾ شامل آهي، جنهنجي ڪلام جي هن اصلاح ڪئي. مون کي دکن ۾ خود ان سان ملڻ جو اتفاق ٿيو، ۽ مان خود اهڙا جملا انجي زبان کان ٻڌا.،،

اگرچه اقبال جي شعر جي اصلاح جو رستو، داغ سان گهڻو وقت نه رهيو، مگر اقبال جي دل ۾ سندس عزت ساڳي برقرار رهي. سندس موت تي جو مرثيو لکيو اٿس، ان ۾ داغ جي فڪر نڪته رس جو هن ئو ذڪر ڪري:

هو بہ ہو کھینچے گا لیکن عشق کی تصویر کون
اٹھ گیا ناوک فگن، مارے گا دل پر تیر کون

اقبال اگرچہ شعر جي ابتدا غزل گوئي سان ڪئي، پر ٿوري عرصي کان پوءِ، هن پنهنجي پيغمبرانہ شاعري جي شروعات ڪئي، جنهن جي جهلڪ سندس ابتدائي شاعري مان نمايان طور نظر اچي ٿي. هنجي نظم ”هماليہ“ جڏهن پهرين دفع ”مخزن“ ۾ شايع ٿي تہ هندستان جي مختلف ادبي حلقن ۾ اقبال جي حسن بياني ۽ جدت جي ساراهہ پئجي وئي.

ان زماني ۾، لاهور جي درد مند مسلمانن، هڪ تعليمي جماعت جو بنياد رکيو، ۽ جنهن کي ”انجمن حمايت اسلام“ جو نالو ڏنائون. ان انجمن جي سعي سان هر سال هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي هئي، جنهن ۾ هندستان جي سر بر آورده مسلمانن کي، ان ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني ويندي هئي. سنہ ١٨٩٩ع ۾، علامہ ان اجلاس ۾ پنهنجي پهرين نظم ”نالہ يتيم“ پڙهي، جنهن جي سوز ۽ اثر کان مجمع بيقرار ٿي ويو. هي زهره گداز نظم، هندستان جي طول ۽ عرض ۾ بيحد مقبول ٿي. حمايت اسلام جي جلسن مان هڪ جي ڪهاڻي آهي، تہ ان جلسي ۾، مولانا حالي، ڊاڪٽر نذير احمد، ارشد گورگاني، سر محمد شفيع، سر فضل حسين، سر عبدالقادر، مولانا ابوالڪلام آزاد، ۽ خواجہ حسن نظامي جهڙا اڪابر جمع هئا. خواجہ الطاف حسين حالي مرحوم، ان مجمع ۾ پنهنجي نظم پڙهڻ لاءِ اٿيو. خواجہ صاحب جو، پيري سبب آواز ايترو گهٽيل هو، جو معمولي صحبتن ۾ بہ انجو آواز ٻڌڻ مشڪل ٿي پيو هو. سامعين ۾ غير معمولي شور پيدا ٿيو. شيخ عبدالقادر، مجمع کي خاموش رهڻ جي هدايت ڪئي، ۽ فرمايائين تہ:

”اوهان مولانا حالي جي زبان کان، جو ڪجھ ٻڌي سگهو، سو ٻڌو، پوءِ اهائي نظم اقبال اوهان کي پڙهي ٻڌائيندو.“

مولانا جي نظم پوري ڪرڻ تي، اقبال گئلري کان هيٺ لهي آيو، ۽

نظم پڙهڻ لاءِ بيهي رهيو. نظم کي شروع ڪرڻ کان اڳ، هن هڪ ني البده رباعي پڙهي، جنهن کان سڀ مجمع بيقرار ٿي، داد ڏيڻ شروع ڪيو:

مشهور زمانہ میں ہے نام حالی
معمور مے حق سے ہے جام حالی
میں کشور شعر کا نبی ہوں گویا
نازل ہے میرے لب پر کلام حالی

علامہ جي شاعري جو هي پهريون دور ليکجي ٿو. ان دور جون نظمون گهڻو ڪري، ’بانگ درا‘ جي پهرين حصه ۾ آيل آهن، جن جي پڙهڻ سان خبر پوي ٿي ته علامہ جي ڪلام ۾ ان وقت ئي پختگي اچي وئي هئي. فطرت جي اسرار جو هو اگرچه ابتدائي مبصر هو، پر سندس نظمون، انوقت جي استاد شاعرن سان ٽڪر ڪائيندڙيون نظر اچن ٿيون. هن جو شوق استفسار ايتري قدر ته بلند آهي، جو ان منزل تي فطرت جي هر چيز بابت جستجو ڪندو نظر اچي ٿو. ’ايڪ آرزو‘ ان قبيل جي نظم آهي، جنهن ۾ هو، پنهنجي آرزو تي، هڪ محقق فلسفي ۽ راز حيات جي رازدان جي حيثيت سان نظر وجهي ٿو. فرمائي ٿو:

کانوں پہ ہو نہ میرے دیرو حرم کا احساں
روزن ہی جھونپڑی کا مجھکو سحر نما ہو
پھولوں کو آئے جس دم شبنم وضو کرانے
رونا میرا وضو ہو، نالہ میری دعا ہو

اس خامشی میں جائیں اتنے بلند نالے
تاروں کے قافلہ کو میری صدا درا ہو
ہر درد مند دل کو رونا میرا رلادے
بیہوش جو پڑے ہیں شاید انہیں جگادے

جيئن تہ هو ان وقت پنهنجي فکر جا ابتدائي مراحل طي ڪري رهيو هو، مٿس ، وطن پرستي، جو عنصر غالب نظر اچي ٿو. ’نيا شوالہ، ۽ ’تصوير درد، ۾، هو وطن جي افتادگي، تعصب، نفاق، ۽ تنگ نظري تي بيقرار نظر اچي ٿو.

’نيا شوالہ، ۾ فرمائي ٿو:

سچ کہدوں ای برھمن گر تو برا نہ مانے
تیرے صنمکدوں کے بت ہوگئے پرانے
اپنوں سے بیر رکھنا تونے بتوں سے سیکھا
واعظ کو بھی سکھایا جنگ و جدل خدانے

پڻ هتڙ فرمائي ٿو:

وطن کی فکر کر نادان مصیبت آنے والی ہے
ترے بربادیوں کے مشورے ہیں آسمانوں میں
نہ سمجھوگے تو مٹ جاؤگے اے ہندوستان والے
تمہاری داستاں تک بھی نہ ہوگی داستانوں میں

انوقت جي گهري وطني خيالات جو پتو سندس مشهور نظم ’ترانہ هندی، مان پوي ٿو، جنهن ۾ هو وطن کي هن عظمت سان پيش ڪري ٿو:

سارے جہان سے اچھا ہندوستان ہمارا
ہم بلبلیں ہیں اس کی وہ گلستان ہمارا

هن ۾ اقبال وطن پرستي جي نڪتي کي اهڙي ريت واضح ڪيو آهي، جو گانڌي‌جيءَ پنهنجي هڪ خط ۾ اعتراف ڪيو آهي ته ”ان جهڙي نظم، ان موضوع تي، هندستان جي قديم ۽ جديد شعرا مان ڪوبه پيش نه ڪري سگهيو آهي.“ ان هوندي به اقبال جي هن وطن پرستي اندر، هڪ خصوصيت نظر اچي ٿي. اها آهي، ته هن چاهيو ٿي ته پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي جاذبيت پيدا ڪري، جيئن سندس پيغام هر ملت ۽ ڪيش، ۽ هر ملڪ جي لاءِ عام بڻجي وڃي. اِهي سندس اولين خيالات هئا، جن ڪيس اڳتي هلي، ”وطن پرستي“ جي بت کان بيزاري ڏني.
فرمائي ٿو:

بستهٔ رنگ خصوصیت نہ ہوا میری زباں
نوع انساں قوم ہو، میری وطن میرا جہاں
دیدۂ باطن پہ راز نظم ہو قدرت عیاں
ہو شناسائی فلک شمع تخیل کا دھواں
عقدۂ اضداد کی کاوش نہ تڑپائے مجھے
حسن عشق انگیز ہر شے میں نظر آئے مجھے
(آفتاب)

هي متضاد رنگ، ۽ سندس ذهني ڪشمڪش، ”سيد کی لوح تربت“ ۾ زياده نمايان نظر اچي ٿي:

مدعا تیرا اگر دنیا میں ہے تعلیم دیں
ترک دنیا قوم کو اپنی نہ سکھلانا کہیں

وا نہ کرنا فرقہ بندی کیلئے اپنی زباں
چھپ کے ہے بیٹھا ہوا ہنگامۂ محشر یہاں

"شاعر" ۾ فرمائي ٿو:

قوم گویا جسم ہے، افراد ہیں اعضائی قوم
منزل صنعت کے رہ پیما ہیں دست و پائی قوم
محفل نظم حکومت چہرۂ زیبائی قوم
شاعر رنگیں نوا ہے دیدۂ بینائی قوم
مبتلائے درد کوئی عضو ہو، روتی ہے آنکھ
کس قدر ہمدرد سارے جسم کی ہوتی ہے آنکھ

هن تخيل جي ڪشمڪش کان سواءِ، شعر جي دنيا ۾، آن وقت اقبال جون لکيل نظمن مان ڪي ته فني حيثيت سان بلند مقام رکن ٿيون. مثلاً "ماه نو" ۾ فرمائي ٿو:

ٹوٹ کر خورشید کی کشتی ہوئی غرقاب نیل
ایک ٹکڑا تیرتا پھرتا ہے روئے آب نیل
طشت گردوں میں ٹپکتا ہے شفق کا خون ناب
نشتر قدرت نے کیا کھولی ہے فصد آفتاب
چرخ نے بالی چرائی ہے عروس شام کی
نیل کے پانی میں یا مچھلی ہے سیم خام کی

"جگنو" جي متعلق فرمائي ٿو:

حسن قدیم کی یہ پوشیدہ اک جھلک تھی
لے آئی جس کو قدرت خلوت سے انجمن میں

چھوٹے سے چاند میں ہے ظالمت بھی روشنی بھی
نکلا کبھی گہن سے، آیا کبھی گہن میں
پروانہ اک پتنگا، جگنو بھی اک پتنگا
وہ روشنی کا طالب یہ روشنی سرا پا

اقبال جي شاعري جو هي دور، اردو ادب لاءِ قابل قدر اضافو آهي، جنهن جي تقليد ۾ ٻوءِ، اردو جي شاعرن پنهنجي نئين راه قائم ڪئي.

---

# پهريون دور

## ١٩٠٥ع - ١٩٠٨ع

قيام يورپ جي زماني کي، اقبال جي شاعريءَ جو پهريون دور سڏجي ٿو. يورپ جي قيام ۾ علامہ کي، اتانجي عالمن ۽ سياستدانن جي صحبت جو موقعو مليو. هن يورپ جي هر چيز کي ويجهو ٿي ڏٺو. مغرب جي متعلق اڳ جي سندس رايا هئا، ان ۾ گهڻي تبديلي جو، مٿس پهريون اثر اهو پيدا ٿيو، جو هن ارادو ڪيو تہ آئنده شعر و شاعري کي ڇڏي، ڪنهن اهڙي شغل ۾ وقت صرف ڪري، جو پوئتي پيل قوم ۽ ملڪ جي لاءِ ڪار آمد ثابت ٿئي. سندس دوست سر شيخ عبدالقادر جو انوقت لنڊن ۾ هو، علامہ کي باز آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. آخرين فيصلو سندس استاد سر آرنلڊ تي ڇڏيو ويو. سر آرنلڊ، علامہ کي پنهنجي خيال کان باز آندو، ۽ مشرق تي هي احسان ڪيو، جو اقبال جي مجتهدانہ افڪار کان، ايشيا جي ذره ذره ۾ حريت جي حرارت پيدا ٿي وئي.

قيام يورپ جي زماني ۾، اقبال جو توجهہ شعر و شاعري جي طرف تمام ٿورو رهيو. ان جو سبب شايد هي هجي، جو ڪجهہ تہ کيس شعر سان بي رغبتي پيدا ٿي هئي ۽ ڪجهہ فرصت جي ڪمي بہ کيس هن مشغلي کان باز رکيو هوندو، چو تہ هو انوقت قانون ۽ فلسفي جي مطالع ۾ رات ڏينهن مصروف ٿي رهيو.

اقبال جي ان دور جي شاعرانہ خصوصيات مان هي ڳالهہ نمايان ٿي نظر اچي- هو، جماليات جي مطالع کان، محبت جي گهرائين تان پهچي چڪو

هو. هو آن حسين ۽ جميل ڪيفيات ۾ محو نظر ٿو اچي، جن جي تڪميل هن پنهنجي شاعري جي چوٽين دور ۾ ڪئي آهي.

اگرچ اقبال يورپ جي رهڻ واري عرصي ۾ گهڻو وقت، شعر چوڻ کان دور پئي رهيو آهي، پر ان هوندي به هن جي نظمون، ان وقت جون لکيل آهن، سي اعلیٰ تخيل تي مبني آهن. مشرق تي مغرب جي پنجهٔ استبداد جي فولادي گرفت کي هن يورپ جي قيام ۾ رهي، چڱي طرح ڏٺو. هو انهن جي سائنس جي ڪمال کان مرعوب نہ ٿيو، مگر اقوام مغرب کي سندن بي راهہ روي تي صاف چٽي ڏنائين:

تمہاری تہذیب اپنے خنجر سے آپ ہے خود کشی کریگی
جو شاخ نازک پہ آشیانہ بنے گا نا پایدار ہوگا
دیار مغرب کے رہنے والو، خدا کی بستی دکان نہیں ہے
کھرا جسے تم سمجھ رہے ہو وہ اب زرکم عیار ہوگا

مغرب جي ماده پرستي ۽ لادينيت کان متاثر ٿي، هن صاف چٽي ڏنو:

میں نے اے اقبال یورپ میں اسے ڈھونڈھا عبث
بات جو ہندوستاں کے ماہ سیماؤں میں تھی

هي ساڳيوئي تاثر اقبال گهڻو پوءِ پنهنجي فارسي ڪلام ۾ ڏيکاريو آهي:

یاد ایامے کہ بودم در خمستان فرنگ
جام او روشن تر از آئینۂ اسکندر است
چشم مست می کہ فروشش بادہ را پروردگار
بادہ خواراں را نگاہ ساقیش پیغمبر است

جلوهٔ او بے کلیم و شعلہء او بے خلیل
عقل نا پروا متاع عشق را غارتگر است
در هوایش گر مئے یک آه بیتانہ نیست
رند ایں میخانہرا یک لغزش مستانہ نیست

جيئن مٿي ذڪاربو اٿم، اقبال جي ان وقت جي شعر ۾ فلسفهٔ جماليات جو گهڻو اثر نظر ٿو اچي. «محبت»، «حقيقت حسن»، «حسن و عشق»، ۽ «جلوه حسن»، سڀ ان اثر جون آئينه دار آهن. هڪ جاءِ تي ڪهڙي نه عمدي طرح ان حقيقت جو اظهار ٿو فرمائي:

خاص انساں سے کچھ حسن کا احساس نہیں
صورت دل ہے یہ ہر چیز کے باطن میں مکیں
شیشۂ دھر میں مانند مے ناب ہے عشق
روح خورشید ہے خون رگ مہتاب ہے عشق
ہردل کے ذرہ میں پوشیدہ کسک ہے اس کی
نور یہ وہ ہے کہ ہر شی میں جھلک ہے اس کی
کہیں سامان مسرت کہیں ساز غم ہے
کہیں گوہر ہے کہیں اشک کہیں شبنم ہے

محبت جي هن ڪيف آور جذبات ڪان سواءِ، اقبال جي ان وقت جي شعر ۾ اسلامي عظمت ۽ شان جا اهي شاهڪار درج آهن، جن تي اڳتي هلي، هن پنهنجي «خودي» جي تخيل جو بنياد رکيو. «عبدالقادر کے نام» جا سندس نظم آهي، سا سندس ان پيغام جي اوائلي سنگ بنياد هئي. جنهن تي هن پنهنجي فڪر عظيم جي تعمير ڪئي، فرمائي ٿو:

اس چمن کو سبق آئین نمو کا دیکر
قطرهٔ شبنم بی مایہ کو دریا کردیں

سسلي (صقليه) وٽان سندس جهاز گذري ٿو، ته کيس گذريل اسلامي عظمت جي ياد اچي ٿي ۽ پڪاري چوي ٿو:

رولے اب دل کھولکر اے دیدهٔ خوننا بہ بار
وہ نظر آتا ہے تہذیب حجازی کا مزار
تھا یہاں ہنگامہ ان صحرا نشینوں کا کبھی
بحر بازیگاه تھا جن کے سفینوں کا کبھی
زلزلے جن سے شہنشاہوں کے درباروں میں تھے
بجلیوں کے آشیانے جن کے تلواروں میں تھے
اک جہان تازه کا پیغام تھا جن کا ظہور
کھا گئی عصر کہن کو جن کی تیغ نا صبور

ڪيتري قدر نه عرب شهسوارن جي گذريل ڪارنامن جي دلگداز ياد آهي. هن هڪ ئي نظم ۾، اقبال اسلامين جي عروج ۽ زوال جي تاريخ کي قلمبند ڪري ڇڏيو آهي.

يورپ جي قيام واري زماني ۾، اقبال ۾ جا بجا تبديلي آئي، سا سندس فارسي شاعري ڏانهن رغبت آهي، جنهن زبان ۾ پوءِ هن مفڪر اعظم پنهنجون بي بها ۽ غير فاني تصنيفون ڇڏيون. هن فارسي زبان، پنهنجي آئنده فڪر ۽ اجتهاد لاءِ چو اختيار ڪئي، ان لاءِ هو پنهنجي مشهور تصنيف، "اسرار خودي" ۾ فرمائي ٿو:

گرچہ هندی در عذو بت شکر است
طرز گفتار دری شیریں تر است
فکر من از جلوه اش مسحور گشت
خامهٔ من شاخ نخل طور گشت
پارسی از رفعت اندیشه ام
در خورد با فطرت اندیشه ام

هن مان ظاهر آهي تہ اقبال کي اردو اگرچہ محبوب هئي، پر جيئن تہ کيس پنهنجو پيغام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻو هو، ان ڪري هن، پنهنجي عالمگير پيغام لاءِ پارسي زبان موزون سمجهي.

---

## ٽيون دور

## ١٩٠٨ع - ١٩٢٤ع

علامه اقبال رحمة الله عليه، ولايت کان واپس اچڻ بعد ڪڏهن ڪڏهن اردو نظم لکندو هو، نه ته سندس طبيعت جو رخ فارسي جي طرف ڦري ويو هو. ”انجمن حمايت اسلام، لاهور جي ساليانه جلسن جون مشغوليون اجا به هيون. انهن جلسن ۾ علامه پنهنجون غير فاني نظمون شکوه، شمع و شاعر ۽ خضر راه پڙهيون. اپريل ١٩٠٩ع جي جلسي ۾ مشهور نظم ”شکوه، پڙهيائين. جنهن لاءِ حکيم محمد حسن قرشي لکي ٿو:

”جڏهن ڊاڪٽر صاحب پنهنجي سحر انگيز ليءِ ۾ ندرت تخيل جي هن شاهڪار کي پڙهڻ شروع ڪيو، تڏهن سڄو مجمع مسحور ٿي ويو.“

حکيم موصوف جو چوڻ آهي ته ”جواب شکوه، انجمن جي جلسي ۾ نه پڙهيو ويو هو، مگر جنگ بلقان جي جلسي ۾ (١)، جو موچي دروازي وٽ گهرايو ويو هو. هن جلسي جو انتظام مولانا ظفر علي خان ڪيو هو. جلسي ۾ آغا حشر ڪاشميري مرحوم به موجود هو. هن ان جلسي ۾ پنهنجي هڪ نظم ٻڌائڻ ٿي گهري، پر علامه جي سامهون ڪنهنجو رنگ ڄمڻ مشکل هو، ان ڪري ٻڌائي نه سگهيو.

نظم کان اڳ ۾ جو مظاهرو ٿيو، سو قابلديد هو. ڀريائين ته رونمائي جو سوال اٿيو، جنهن تي نظم جي هر صفحي کي مختلف دولتمند صاحبن خريد

---

١. جنگ بلقان، ترڪي ۽ بلقان رياستن جي وچ ۾ سنه ١٩١٢ع ۾ لڳي هئي.

ڪيو. ان ڪان پوءِ نظم شروع ٿي. نظم جي پوري ٿيڻ تي سوين ڪاپيون هٿون هٿ وڪامي ويون، جي سيئي رپيا بلقان فنڊ ۾ ڏنا ويا. حڪيم موصوف وڌيڪ لکي ٿو، ”انجمن جي جلسن ۾، ڊاڪٽر صاحب جون اهي طويل نظمون، ڪڏهن ڪڏهن، پڻ صحبتن ۾ ورهايون وينديون هيون.“ جنهن لاءِ علامه هڪ هنڌ فرمايو آهي:

درمیان انجمن معشوق هرجائی مباش
گاه با سلطان باشی، گاه باشی با فقیر

جيئن ته هڪ جلسي جو صدر مرزا سلطان احمد ۽ ٻي جلسي جو صدر فقير افتخارالدين هو.

سال ١٩١٢ع ۾ رسوائي عالم اٽلي جي جنگ ڇڙي. جنهن ۾ غاصب اٽلي ترڪن جي هڪ رياست طرابلس تي چڙهائي ڪئي. يورپ جون طاقتون، اٽلي جي هن استبداد ۽ زور تي خاموش تماشو ڏسنديون رهيون. ساري دنيا جي مسلمانن ۾ اٽلي جي هن قدم تي جوش ۽ خروش پيدا ٿي ويو. هندستان وارن به جڳهه جڳهه تي جلسا ڪري، اٽلي جي هن استبداد کي ننديو، ۽ ترڪن جي امداد لاءِ فنڊ ڪٺو ڪيو، ۽ ”انجمن هلال احمر“ جو پايو وڌو. ان سال جي آڪٽوبر جي مهيني ۾ اهڙي قسم جو جلسو شاهي مسجد لاهور ۾ ٿيو، جنهن ۾ علامه هيٺين نظم پڙهي:

گراں جو مجھ پہ ہنگامۂ زمانہ ہوا
جہاں سے باندھ کے رخت سفر روانہ ہوا
فرشتے بزم رسالتؐ میں لے گئے مجھکو
حضور آیۂ رحمت میں لے گئے مجھکو

حضور صلي‌الله عليه وسلم پڇڻ فرمايو:

نکل باغ جہاں سے برنگ بو آیا
ہمارے واسطے کیا تحفہ لے کے تو آیا

شاعر عرض ڪيو:

حضور دہر میں آسودگی نہیں ملتی
تلاش جس کی ہے وہ زندگی نہیں ملتی
ہزاروں لالہ و گل ہیں ریاض ہستی میں
وفا کی جس میں ہو بو وہ کلی نہیں ملتی
مگر میں نذر کو اک آبگینہ لایا ہوں
جو چیز اس میں ہے جنت میں نہیں ملتی
جھلکتی ہے تیری امت کی آبرو اسمیں
طرابلس کے شہیدوں کا ہے لہو اسمیں

ڪيتري قدر نہ درد انگيز تخيل آهي! محمدالدين ”ذوق“ پنهنجي تصنيف ”وجداني نشتر“ ۾ چشم ديد واقعو لکي ٿو تہ:

”هن نظم مسلمانن ۾ ڪهرام برپا ڪري ڇڏيو، شاهي مسجد جو ذرو ذرو هن سوگواري ۾ درد مند مسلمانن سان گڏ ڏڪي رهيو هو.“

هن دور ۾ اقبال مظلوم مسلمانن جي خون سان يورپ کي راند ڪيڏيندو ڏسي، بلڪل بي تاب ٿي ويو. طرابلس جي واقعي، شاعر جي حساس طبيعت کي چوٽ هنئين، ۽ سندس اکين آڏو مسلمانن جي تباهي جا اسباب ۽ علامتون اچي موجود ٿيون. عالمگير جنگ ۾ ترڪن جي تباهي، ويتر

سندس تخيل کي چوريو. هو وطنيت جي محدود فضا کان نڪري عالمگير قوميت جي پيغام رساني ڪرڻ لڳو. ان سان گڏ مسلمانن ۽ هندوارن کي مغرب جي بساط سياست جي چالن کان واقف ڪرڻ لاءِ هن ”خضر راه“ ۽ ”طلوع اسلام“، جهڙيون شاندار نظمون لکيون. نه فقط ايترو، مگر هنجي عالمگير فڪر ڳولهي ورتو ته اسلام ئي اهو مذهب آهي، جو دنيا کي غلامي کان نجات ڏياري، امن ۽ آرام سان دوچار ڪري ٿو. هن دور ۾ علامه پنهنجون هيٺيون مشهور تصنيفون دنيا کي ڏنيون:

اسرار خودي، مثنوي فارسي زبان ۾.

رموز بيخودي، مثنوي فارسي زبان ۾.

پيام مشرق، مختلف نظمن جو فارسي زبان ۾ مجموعو.

سال ١٩٢٣ع ۾ علامه جي اردو ڪلام جو مجموعو ”بانگ درا“ جي نالي سان شايع ٿيو، جنهن جو مُنڍ، اردو زبان جي مشهور اديب سر عبدالقادر مرحوم لکيو آهي.

گهڻو پوءِ هن ساڳي ڪتاب کي، مولانا عبدالله العمادي، ڪجهه نظمن جي اضافي سان دکن مان شايع ڪيو.

---

# چوٿون دور

## ١٩٢٥ع - ١٩٣٨ع

هي دور علامه اقبال جي شاعري جو معراج چئجي ته به بجا آهي. علامه موصوف هن دور ۾، جاويدنامه، ضرب کليم، بال جبريل، زبور عجم، پس چه بايد کرد اي اقوام شرق جهڙا ڪتاب لکيا. هن دور ۾ علامه جي شاعري، پيغامي شاعري بڻجي وئي. ٻين شاعرن وانگر بغير مقصد، شعر چوڻ تي روڪ وڌائين ۽ پنهنجي پيغامي شاعري جي مقصد کي سامهون رکندي، پنهنجي علمي اجتهاد، ۽ سجاڳ ڪندڙ فڪر جي تبليغ ڪندو رهيو. پنهنجي پهرئين اجتهادي تصنيف «اسرار خودي» ۾، جو پهريون خيال خودي جي جي متعلق ظاهر ڪيو هئائين، هن دور ۾ انجي شرح ۽ تفسير کي عالمانه طور لکي تکميل ڪيائين. هو هن دور ۾ شاعر جي بجا مفکر اقبال هو. جنهن لاءِ فرمائي ٿو:

نه پنداري که من بي باده مستم
مثال شاعـران افسانه بستم
نه بيني خير ازان مرد فرودست
که بر من تهمت شعر و سخن بست

ترجمو: ”نه سمجهه ته مان بنا شراب جي مست آهيان، ۽ ٻين شاعرن وانگر هوائي قلعا ٺاهيان ٿو. تون ان بخيل مرد مان ڪڏهن به چڱائي نه سمجهه، جو منهنجي خيال کي شعر ۽ سخن سمجهي ٿو. (رڳو مبالغه ۽ شاعرانه ڪيفيت چائي ٿو).“

اقبال جي شاعرانہ پيغمبري جو هي اعجاز هو، جو هڪ بي پنيان، هو اهڙيون تہ تصنيفون ڇڏيندو ويو، جنهن کي دنيا ڏسي حيران رهجي وئي. جڏهن سندس مشهور تصنيف ”جاويد نامہ“ شايع ٿي، تڏهن ارباب علم ۽ فن جي زبان کان بي ساختہ آفرين نڪري وئي. هن علمي معراج کان پوءِ علامہ موصوف گهڻي وقت جي خاموشي کانپوءِ، بال جبريل ۽ ضرب ڪليم جون تصنيفون اردو ۾ لکيون. جن کي ڏسي، ان مفڪر جي فڪر رسا جي داد ڏيڻ کان سواءِ، ڪوبہ رهي نہ ٿو سگهي.

علامہ هن وقت مشاعرن کان گهڻو پري رهڻ لڳو، ۽ جنهن لاءِ سندس راءِ ٿي وئي هئي تہ مشاعرن کان شاعري کي ڪوبہ فائدو نہ ٿو پهچي، بلڪ انهن کان بد مذاقي پکڙجي ٿي. ڇو تہ شعر تنهائي ۾ پڙهڻ ۽ غور ڪرڻ جي شي آهي ۽ مشاعرن ۾ اهڙا گهٽ ماڻهو ٿين ٿا، جي شعر جي مطلب تي غور ڪن.

علامہ جي هن دور جي متعلق، ”سيرة اقبال“ جو مصنف لکي ٿو:

”هن زماني ۾ اهم سياسي ۽ عمراني مسئلن تي علامہ پنهنجي شعر ۾ روشني وڌي آهي. مغرب جنهن گمراهي جي طرف رهنمائي ڪري رهيو آهي، انجي خطرناڪ نتيجن کان مشرق کي سڌي ۽ سنئين راهہ ٻڌائي اٿس. مذهب کي سيني ۾ براين جو نجات ڏيندڙ سمجهي، دين فطرت جي طرف سڄي عالم کي دعوت ڏني ٿو. مغرب جي شيشہ گري، طلسم بندي ۽ دجاليت کولي، ان جي جار کان بچڻ جي هدايت ڪئي اٿس. هن دور ۾ اقبال غلامي جو، خواهہ هو ڪهڙي بہ قسم جي هجي، سخت دشمن ۽ حريت جو زبردست مبلغ نظر ٿو اچي. هو ان عالمگير اتحاد

۽ برادري جو، دعوت ڏيندڙ هو، جنهن کي بين الاقواميت جو
لفظ به پوري ريت ادا ڪري نه ٿو سگهي.،،

سندس پوئين مثنوي ”پس چه بايد ڪرد اي اقوام مشرق“ خصوصيت سان مشرق کي مغرب جي زور ۽ جبر کان آزاد ڪرڻ لاءِ لکي وئي. بقول سيد نواب علي صاحب، اڳيون وزير تعليم رياست جهوناڳڙهه،،:

،،جهڙي ريت سوره اخلاص کي قرآن مجيد جي دل چئجي
ٿو، اهڙي ريت اسين، هن ننڍڙي مثنوي کي ”ڪلام اقبال“
جي دل چئي سگهون ٿا.،،

هن مثنوي ۾ علامه اقبال، مومن جي فقر ۽ توڪل، حڪمت ڪليمي ۽ حڪمت فرعوني کي نهايت وضاحت سان لکي مغرب جي افسوني فرعونيت کي پوري ريت ٽڪرا ٽڪرا ڪيو آهي. هڪ آزاد ملڪ جي حريت ۽ روحانيت کي برقرار رکڻ لاءِ، هن ڪتاب ۾، ڏيکاريل دستورالعمل کان بهتر ٻيو دستور ٿي نه ٿو سگهي.

”ارمغان حجاز“ علامه جي آخرين تصنيف آهي، جا سندس اوچتي وفات جي باعث مڪمل ٿي نه سگهي. هن تصنيف ۾ علامه ”حقيقت محمديه“ کي جنهن نموني سان لکيو آهي، ان تي ڪائنس ٻيو شايد ٻيو مفڪر لکي نه سگهي. هن تصنيف ۾، شاعر جو سوز، فلسفيءَ جو فڪر، ۽ مومن جي واردات ٽيئي عناصر موجود آهن، جنهن ڪري ڪتاب جي پڙهندڙ تي هڪ عجيب ڪيف طاري ٿيو وڃي. حقيقت ۾ انهن ٽنهي عناصر جو هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ، نوادرات عالم مان آهي، ۽ هن ٽي عناصر جي وحدانيت ۾ اقبال جي عظمت

جو راز پوشيده آهي، جنهن لاءِ مان اقبال جي لفظن ۾ ئي، ملت جي نوجوانن کي دعوت عام ڏيان ٿو:

بيا بمجلس اقبال و يک دو ساغر کش
اگرچہ سر نہ تراشد قلندری داند

,,اقبال جي مجلس ۾ وچ ۾ هڪ ٻه پيالا پي ڏس. جيتوڻيڪ متو نہ ٿو ڪوڙائي (١)، ۾ قلندري ڄاڻي ٿو.،،

---

١. عام طرح قلندري مشرب جا فقير متو ڪوڙائيندا آهن.

# شاعر جو پيغام

علامه محمد اقبال رحمة الله عليه جي غير فاني پيغام تي، هن ڪتاب جي تمهيد ۾ گهڻو ڪجهه لکيو اٿم. مگر هتي هيءُ ڏيکارڻو اٿم، ته علامه جو هن عظيم فڪر ۽ اجتهاد مان ڪهڙو مقصد هو. هن حقيقت کان ڪوبه انڪار ڪري نه ٿو سگهي، ته علامه موصوف جنهن دور ۾ پيدا ٿيو، آهو دور، مسلمانن جي ادبار ۽ تنزل جو دور هو. شايد ايڏو اونداهو دور مسلمانن جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به نه آيو هجي. سندن تهذيب ۽ تمدن، هڪ لايعني شي ٿي سمجهو ويو ۽ هن تهذيب ۽ تمدن جا دعويدار مذهب کان دور ٿي ٿڪندا رهيا. مطلب ته مسلمان هڪ خطرناڪ دور مان گذري رهيا هئا. هن مسيحا نفس مفڪر، هنن حالتن جو بغور مشاهدو ۽ مطالعو ڪيو، ۽ هن ادبار ۽ پستي جي حقيقتن کي هڪ مصلح جي صورت ۾ ڏسڻ شروع ڪيو. قائد اعظم محمد علي جناح، انهي' حقيقت جي طرف هئن اشارو فرمايو آهي:

,,مان هن چوڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهان، ته هو، اسلامي روح جو وڏو رازدان هو. اها ڪوشش جا اسانجي ماڻهن کي، سندس حياتي ۽ تعليم جي بابت خبر ڏي، خصوصيت سان هن دور لاءِ بيحد ضروري آهي.''

صحيح رستي کان ڀري ٿڪيل مسلمانن کي، هن مفڪر صراط المستقيم جي قريب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪلام جي هر سٽ ۾، مسلمانن لاءِ بصيرت افروز پيغام موجود آهي. حقيقت ۾ سندس پرخلوص تمنا

هي آهي ته مسلمان هڪ دفعو وري بيدار ٿي، پنهنجي وڃايل شوڪت کي حاصل ڪري. سندس دعا ڪيڏي نه اثر واري آهي:

جوانوں کو میری آہ سحر دے
پھر ان شاہین بچوں کو بال و پر دے
خدا یا آرزو میری یہی ہے
میرا نور بصیرت عام کردے

هيءُ نور بصيرت ڪهڙي ريت حاصل ٿئي، ان لاءِ مومن کي نظام عالم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ اسان کي، علامه موصوف جي تصنيف ,,اسرار خودي، جي طرف رجوع ڪرڻ گهرجي. فرمائي ٿو:

پیکر ہستی ز آثار خودی است
ہرچہ می بینی ز اسرار خودی است
خویشتن را چوں خودی بیدار کرد
آشکارا عالم پندار کرد
صد جہاں پوشیدہ اندر ذات او
غیر او پیداست از اثبات او

ترجمو: ,,خودي جي نيشان کان، انساني هستي جي صورت نهي ٿي. جو ڪجهه ڏسين ٿو، اهو خودي جي اسرار کان آهي. جڏهن خودي پاڻ کي سجاڳ ٿي ڪري، تڏهن هن جهان جو ظهور ٿئي ٿو. انجي ذات ۾ سوءُ جهان لڪل آهن ۽ سندس ٿي هئڻ کان، سندس غير کي پيدايش حاصل ٿئي ٿي.،،

اِنهيءُ ڪري زندگي کي ڪا نه ڪا مدعا آهي. فرمائي ٿو:

زندگانی را بقا از مدعا است
کاروانش را درا از مدعا است
زندگی در جستجو پوشیده است
اصل او در آرزو پوشیده است
آرزو را در دل خود زنده دار
تا نگردد مشت خاک تو مزار

ترجمو: ”ڪنهن مطلب سان ئي انساني زندگيءَ کي بقا حاصل آهي. هن قافلي جو گهنڊ اُن مطلب سان لاڳاپو ٿو رکي. حياتي ڳولها ۾ لڪل آهي ۽ سندس اصليت آرزو ۾ لڪل آهي. آرزو کي پنهنجي دل ۾ جيئرو رک، تان جو تنهنجي مٺ قبر جي خاڪ نه ٿي وڃي.“

علامه اقبال جي نظر ۾، انساني زندگي، سچي جدوجهد ۾ لڪل آهي. هو زندگيءَ جي انقلابي روش کان گهٻرائي نه ٿو، مگر هو نئين نئين ڪوشش جي لاءِ تلقين ٿو فرمائي:

دمادم نقش هاے تازه ریزد
بیک صورت قرار زندگی نیست
اگر امروز تو تصویر دوش است
بخاک تو شرار زندگی نیست

ترجمو: ”هر گهڙي، تازن نقشن کي پٽي ٿاهي. زندگيءَ کي هڪ صورت تي ڪڏهن به قرار نه آهي. جيڪڏهن اڄ، تنهنجي سياڻي جي تصوير آهي، ته پوءِ تنهنجي مٽي ۾ حياتيءَ جي چڻنگ ئي نه آهي.“

هن ـ اکي نکتي کي ٻي هنڌ هِن ٺو فرمائي:

هر شاخ سے یہ نکتۂ پیچیدہ ہے پیدا
پودوں کو بھی احساس ہے پنہائي فضا کا
ظلمت کدۂ خاک پہ شاکر نہیں رہتا
ہر لحظ ہے دانہ کو جنوں نشو نما کا
جرات ہو نمو کی تو فضا تنگ نہیں ہے
اے مرد خدا ملک خدا تنگ نہیں ہے

قرآن مجيد، حياتي جي جدوجهد لاءِ حڪم ٿو فرمائي. مگر افسوس جو صوفين، پنهنجي عجيب تاويلات سان، آن تعليم کي جنهن نموني سان پيش ڪيو، اهو طريقو، هڪ عملي قوم ڪان گهٽو پري هو، جنهن ڪان متاثر ٿي، اقبال رحمۃاللہ عليه فرمائي ٿو:

تھی قرآن میں ہے اب ترک جہاں کی تعلیم
جس نے مومن کو بنایا مہ و پروین کا امیر
تن بتقدیر ہے آج، آن کے عمل کا انداز
تھی نہاں جن کے ارادوں میں خدائے تقدیر
تھا جو نا خوب بتدریج وہی خوب ہوا
کہ غلامی میں بدل جاتا ہے قوموں کا ضمیر

اهوئي سبب هو، جو هو انساني خودي کي بيدار ڪرڻ لاءِ، هر جاءِ انجو تڪرار ڪندو ٿي رهيو. آها خودي، جنهن کي ڪلمۃالحق چوڻ جي پوري پوري قوت ۽ طاقت هئڻ گهرجي. خودي ڪان سندس مطلب هو، پنهنجي خودي کي سمجهڻ ۽ آن بعد خودي جي طاقت کي ڪم آڻڻ. هي تڪبر ۽ غرور ڪان بلڪل ٻي شي آهي:

بے ذوق نمود زندگی موت
تعمیر خودی میں ہے خدائی
رائی زور خودی سے پربت
پربت ضعف خودی سے رائی

علامہ آن زندگي کي نفرت سان نهاريندو تي رهيو، جا ٻي جي آڏيان محتاج بڻجي رهي. سندس خودي کان مطلب هو تہ انسان پنهنجي عزت کي برقرار رکي سگهي. هن نکتہ کي هئن نروار ٿو ڪري:

اے فراهم کرده از شیران خراج
گشتہ روبہ مزاج از احتیاج
خستگی هائے تو از ناداری است
اصل درد تو از همیں بیماری است

ترجمو: ”اي! جو شينهن کان تون ڍل وٺندو رهين ٿو، تون گهرج جي سبب لومڙي جي طبيعت جهڙو بڻجي ويو آهين. تنهنجي سڀ پريشاني، مفلسي کان آهي، تنهنجي درد جي اِهائي بيماري آهي.“

مسلمان، محتاج ٿي رهي ۽ ٻي جو دست نگر بڻجي، هيءُ حقيقت هميشہ علامہ جي فکر ۾ کٽکندي رهي. اهوئي سبب هو، جو هن مفکر، مسلمان کي سدا جدوجهد جي تعليم ڏني:

زندگی در جستجو پوشیده است
اصل او در آرزو پوشیده است
آرزو را در دل خود زنده دار
تا نگردد مشت خاکے تو غبار

ما ز تخليق مقاصد زنده ايم
از شعاع آرزو تا بنده ايم

ترجمو: ”زندگي سڀني طلب ۽ ڳولها جي اندر لڪل آهي، بنيادي طرح هو آرزو جي اندر لڪل آهي. تون آن آرزو کي پنهنجي دل جي اندر جيئرو رک، تانجو تنهنجي مٺ مٽي، غبار ٻڌجي وڃي. اسين پنهنجي مقاصد جي پيدايش کان ئي جيئرا آهيون، ۽ آرزو جي روشنائي کان ئي چمڪندا تا رهون.“

حقيقت ۾ اسلام مومن کان جنهن سيرت جي تقاضا تو ڪري، آها آهي:

چه بايد مرد را طبعے بلندے، مشر بے نابے
دل گرمے، نگاه پاک بينے، جان بے تابے

مرد کي ڇا کپي، بلند طبيعت ۽ بلند اخلاق، گرم دل، پاڪ نظر ۽ بي تاب جان. مگر اقبال ڏٺو ته هيءُ خاصيتون، موجوده دور جي نه عام مسلمانن ۾ آهن نه خاص ۾، نه شريعت جي پابندي آهي، نه فڪر جي بلندي. نه مولوي جي دل ۾ گرمي آهي، نه صوفي جي نگاهہ پاڪ آهي. جڏهن خاص جي هيءُ حالت آهي، ته پوءِ عام جي ڪهڙي حالت هوندي. حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان هڪ حديث روايت آهي:

”امت تي هڪ زمانو اچڻ وارو آهي، جو اسلام جو فقط نالو رهجي ويندو ۽ قرآن ۾ لکيل لفظ رهندا. مسجدون آباد هونديون، پر هدايت جي لحاظ کان ويران هونديون. عالم آسمان جي هيٺان بد ترين خلق هوندا. فتنو انهن کان اُڀرندو، ۽ انهن ڏي موٽي ويندو.“

علامہ هن حديث کان واقف هو. قوم جي تربيت ڪندڙن جي غلط راهروي ڪان تنگ ٿي فرمائي ٿو:

ترى نماز ميں باقى جلال ہے نہ جمال
ترى اذاں ميں نہيں ہے، ميرے سحر کا پيام

ٻي هنڌ هن ساڳي نڪتي کي زياده وضاحت سان لکي ٿو:

بيا کہ روئے بمحراب گاہ نور نهيم
بنائے کعبہ ديگر ز سنگ طور نهيم
حطيم کعبہ شکست و بنائے قبلہ بريخت
بيا کہ طرح يکے قصر بے قصور نهيم

ترجمو: ،،اچو تہ نور جي محراب جي طرف رخ ڪريون. طور جي پٿر مان ڪعبي جو ٻيو بنياد رکون، ڪعبي جو حطيم ڀڄي پيو آهي ۽ قبلي جو بنياد متجي ويو آهي. اچو تہ ٻي قصور قصر جو نمونو تيار ڪريون.،،

اقبال پنهنجي فطرتي پيغام کي، جنهن مان نج جوهر انسانيت ظاهر آهي، قرآن ۽ اسلام جي جامي ۾ پيش ڪيو آهي. اِهو ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو هو، تہ اسلام جو پيغام عالمگير آهي. جيئن تہ پيغام ۾ بہ همہ گيري آهي، انڪري وٽس، ملت اسلامي جو صحيح تصور سندس پيغام جو اصلي مقصد هو. اسلامي روايتون ۽ سندس تعليم، سندس نصب العين جهڙيون هيون. وٽس ملت جو سياسي ۽ فقهي تصور ايترو نہ هو، جيترو، ملت اسلامي جي فطرت کي انساني نصب العين سان ڏسڻ. هو حسنہ في الدنيا ۽ حسنہ في الاخرہ جو قايل هو. انڪري اقبال پنهنجي مثالي مسلمان جي هيئن ٿو تعريف ڪري:

بتاؤں تجھ کو مسلمان کی زندگی کیا ہے
یہ ہے نہایت اندیشہ و کمال جنوں
طلوع ہے صفت آفتاب، اس کا غروب
یگانہ اور مثال زمانہ گوناگوں
حقائق ابدی پر اساس ہے اس کی
یہ زندگی ہے نہیں، ہے طلسم افلاطوں
عناصر اس کے ہیں روح القدس کا ذوق جمال
عجم کا حسن طبیعت عرب کا سوز دروں

اِنهن ٽي وصفن جو حاصل، مرد مومن، دنيا جي امامت جو لائق آهي. انجو دستور امامت چا آهي:

سبق پھر پڑھ صداقت کا عدالت کا شجاعت کا
لیا جائیگا تجھ سے کام دنیا کی امامت کا

مومن جي زياده توصيف هئن ٿو فرمائي:

یقیں محکم، عمل پیہم، محبت فاتح عالم
جہاد زندگانی میں یہ ہیں مردوں کی شمشیریں

اقبال جي هن سچي پيغام جو بنياد قرآن آهي. قرآن وساريل نسل، واردات قلبي ۽ زندگي جي ابدي حقيقتن جو آئينه دار آهي. اگرچه هو عربي ۾ آهي، مگر انسانيت جي جوهر جو ترجمان آهي. جنهن پيغام جو بنياد قرآن هجي، اهو يقيناً قومن ۽ ملتن جي قيد کان بالاتر، عالميني ۽ انساني آهي. لفظن جي قيد کان جيڪڏهن آزاد ٿي ڏسبو ته اقبال جي دعوت بني نوع انسان جي بهتري جو پيغام آهي. رومي هن حقيقت کي هئن ٿو ظاهر فرمائي:

حرف قرآن را مدان کہ ظاهر است    زیر ظاهر باطنے هم قاهر است
زیر آن بـاطن یکے بطنے دگر    خیره گردد اندر و فکر و نظر

ترجمو: ,,قرآن جي حرفن کي اُئين نہ ڄاڻ، تہ ان کي فقط ظاهري صورت آهي، پر هر ظاهر جي هيٺيان باطن به طاقت وارو آهي. ان باطن جي هيٺان، آها حقيقت آهي، جنهن کي ڏسي فڪر ۽ نظر سدائين عجب ۾ رهي آهي.،،

اقبال جو پيغام عالميني آهي، انجو اظهار هئن ٿو فرمائي:

منکر حق نزد ملا کافر است    منکر خود نزد من کافر تر است

انکري هو خودي جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ تلقين ٿو ڪري، جنهن کان سندس مطلب آهي:

کوئی اندازہ کر سکتا ھے اس کے زور بازو کا
نگاہ مرد مومن سے بدل جاتی ھیں تقدیریں

اقبال جي پيغام جي صحيح تربيت اها آهي، جنهن جو اڳتي هلي هئن ٿو اظهار فرمائي:

اس کی زمیں بے حدود، اس کا اُفق بے ثغور
اس کے سمندر کی موج دجلہ و ڈینیوب و نیل
اس کے زمانے عجیب، اس کے فسانے عجیب
عهد کہن کو دیا اس نے پیام رحیل

وقت آيو آهي، تہ اقبال جي ڪلام کي سمجهون ۽ ان جي عالمگير پيغام کي هر ڄا تي پهچايون:

بڑھے جا یہ کوہ گراں توڑ کر    طلسم زمین و مکاں توڑ کر
جہاں اور بھی ھیں ابھی بے نمود    کہ خالی نہیں ھے ضمیر وجود

# کلام اقبال

# انتخاب

ڏنم سڀ خاوري سهيل، لڪي تارن جي نظرن کان
سرود زندگاني جي، وڄائي صبح ڪسي خلقيم

# عرض

اقبال ايڪيڊمي، ڪراچي، علامہ محمد اقبال جي ڪن نظمن کي انتخاب ڪري، مونکي سنڌي ۾ انجي ترجمي لاءِ چيو. آءٌ انجي ترجمي کي پيش ڪري رهيو آهيان. مون هي احتياط ڪيو آهي، تہ جيئن آن عظيم مفڪر جا سڀئي خيال، منهنجي سنڌي نگارش ۾ داخل ٿي وڃن.

لطف الله بدوي

# ملت اسلاميءَ جا بنيادي ارڪان

## توحيد

ڇا ۽ ڇو کان عقل جي صورت ٿهي — عقل ٿو توحيد کان منزل لهي
ور نہ هن مسڪين جي منزل ڪٿي — سمجهہ جي غوراب جي ساحل ڪٿي؟
اهل حق کي ڄاڻ آ توحيد جو — آ، اتي الرحمان عبداً ۾ ڳجهو
راز تنهنجي کي هو تو کان ٿو ڏسي — امتحان انجو عمل کان ٿو وٺي
دين ان کان حڪمت و آئين بي — زور ان کان، قوت و تمڪين بي
جلوه انجو عالمن حيرت ڏني — عاشقن کي ڪا رتي قدرت ڏني
پست انجي سائي ۾ ٿجي بلند — خاڪ ٿي اڪسير وانگر ارجمند
انجي قدرت عبد کي اعليٰ ڪري — نوع ٻي سان بندي کي پيدا ڪري
راهہ حق ۾ ٿي قدم انجو روان — گرم رت انجي رڳن ۾ برق ڪان
خوف و شڪ مٿجي وٺي عملي حيات — ٿي ڏسي اک پوءِ ضمير ڪائنات

جيئن مقام عبدهٗ محڪم ٿئي
پن وارو ڪشتو جام جم ٿئي

ملت روشن جو تن جان لااِلہ — ساز هن جو پرده گردان لااِلہ

---

ان ڪل من في السماوات والارض الا اتي الرحمان عبداه

تمڪين— قدر، عزت.

پرکہ گردان— ساز جي تارن کي ڦيرائيندڙ.

لاالہ اسرار پنهنجي جو امين
رشتہ افڪار پنهنجي جو امين

حرف انجو جيئن چپن کان دل وٽي
زندگي قوت ۽ طاقت ۾ وڌي

نقش انجو پئي پهڻ تي دل ٽئي
جي جلي دل ڪين ان ليءِ گل ٽئي

انجي غم ۾ دل جڏهن رخشان ڪيم
نذر آتش خرمن امڪان ڪيم

دل جو پاڻي، جو پري ٿو سيني ڪي
سوز انجو ڳاري سوءَ آئيني ڪي

آ رڳن ۾ شعلو انجو لالہ جان
داغ ان ريءَ پيو نہ ڪو سامان سان

ٿو سيہ، توحيد کان احمر ٿئي
پاڻ ٿو فاروق ۽ بوذر ٿئي

دل مقام خوبشي ۽ بيگانگي
شوق کي مستي ڏي هم پيمانگي

آهِ ملت يڪرنگي دلين سندي
جلوه هن سينا جو هڪڙي روشني

قوم جي ڳتي ۽ حاصل هڪ هجي
مدعا جي لاءِ هر دل هڪ هجي

شوق جو جذبو سدائي هڪ هجي
هر چڱائي ۽ مٺائي هڪ هجي

جي پري آ سوز حق کان ساز فڪر
پوءِ ناممڪن اهڙو انداز فڪر

سڀ مسلمان آهيون اولاد خليل
وٺ ايڪم کان اگر چاهين دليل

آ وطن سان گڏ تقدير امم
آ نسب بنياد تعمير امم

آ اصل ملت، وطن ڪجهہ بي نہ آ
باهر، پاڻي ۽ مٽي پوڄڻ مان ڇا ؟

هي نسب تي فخر، سڀ ناداني آ
حڪم انجو جسم تي جو فاني آ

پنهنجي ملت جو اساس آهي پيو
دل جي اندر جو سدا آهي هڪيو

---

هم پيمانگي— گڏجي پيالا پيئڻ.

سيہ — ڪارو، احمر— ڳاڙهو.

ملت ايڪم ابراهيم.

اِساس - بنياد.

رخت هستي تون عرب کان تو چٽين — پوءِ خمستان عجم ۾ ڪيئن سمهين
شل عجم جي برف کان عضوا سندء — سرد لڙڪن کان سندس صهبا سندء
ڪافرن جان موت کان پيو تو ڏڄين — قلب زنده کان تهي سينو رکين
لاش تنهنجي کي طبين وٽ نيم — در حضور مصطفیٰ ان کي رکيم
مردو هو، ان کي ڏنم آب حيات — راز قرآن جا ڏسيم ان کي نکات
نجد جي يارن جو اوريم داستان — نجد جي گلشن مان چٽيم گل نوان
شمع جي آواز سان محفل رٽيم — قوم کي رٽ زندگيءَ واري ڏسيم

هي ٻڌي چيائون تہ افسون فرنگ
آ رکيو پابند قانون فرنگ

اي جو تو بخشي بصيري کي ردا — بربط سلميٰ کيءِ مون کي عطا
ذوق حق ڏي، هن خطا انديش کي — جو سڃاڻي جيئڻ متاع خويش کي
دل جو آئينو، جي بي جوهر ٿيو — غير قرآن حرف جي صادر ٿيو
اي جو تو کان صبح اعصار و دهور — تنهنجي اک هردم ڏسي مافي الصدور

---

رخت — پوشاڪ. خمستان — ميخانو.

شل — بيڪار.

شمع جو آواز — مشاعري جو مجلسون.

بوصيري، قصيدي برده جو مصنف، جنهن خواب ۾ نبي ڪريم کي پنهنجي قصيدي، ”واس تذڪره جيران بذی سلم“، ٻڌائڻ تي پاڪ چادر حاصل ڪئي هئي. بربط — وڄائڻ جو ساز.

اعصار و دهور — زمانو ۽ وقت. مافي الصدور — سيني جي اندر ڏسندڙ.

فکر جي عزت جو پردو چاڪ ڪر — هن خيابان ڪي ڪنبن کان پاڪ ڪر
تنگ ڪر رخت حيات اندر بغل — اهل ملت کي بچائج ڏنهن دغل
سبز منهنجي پوک جو سامان نہ ڪر — ابر نيسان کان هي تر دامان نہ ڪر
خشڪ ڪر منهنجو شراب انگور ۾ — زهر هارج منهنجي ميء ڪافور ۾
روز محشر خوار ۽ رسوا ڪجيم — پير جي بوسي کان پرتي يا ڪجيم
راز قرآن جو، جي مون موتي چٽيو — حق مسلمانن کي گر مون آ چيو
اي جو تنهنجي مهر کان ناڪس علا — منهنجي گفتي جو صلو تنهنجي دعا
عرض ڪر سامهن خدائي عز و جل — عشق منهنجو ٿي هم آغوش عمل
دولت جان حزين بخشي اٿي — نعمت دين مبين بخشي اٿي

ڪر عمل ۾ مونکي تون پاينده تر
ڪر سپي موتين سان هي تابنده تر

هن جهان ۾ زندگي جيئن آ ملي — آرزو مون ۾ اِها تيئن آ پلي
دل جيان سيني ۾ آو آهي رهي — زندگي جو صبح جنهن کان آ صحي
پيءُ کان نالو جڏهن تنهنجو سکيم — آرزو جي آگ هيءَ روشن ڪيم
ڪيتائين آسمان رکندم جدا — زندگي سان راند ڪيڏيندو سدا
آرزو منهنجي جوان ٿيندي رهي — لذت صهبا گران ٿيندي رهي
هي تمنا، مون ۾ آ گوهر مثال — رات منهنجي ۾ آهي اختر مثال

---

خيابان — صحرا جي اندر کجورن جي جهڳٽي هيٺان چشمو.

ابر نيسان — وسندڙ ڪڪر.

مي ڪافور — خوشبودار شراب.

تير خوش پيڪان اسين هڪ ڪيش جا     فڪر هڪ جا، يڪ نظر ۽ يڪ نما
مدعا ساڳي آهي، ساڳيو مآل     آهي ساڳي طرز، انداز خيال

ياءِ ٿياسون، انجي نعمت ڪان اسين
يڪ زبان و يڪدل و نيڪ جان اسين

(رموز بيخودي)

---

ڪيش — ملت.
مآل — پڇاڙي.

# مصنف جو عرض حال

تنهنجي بعثت آ شباب زندگي — جلوه آ تعبير خواب زندگي
آ زمين تنهنجي مڪان کان ارجمند — ڇت تنهنجي کي چمي آڀ ٿيو بلند
هر طرف روشن ڪيو آ روئي تو — ترڪ، تا جيڪ و عرب، هندوئي تو
تو کان بالا هي ٻئي آ ڪائنات — فقر تنهنجو انجو سرمايهٔ حيات
زندگي جي شمع کي ڏني روشني — تو غلامن کي سيکاري خواجگي
تو بنا پنهنجي ضعيفي کان خجل — هن جهان جون صورتون هيون آب و گل
تنهنجي دم مٽي مان آتش کي ڪڍيو — خاڪ جي ڍڳ پاڻ کي آدم سڏيو
ذرو دامنگير مهر و ماه ٿيو — يعني طاقت کان پنهنجي آگاه ٿيو
تنهنجي صورت تي جڏهن پيئي نظر — ماءُ پيءُ کان ٿي وئين محبوب تر
عشق مون ۾ آگ آ ٻاري وڌي — مرحبا جنهن جان آ ڳاري وڌي
تڙ جيان واڪا سندم سامان اٿم — جو چراغ خانهٔ ويران اٿم
درد پنهنجي کي ڇپائڻ آ ڏکيو — مي کي مينا ۾ لڪائڻ آ ڏکيو
ٿيو نبي جي راز کان مسلم پري — اڄ حرم کي آ ڇڏيو مندر ڪري
ڏس منات و لات و عزا ۽ هبل — تو رکي بت ڪيئن نه هرهڪ در بغل
شيخ آهي، برهمن کان خوار تر — سومنات انجو ٿيو بيڪار سر

---

بعثت— حضور جو دنيا ۾ تشريف آور ٿيڻ.

سرمايه— موڙي.

منات، لات، عزا ۽ هبل— عرب ۾ جي بت هئا انهن جا نالا آهن.

رخت هستي تون عرب کان تو ڇنين
پوء خمستان عجم ۾ ڪيئن سمهين
شل عجم جي برف کان عضوا سندء
سرد لڙکن کان سندس صهبا سندء
ڪافرن جان موت کان پيو تو ڏڇين
قلب زنده کان تهي سينو رکين
لاش تنهنجي کي طبيبن وٽ نيم
در حضور مصطفیٰ ان کي رکيم
مردو هو، ان کي ڏنم آب حيات
راز قرآن جا ڏسيم ان کي نکات
نجد جي يارن جو اوريم داستان
نجد جي گلشن مان ڇنيم گل نوان
شمع جي آواز سان محفل رتيم
قوم کي رت زندگيءَ واري ڏسيم

هي ٻڌي ڇيائون تہ افسون فرنگ
آ رکيو پابند قانون فرنگ

اي جو تو بخشي بصيري کي ردا
بربط سلمیٰ کيءِ مون کي عطا
ذوق حق ڏي، هن خطا انديش کي
جو سڃاڻي جيئن متاع خويش کي
دل جو آئينو، جي بي جوهر ٿيو
غير قرآن حرف جي صادر ٿيو
اي جو تو کان صبح اعصار و دهور
تنهنجي اک هردم ڏسي مافي الصدور

---

رخت — پوشاڪ . خمستان — ميخانو.

شل — بيڪار.

شمع جو آواز — مشاعري جو مجلسون.

بوصيري، قصيدي برده جو مصنف، جنهن خواب ۾ نبي ڪريم کي پنهنجي قصيدي، ,,وامن تذکره جيران بذی سلم،، ٻڌائڻ تي پاڪ چادر حاصل ڪئي هئي. بربط — وڄائڻ جو ساز.

اعصار و دهور — زمانو ۽ وقت. مافي الصدور — سيني جي اندر ڏسندڙ.

فڪر جي عزت جو پردو چاڪ ڪر — هن خيابان کي ڪنبن کان پاڪ ڪر
تنگ ڪر رخت حيات اندر بغل — اهل ملت کي بچائج ڏنهن دغل
سبز منهنجي پوڪ جو سامان نہ ڪر — ابر نيسان کان هي تر دامان نہ ڪر
خشڪ ڪر منهنجو شراب انگور ۾ — زهر هارج منهنجي ميءِ ڪافور ۾
روز محشر خوار ۽ رسوا ڪجيم — پير جي بوسي کان پرتي يا ڪجيم
راز قرآن جو، جي مون موتي چٽيو — حق مسلمانن کي گر مون آ چيو
اي جو تنهنجي مهر کان ناڪس علا — منهنجي گفتي جو صلو تنهنجي دعا
عرض ڪر سامهن خدائي عز و جل — عشق منهنجو ٿي هم آغوش عمل
دولت جان حزين بخشي اٿي — نعمت دين مبين بخشي اٿي

ڪر عمل ۾ مونکي تون پائنده تر
ڪر سپي موتين سان هي تابنده تر

هن جهان ۾ زندگي جيئن آ ملي — آرزو مون ۾ اِها تيئن آ پلي
دل جيان سيني ۾ آو آهي رهي — زندگي جو صبح جنهن کان آ صحي
پيءُ کان نالو جڏهن تنهنجو سکيم — آرزو جي آگ هيءُ روشن ڪيم
ڪيستائين آسمان رکندم جدا — زندگي سان راند ڪيڏيندو سدا
آرزو منهنجي جوان ٿيندي رهي — لذت صهبا گران ٿيندي رهي
هي تمنا، مون ۾ آ گوهر مثال — رات منهنجي ۾ آهي اختر مثال

---

خيابان — صحرا جي اندر ڪجورن جي جهڳٽي هيٺان چشمو.

ابر نيسان — وسندڙ ڪڪر.

مي ڪافور — خوشبودار شراب.

تنهنجي در کان جي آئن منهنجا جزا     چا کندس اج کي، ٻيان کي مرحبا
آ مبارڪ شهر آو، جنهن ۾ هئين     آ تنڌي مٽي، جتي آرا مئين
ممڪن يار آهه شهر شاهه من     آهه عاشق لاءِ هي حب وطن
منهنجي تاري کي اک بيدار بخش     قبر اندر سايهء ديوار بخش
تانجو آرامي دل بي تاب تي     بستگي پيدا ٿئي سيماب کي

پوءِ فلڪ کي مان چوان، آرام ڏس
هو ڏنيءِ آغاز، اج انجام ڏس

(رموز بيخودي)

---

بستگي — ٻڌجي وڃڻ، گڏ ٿيڻ.

سيماب — پارو.

# طلوع اسلام

دليل صبح روشن آهه تارن جي تنک تابي
آفق کان آفتاب آيريو، ويو دور گران خوابي

رڳن ۾ مردهٔ مشرق جي خون زندگي ڊوڙيو
نه سمجهي ٿو سگهي هن رازکي سينا ۽ فارابي

مسلمان کي مسلمان آ کيو طوفان مغرب جي
طلاطم موج دريائي کان آ، گوهر جي سيرابي

وري درگاهه حق مان، هي عطا مومن کي ٿيڻو آهه
شکوه ترڪماني، ذهن هندي، نطق اعرابي

اثر ڪجهه ننڊ جو مکڙين ۾ باقي آهه اي بلبل
«نوارا تلخ تر مي زن، چو ذوق نغمه کم يابي»

تڙپ صحن چمن ۾، آشيان ۾، شاخسارن ۾
جدا پاري کان ٿي هرگز نه ٿي تقدير سيمابي

ڏسي چو باغ جي زينت، آها اک پاک بين يارو
نظر جنهن کي اچي ٿي، مرد غازي جي جگرتابي

ضمير لاله ۾ روشن، چراغ آرزو ڪر تون
چمن جي ذري ذري کي، شهيد جستجو ڪر تون

---

تنک تابي — تارن جو جهلملائڻ.
دور گران خوابي — گهري ننڊ جو زمانو.

مسلمان جي اکين ۾ آهه، بادل جو اثر پيدا
خليل‌الله جي دريا ۾، وري ٿيندا گهر پيدا

ڪتاب ملت بيضا جي نئين شيرازه بندي آهه
هي شاخ هاشمي آهي، ڪرڻ تي برگ و بر پيدا

ڪسيو آن ترڪ شيرازي، دل تبريز و ڪابل کي
صبا پنهنجو ڪري ٿي گل جي بو سان هم‌سفر پيدا

اگر عثمانين تي، ڪوه غم آيو، ته ڇا پروا
لکن تارن جي متجڻ سان، ٿئي روشن سحر پيدا

جهانباني سهل آ، پر ڏکي ڪار جهان بيني
جگر رت ٿي، تڏهن ٿي، چشم دل ۾ ٿي نظر پيدا

هزارين سال نرگس، پنهنجي بي‌نوري تي روئي ٿي
گلستان ۾ ڏکيائي سان، ٿئي ٿو ديده ور پيدا

نوا پيرا ٿي اي بلبل، ٿئي تنهنجي ترنم کان
ڪبوتر جي تن نازڪ ۾ شاهين جو جگر پيدا

تنهنجي سيني ۾ مخفي آهه، راز زندگي کي چوءِ
مسلمان سان حديث سوز و ساز زندگي کي چوءِ

---

گهر — موتي.

ملت بيضا — روشن ملت. شيرازه بندي — جلد بندي، يڪجا ٿيڻ.

عثماني — ترڪ.

جهانباني — حڪومت ڪرڻ. جهان بيني — جهان کي ڏسڻ.

خدائي لم يزل جو دست قدرت ۽ زبان تون آنهن
يقين پيدا ڪر اي غافل، تہ مغلوب گمان تون آنهن

پري آ، آسمان نيري ڪان بہ منزل مسلمان جي
غبار راهہ تارا، جنهن جا آهن، ڪاروان تون آنهن

مڪان فاني، مڪين فاني، ازل تنهنجو، ابد تنهنجو
خدا جو آخري پيغام آهين، جاودان تون آنهن

سندءِ خون جگر آهي، عروس لالہ جي ميندي
سندءِ نسبت براهيمي ۽ معمار جهان تون آنهن

سندءِ فطرت امين آ، ممڪنات زندگاني جي
جهان جي جوهر مخفي، جو گويا امتحان تون آنهن

جهان آب و گل مان عالم جاويد جي خاطر
نبوت وٺي وٺي جنهن کي، نيارو ارمغان تون آنهن

هي نڪتو سر گذشت ملت روشن ڪان آ پيدا
تہ اقوام زمين ايشيا جو پاسبان تون آنهن

سبق پڙهہ تون صداقت جو، عدالت جو شجاعت جو
جو توکان فرض وٺڻو آهہ دنيا جي امامت جو

اِهو مقصود فطرت آهہ، اِها رمز مسلماني
اخوت جي جهانگيري، محبت جي فراواني

پيچي هي رنگ وخون جابت، وڃي ملت ۾ گم ٿي تون
نہ تواراني رهي باقي، نہ ايراني نہ افغاني

چمن جي ٻڪين سان ڪيستائين تنهنجي هيءُ محبت
سنڌ بازو ۾ آ پرواز شاهين ڪهستاني

گمان آباد هستي ۾، يقين مرد مسلمان جو
بيابان جي انڌاهي رات ۾ فانوسِ رهباني

مٽايو قيصر و ڪسريٰ جي استبداد کي جنهن هو
آهو هئو زور حيدر، فقر بوذر، صدق سليماني

ٿيو احرار ملت جاده پيما آ تجمل سان
ڏسن ٿا در جي چيرن مان سون ورهين جا زنداني

ثبات زندگي، ايمان محڪم سان آ دنيا ۾
جو الماني ڪان بي پائنده تر نڪتو آ توراني

جڏهن هن جسم خاڪي ۾، اچي ٿئي ٿو يقين پيدا
تہ پوءِ هي ٿو ڪري، بال و پر روح‌الامين پيدا

غلاميءَ ۾ اچن ٿيون ڪم، نہ شمشيرون نہ تدبيرون
جو ٿي ذوق يقين پيدا، تہ ڪٽجن ٿيون هي زنجيرون

لڳائي ڪير اندازو، تو انجي زور بازو جو
نگاه مرد مومن ٿي، چڙي بدلائي تقدبرون

---

فانوس رهباني — گوشہ نشين عابد جو فانوس.

استبداد — زور.

جاده پيما — رستي تي هلندڙ.

روح‌الامين — حضرت جبرئيل عليه السلام.

ولايت، بادشاهي، علم اشيا جي جهانگيري
هي سڀ ڇا آ، رڳو هڪ نڪتہ* ايمان جون تفسيرون
براهيمي نظر پيدا ٿئي ٿي، پر ڏکي ڏاڍي
لکي سيني ۾ ناهي‌ٿو، هوس ۽ حرص جون تصويرون

تميز بنده و آقا، فساد آدميت آهه
حذرا! اي زور وارو، سخت هي فطرت جون تعزيرون
حقيقت آهه هڪ هر شي جي خاڪي آ يا نوري آهه
شعاع شمس جون آهن، اِهي يڪسان تنويرون
يقين محڪم، عمل پيهم، محبت فاتح عالم
جهاد زندگاني ۾، اِهي مردن جون شمشيرون

چہ بايد مرد را طبع بلندے مشرب نابے
دل گرمے، نگاه پاڪ بينے، جان بيتابے

عقابي شان سان جهپٽيا، آهي بي بال و پر نڪتا
ستارا شام جي خون شفق ۾ تر بتر نڪتا
ٿيا مدفون دريا، زير دريا جي ترڻ وارا
چماٽون موج جون کاڏيون ٿي جن بڄجي گهر نڪتا
غبار راهه آهن، ڪيميا تي ناز هو جنکي
متيءُ تي نرڙ هو جنجو، آهي اڪسيرگر نڪتا
اسانجي نرم رو قاصد، پيام زندگي آندو
خبر تي بجلين جن کي ڏني، آو بيخبر نڪتا

---

علم اشيا — سائنس.

حرم بدنام ٿيو پير حرم جي ڪم نگاهي کان
جوانان تتاري ڪيترا صاحب قدر نڪتا
ملائڪ آسمان پرواز، چوندا ٿي زمين کان ويا
هي خاڪي زنده تر، پائنده تر، تابنده تر نڪتا
رهن دنيا ۾ تا ايمان وارا، سج جان روشن
لڪي، ظاهر ٿين تا هي، عجب اهل نظر نڪتا

يقين افراد جو سرمايهٔ تعمير ملت آهه
اها قوت آ، جا صورت گر تقدير ملت آهه

تون راز ڪن فڪان آهين ءَ اکين تي عيان ٿي وڃ
خوديءَ جو رازدان ٿي وڃ، خدا جو ترجمان ٿي وڃ
هوس آهي ڪيو ٽڪرا، اجايو نوع انسان کي
اخوت جو بيان ٿي وڃ، محبت جي زبان ٿي وڃ
هي هندي، هو خراساني، هي افغاني، هو توراني
تون اي شرمندهٔ ساحل، اڇلجي بيڪران ٿي وڃ
غبار آلودهٔ رنگ و نسب، هي کنڀ، پر تنهنجا
تون اي مرغ حرم، اڏرڻ کان پهرين پرفشان ٿي وڃ
خودي ۾ غرق ٿي غافل، هي راز زندگاني آهه
نڪر هن حلقهٔ شام و سحر کان جاودان ٿي وڃ
جهاد زندگي ۾، سيرت فولاد پيدا ڪر
شبستان محبت ۾ حرير و پرنيان ٿي وڃ

---

حرير و پرنيان — پٽ ۽ ڪيمخواب.

گذر ڪر بڄجي سيل تندرو، ڪوه بيابان ۾
گلستان واٽ ۾ گذري، تہ جوئي نغمہ خوان ٿي وڃ

سندءِ علم و محبت جي، نہ آهي انتها ڪائي
نہ توکان آ زياده، ساز فطرت ۾ نوا ڪائي

اڃا پڻ آدمي صيد زبون شهر ياري آهہ
قيامت آهہ، انسان نوع انسان جو شڪاري آهہ

نظر کي ٿي ڪري خيره چمڪ تهذيب حاضر جي
هي صناعي مگر ڪوڙين ٽڪن جي ريزه ڪاري آهہ

هو حڪمت، ناز هو جنهن تي خردمندان مغرب کي
هوس جي رت ڀري چنبي ۾ تيغ ڪار زاري آهہ

تدبر جي فسونڪاري ڪان محڪم ٿي سگهي ڪاٿي
جهان ۾ جنهن تمدن جي بنا سرمايہ داري آهہ

عمل سان زندگي بڻجي ٿي جنت ڀي جهنم ڀي
هي خاڪي پنهنجي فطرت ۾ نہ نوري آ نہ ناري آ

خروش آموز بلبل آهہ، منهن مڪڙي جو کولي ڇڏ
چمن جي لاءِ هستي، تنهنجي ڄڻ باد بهاري آهہ

اٿي آ، ايشيا جي دل ڪان چنگاري محبت جي
زمين جولانگہ اطلس قبايان تتاري آهہ

بيا پيدا خريدار است، جان ناتوانے را
پس از مدت گذار افتاد بر ما کاروانے را

آئي ساقي وٺ تان هڻ صدائي مرغزار آئي
نگار آيو، قرار آيو، قرار آيو، بهار آئي

ڪڏيو ابر بهاري، خيمي کي صحرا ۽ وادي ۾
جبل جي چوٽين تان ٿي، ندائي آبشار آئي

ٿيان قربان، ڏي قانون اڳين کي وري ساقي
جو ٽولي نغمہ گوين جي قطار اندر قطار آئي

ٻري ٿي زاهدن کان، وٺ بيباڪانہ ساغر کي
پراڻي شاخ تان عرصي بعد بانگ هزار آئي

حديث خواجہؐ بدر و حنين آڇ عشاقن وٽ
جو آنجي قوت پنهان، بچشم آشڪار آئي

وري شاخ خليل آهي، ٻٽي آلي منهنجي رت کان
جو بازار محبت ۾ کري موڙي بڪار آئي

شهيدن جي مٽي تي لالي جا ٻن ٿو چڙهايان مان
سندن آو پاڪ رت ملت سان هردم سازگار آئي

بيا تا گل بيفشانيم، و مے در ساغر اندازيم
فلڪ را سقف بشگافيم و طرح ديگر اندازيم

(بانگ درا)

# سسلي

---

دل کي کولي روءِ، اي ديدهٔ خونناب بار
هو نظر ۾ آهه تهذيب حجازي جو مزار

هت هيو هنگامو آن صحرا نشينن جو کڏهن
بحر بازيگاهه هو، جنجي سفينن جو کڏهن

زلزلا جن کان شهنشاهن جي دربارن ۾ هئا
بجلين جا آشيانا، جنجي تلوارن ۾ هئا

هڪ جهان تازه جو پيغام هو جنجو ظهور
کائي وئي عصر کهن کي جنجي تيغ ناصبور

مرده عالم زنده جنجي شورش قم کان ٿيو
آدمي آزاد زنجير توهم کان ٿيو

غلغلي کان جنجي لذت گير اڄ بڻ گوش آهه
جا هميشه لاءِ آه، تڪبير تي خاموش آهه

آه! اي سسلي آ تو کان سمندجي سچ آبرو
رهنما جي طرح آن پاڻي جي صحرا ۾ آهين تو

زيب تنهنجي خال کان رخسار دريا کي رهي
تنهنجي شعبن کان تسلي بحر پيما کي رهي

آ سبڪ چشم مسافر تي سندءِ منظر مدام
موج رقصان جو ڪناري تي سندءِ آهي قيام

تو ۾ بي آن قوم جي تهذيب جو گهوارو هو
حسن عالم سوز جنهن جو آتشين نظارو هو

نالہ کش، شيراز جو بلبل ٿيو بغداد تي
داغ هاريا، خون جا ڳوڙها جهان آباد تي

دولت غرناط، جڏهن آسمان برباد ڪئي
ابن بدرون جي دل ناشاد، آت فرياد ڪئي

غم نصيب اقبال کي، بخشيو ويو ماتم سندءِ
چونديو تقدير آن کي جو هئو محرم سندءِ

آ سنڌ، آثار ۾ پوشيده ڪنهنجو داستان　　تنهنجي ساحل جي خموشي ۾ آ، انداز بيان
درد پنهنجو مونکي چو ماڻ پڻ سراپا درد هان | جنهنجي تون منزل هئين آن ڪاروان جي گرد هان
رنگ تصوير ڪهن ۾ ڪو پري مونکي ڏيکار ڪجھ، تہ ايام سلف جو چوءِ قصو اي رازدار

مان اِهو تحفو سنڌ، هندوستان ويندس وٺي
پاڻ هت روئان تون، ٻين کي هت رئاريندس وڃي

(بانگ درا)

---

# شمع ۽ شاعر

(فبروري ١٩١٢ع)

---

## شاعر

شمع کي ٿي ڪالهه پنهنجي منزل ويران ڏسيم
تنهنجي گيسو کي پتنگي جي پرن جي آ ڦٽي

مان جهان ۾ لالهء صحرا مثل آهيان چراغ
ڪا نصيبن ۾ نه محفل ٿي، نه آهيان گهر ڏٺي

تو جيان عرصو ٿيو، ويٺو جلايان پاڻ کي
پر نه منهنجي شعلي تي، آيو پتنگو ڪو هٽي

هن امل اندر ۾ منهنجي سهسين جلوا ٿا سجهن
پر نه ڪنهن ديوانه دل کي، منهنجيء محفل وڻي

تو ڪتان هي، شعلهء عالم فروزا آ، ڪٿ ڪيو
بي سمر هي جيت ڪٺ، سوز ڪليم آهي سکيو

---

# شمع

موت کي هيءَ موج نفس، جا ڏي ٿي پيغام اجل
منهن آنهيءَ موج نفس کان آ نوا پيرا سندءِ

مان جلان ٿي، منهنجي فطرت ۾ آهي سوز و گداز
تون جلين ٿو ڪٿ، جو پروانن کي ٿي سودا سندءِ

مان سراپا روح، منهنجي دل ۾ آ طوفان اشڪ
ماڪ کان بي بهره، بزم گل ۾ ڪٿ پروا سندءِ

صبح جي رت کان آ منهنجي رات گل سان آشنا
تنهنجي اڄ کان آهه نا واقف سدا فردا سندءِ

تون آهين روشن مگر، تو ۾ نه آ سوز درون
شعلو آ مثل چراغ لالهءِ صحرا سندءِ

سوچ دل ۾، چا لقب ساني جو تو کي ٿو ٺهي
انجمن پياسي آهي، پيمانو بي صهبا سندءِ

تنهنجي خصلت آهه ٻي، آئين ملت آ ٻيو
تنهنجي بد روئي کان آئينو آهي رسوا سندءِ

تنهنجي پاسي ۾ آ ڪعبو، تون پڇين بتخاني کي
ڪيترو شوريده سر آ، بي سبب غوغا سندءِ

قيس پيدا تنهنجي محفل ۾ ٿئي ممڪن نه آهه
تنگ آ صحرا سندءِ، محمل آ بي ليلیٰ سندءِ

موج جي آغوش ۾ اي چمڪندڙ در ثمين
لذت طوفان کان آ دور تر صحرا سنده

هاڻ چو زمزمہ سرائي، باغ ٿيو برهم سنده
بي محل تنهنجو ترنم، نغمو بي موسم سنده

جن کي هو ذوق تماشا، موڪلائي ويا آهي
تون وٽي جي وعدهٔ ديدار عام آئين ته ڇا ؟

انجمن کان هو پراڻا شعلہ' آشام ويا
ساقيا، محفل ۾ تون آتش بجام آئين ته ڇا ؟

آه! گلشن جو سمورو زيب ٿي برباد ويو
جي کٽي باد بهاري جو پيام آئين ته ڇا ؟

آخري شب ديد جي قابل هئي بسمل جي تڙپ
صبحدم جي تون کٽي بالائي ٻام آئين ته ڇا ؟

وبو وسامي شعلو جو مقصود هر پروانہ هو
بڄجي تون سودائي، سوز تمام آئين ته ڇا ؟

گل ته بي پرواهہ، ڪو گرم نوا ٿي يا نہ ٿي
ڪاروان بي حس آ، آواز درا ٿي يا نہ ٿي

شمع محفل بڄجي بي تون سوز کان غافل رهين
تنهنجو پروانو بہ هن لذت کان بيگانو رهيو

جوڙ الفت ۾ انهن کي تون ته پوئي ٿي سگهين
پوء جدا تسبيح جي داڻي جو ڇو خانو رهيو

شوق بي پروا ويو، فڪر فلڪ پيما ويو
تنهنجي محفل ۾ نہ ديوانو نہ فرزانو رهيو

هو جگر سوزي نہ آ ۽ شعلہ آشامي نہ آ
فائدو ڪهڙو جو گرد شمع پروانو رهيو

خير تون ساقي سهي، ڪنهن کي پياريندين پلا
اڄ نہ هو ميڪش رهيا، باقي نہ ميخانو رهيو

هڪ پگهل مينا روئي ٿي، هاڻ تن جي حال تي
ڪالهہ گردش ۾ جتي، ساقي جو پيمانو رهيو

اڄ آهو خاموش آ، دشت جنون پرور جتي
رقص ۾ ليليٰ رهي، ليليٰ جو ديوانو رهيو

واءِ ناڪامي متاع ڪاروان ويندو رهيو
ڪاروان جي دل مان احساس زيان ويندو رهيو

جنجي لڙ ۽ شور ڪان آباد ويرانا هئا
شهر تنجا متجي ويا، آباديون بن ٿي ويون

سطرت توحيد قايم، جن نمازين سان هئي
او نمازون هند ۾، نذر برهمن ٿي ويون

دهر ۾ آئين جي پابندي آ عيش دوام
موج لیءِ آزاديون سامان شيون ٿي ويون

خود تجلي کي تمنا، جن نظارن جي هئي
او نگاهون نا آميد نور ايمن ٿي ويون

تي ڦريون آڏريون هزارين، بلبلون گلزار ۾
دل ۾ چا آين جو پابند نشيمن تي ويون

وسعت گردون ۾ هئي، تنجي تڙپ نظاره سوز
بجليون آسودهٔ دامان خرمن تي ويون

ديدهٔ خونبار چو، منت ڪش گلزار تي
جنجي ڳوڙهن ڪان نگاهون گل بدامن تي ويون

شام غم ليڪن خبر آئي تي صبح عيد جي
رات جي اونده ۾ ڏسجي تي چمڪ اميد جي

مرحبا پيمان بردار خمستان حجاز
عرصي ڪان پوء، تنهنجي رندن کي وري آيو آ هوش

نقد خود داري آ قيمت بادهٔ اغيار جي
اڄ دڪان تنهنجو آ لبريز صدائي ناؤ نوش

هند جي نازڪ حسينن آ طلسم کي پڳو
آ سليمىٰ جي نگاهن ۾ وري جوش و خروش

آه غوغا آڻ ساقي، تون شراب خانه ساز
دل جي هنگامن کي مي مغرب ڪيو آهي خموش

نغمه پيرا تي جو هي هنگامه خاموشي نه آ
صبح جو هي آسمان آ، سج سان مينا بدوش

غم بين جي ۾ پيو جل ۽ بين کي بي جلاء
ڳالهه مون روشن ڀڌائي آهه توکي ڏار گوش

هڻ ڇڏي ويا شاعري، پيغمبري جو آ حصو
هان ٻڌائج محفل ملت کي پيغام سروش

ڏي سجاڳي تون اکين کي، وعدهٔ ديدار سان
جيئرو ڪر دل کي سوز جوهر گفتار سان

تنهنجي همت جو آ رهزن، تنهنجو آرامي هڻ
بحر هئين صحرا ۾ تون، گلشن ۾ شل جو ٻڻين

پنهنجي اصليت تي قائم هئين تہ جمعيت بي هئي
تون ڇڏي گل کي پريشان ڪاروان بو ٻڻين

زندگي قطري کي سيڪاري تي اسرار حيات
آنهن ساڳو ماڪ ڪٽ، موتي ڪٽي آنسو ٻڻين

ڪروري پيدا انهيءَ کي، هيءَ وڏي دولت اٿي
زندگي کهڙي جو دل بيگانهٔ پهلو ٻڻين

آبرو باقي تنهنجي ملت جي جمعيت سان هئي
جي جماعت وئي هلي، دنيا ۾ رسوا تو ٻڻين

فرد قايم ربط ملت سان تنها ڪجهہ نہ آهہ
موج آ درياهہ ۾ بيرون دريا ڪجهہ نہ آهہ

پردهٔ دل ۾ اجا مستور الفت کي رکج
يعني پنهنجي مي رسوا صورت مينا نہ ڪر

خيمہ زن تي وادئي سينا ۾ مانند ڪليم
شعلهٔ تحقيق کي غارت گر ڪاشانہ ڪر

شمع کي بي تي ذرا معلوم انجام ستم
صرف تعمير سحر، خاکستر پروا نہ کر

تون جي خود دار آهين، ٿو روکين ڪڻ ساقي سندو
عين دريا ۾ تون قوتي جان بنا پيما نہ کر

کيفيت باقي پرائي ڪوهه و صحرا ۾ نہ آهہ
آ جنون تنهنجو نئون، پيدا نئون ويرا نہ کر

خاک ۾ توکي مقدر جي ملايو آ کٿي
تو عصا آفتاده کان، پيدا مثال دانہ کر

هان پرائي شاخ تي، پنهنجو بڻائج آشيان
باغ وارن کي شهيد نغمهٔ مستانہ کر

هن چمن ۾ پيرو بلبل آ يا تلميذ گل
يا سرا پا نالہ تي يا کا نوا پيدا نہ کر

چو چمن ۾ بي صدا، مثل رم شبنم آهن تون
لب کشا تي وڃ، سرود بربط عالم آهن تون

آشنا پنهنجي حقيقت کان تي اي کرمي ذرا
ٻج تون، کيتي بہ تون، باران بہ تون، حاصل بہ تون

آه! کنهنجي جستجو، آواره تي توکي رکي
راهہ تون، رهرو بہ تون، رهبر بہ تون، منزل بہ تون

تنهنجي دل ڌڪندي رهي، انديشهٔ طوفان کان چو؟
ناخدا تون، بحر تون، ٻيڙي بہ تون، ساحل تون

وڃ لنگهي، ڪوچهٔ چاڪ گريبان ۾ ڪڍهن
قيس تون، ليليٰ بہ تون، صحرا بہ تون، محمل بہ تون

واه ناداني جو تون، محتاج ساقي جو ٿئين
مي بہ تون، مينا بہ تون، ساقي بہ تون، محفل بہ تون

شعلو بڻجي ساڙي ڇڏ، خاشاڪ غيرالله کي
خوف باطل چو پلاء، غارتگر باطل بہ تون

بيخبر ڏس، جوهر آئينهٔ ايام تون
سچ زماني ۾ خدا جو آخري پيغام تون

پنهنجي اصليت کان ٿي آگاه اي غافل ذرا
تون ڦڙو ليڪن مثال بحر بي پايان بي

جو طلسم هيچ مقداري ۾ ڦاٿو آهن وڃي
ڏس تہ آ پوشيده تو ۾ شوڪت طوفان بي

سينو آ تنهنجو امين، انجي پيام ناز جو
جو نظام دهر ۾ پيدا بہ آ پنهان بي

صفت ڪشور جنهن ڪان ٿي تسخير بي تيغ وتفنگ
تون اگر سمجهين تہ تو وٽ آ، آهو سامان بي

ڪوهِ فاران جي خموشي، جنهن تي شاهد آهہ اڄ
آهہ غافل ياد آهي، توکي او پيمان بي

تون آهين نادان ٽورين مڪڙين تي خوش ٿئين
ور نہ گلشن ۾ علاج تنگي داماں بي

دل جي حالت آهه پيدا، پردهٔ تقدير ۾
کسوت سينا ۾ مي مستور بي عريان بي
منهنجي هن آتش نوائي، آ جلايو مونکي خود
آهه منهنجي زندگاني جو اِهو سامان بي

راز هن آتش نوائي جو منهنجي سيني ۾ ڏس
جلوه تقدير منهنجي دل جي آئيني ۾ ڏس

آسمان ٿيندو سحر جي نور سان آئينہ پوش
رات جي ظلمت اِها سيماب پا ٿيندي وڃي
ايتري ٿيندي ترنم آفرين باد بهار
نگهت خوابيده غنچي جي نوا ٿيندي وڃي
سينہ چاڪان چمن سان ملندا آخر سينہ چاڪ
بزم گل سان همنفس باد صبا ٿيندي وڃي
شبنم افشاني منهنجي پيدا ڪندي آ سوز و ساز
هن چمن جي هر ڪلي درد آشنا ٿيندي وڃي
سطوت رفتار دريا جو نظر ايندو مآل
موج مضطر ئي سندس زنجير پا ٿيندي وڃي
ياد دلين کي وري، ايندو آ پيغام سجود
هي جبين خاڪ حرم سان آشنا ٿيندي وڃي
نالہ صياد کان ٿينديون پکين جون ٻوليون
خون گلچين کان ڪلي رنگين قبا ٿيندي وڃي

جو ڏسي ٿي اک، آهو چپ تي نہ هرگز تو اچي
محو حيرت هان تہ دنيا ڇا مان ڇا ٿيندي وڃي

( بانگ درا )

# اسلامي شهر

سر زمين دهليءَ جي مسجود دل غمديده آهه انجي هر ذري ۾ رت اسلاف جو خوابيده آهه
پاڪ هن آجڙي گلستان جي آهي بهتر زمين خانقاه عظمت اسلام آ، هيءَ سر زمين
خاڪ انجي ۾ سمهيا، خيرالامم جا تاجدار نظم عالم جو هئو، جنجي حڪومت تي مدار

دل کي قتڪائي تي تن جي گرمئي محفل جي ياد
ويو جلي حاصل، مگر محفوظ آ حاصل جي ياد

.. .. ..

جي زيارتگاهه مسلم جي جهان آباد آهه هن ڪرامت جو مگر حقدار پڻ بغداد آهه
هن چمن ۾ هو ميسر هر جڳهه سامان ناز لالهٔ صحرا چون تا جنهن کي تهذيب حجاز
خاڪ هن بستي جي پڻ جي، ڪٿي نه همپايه ارم جنهن ڏنا هئا جانشينان پيغمبر جا قدم

جنهن جا غنچا هئا چمن سامان گلشن آ اِهو
روم، جنڪان لرزيو تي، تنجو مدفن آ اِهو

.. .. ..

قرطبه جي آ زمين پڻ ديدهٔ مسلم جو نور جو هئو مغرب جي اونده ۾ مثال شمع طور
آن وسامي، بزم ملت جي ڏيئي کي گل ڪيو ۽ اِنهيءَ کان جاڳيو تهذيب حاضر جو ڏيو

قبر آن تهذيب جي آ،و سر زمين پاڪ آهه
جنهن ڪان تاڪ گلشن يورپ جي رڳ نمناڪ آهه

.. .. ..

خطهٔ قسطنطنيه يعني قيصر جو ديار مهديءَ امت جي هيبت جو نشان پايدار
هي حرم جي خاڪ وانگر سرزمين پاڪ آهه هي خلافت گاهه غلامان شه لولاڪ آهه

گل جي خوشبو کان ۾ پاڪيزه آهي هنجي هوا  تربت ايوب انصاري کان ٻڌجي ٿي صدا

اي مسلمان ملت اسلام جي دل شهر هي
ڪيترين صدين جي خونريزين جو حاصل شهر هي

.. .. ..

آ. و زمين تون آنهه مگر اي خوابگاه مصطفىٰ  ديد آ ڪعبي کي تنهنجي حج اڪبر جي سدا
خاطم هستي جي تون تابان ۽ روشن نگين  پنهنجي عظمت جي ولادتگاه هئي تنهنجي زمين
تو ۾ راحت آن شهنشاهه معظم کي ملي  جنهن جي دامن ۾ امان اقوام عالم کي ملي
آ اگر، قوميت اسلام پابند مقام  هند آ بنياد آنجو، ناهه فارس ناهه شام
آه! يثرب ديس مسلم جو آهين تون دلقرار  تون تاثر جي شعاعن کان سدائي تابدار

تنهنجي هستي ساڻ آهي، پنهنجي هستي کي بقا
ماک جا موتي، صبح جي ديد جا آهن عطا

( بانگ درا )

# حضرت بلال

مغرب جي حق شناس لکيو آهه ڏس ته هئن — اهل قلم ۾ جنهن جو گهڻو احترام هو
جولانگهه سڪندر رومي هو ايشيا — گردون کان بي بلند تر جنهنجو مقام هو
تاريخ ٿي ٻڌائي ته رومي جي سامهون — دعوا ڪئي جا پورس دارا ۾ خام هو
دنيا جي آن شهنشهه انجم سپاهه تي — حيرت ڪندڙ ڏسو ته فلڪ نيل فام هو

اڄ ايشيا ۾ آن کي ڪوئي ڄاڻندڙ نه آهه
تاريخ دان ۾ آن کي مگر سڃاڻندڙ نه آهه

ليڪن بلال هو حبشي زاده حقير — فطرت هئي، جنهن جي نور نبوت کان مستنير
جنهن جو امين ازل کان ٿيو سينه" بلال — محکوم آن صدا جا ٿيا شهنشهه ۽ فقير
جنهن کان ٿئي ٿو اسود و احمر ۾ اختلاط — جا ٿي ڪري غريب کي سدا هم قدم امير
تازي اڃا ۾ آهه آو، نوائي جگر گداز — صدين کان جا ٻڌي رهيو آ گوش چرخ پير

يارو هي ڪنهن جي عشق جو فيض عام آهه
رومي فنا ٿيو ۽ حبشي کي دوام آهه

( بانگ درا )

# وطنيت

(وطن سياسي تصور جي حيثيت سان)

---

هن دور ۾ مي ۽ ٻي آهه، جام ٻيو ۽ جم ٻيو    ساقي جو ٽيو طور ٻيو، لطف و ستم ٻيو
مسلم بي آ تعمير ڪيو، پنهنجو حرم ٻيو    تهذيب جي آذر آ سنواريو نئي صنم ٻيو

هن تازه خدائن ۾ وڏو، سڀ کان وطن آهه
جو پيرهن آهن جو، آهو مذهب جو ڪفن آهه

هي بت بڻايوئي، تهذيب نوي آهه    غارتگر ڪاشانهٔ دين نبوي آهه
بازو سندءِ توحيد جي قوت کان قوي آهه    اسلام جنهن جو ملڪ آهو مصطفوي آهه

نظارهٔ ديرينه زماني کي پسائج
اي مصطفوي خاڪ ۾ هن بت کي ملائج

آ قيد مقامي ته نتيجو آ تباهي    رهه بحر ۾ آزاد وطن صورت ماهي
آ ترڪ وطن سنت محبوب الاهي    ڏي تون ٻه نبوت جي صداقت تي گواهي

گفتار سياست ۾ وطن آهه ٻيو ڪجهه
ارشاد نبوت ۾ وطن آهه ٻيو ڪجهه

اقوام جهان ۾ آ رقابت ته انهي کان    تسخير آ مقصود تجارت ته انهي کان
خالي آ صداقت کان سياست ته انهي کان    ڪمزور جو گهر برباد ۽ غارت ته انهي کان

اقوام ۾ مخلوق خدا هن کان ٿئي محروم
قوميت اسلام ٿئي، هن کان نئي معدوم

(بانگ درا)

---

## قوميت ۽ دين

اسڪندر و چنگيز جي قوت ڪان جهان ۾
-ؤ بار ٿي، حضرت انسان جي قبا چاڪ

تاريخ اُمم جو هي آ، پيام ازل ڪان
اي صاحب نظر، قوت جو نشو آهه خطرناڪ

هن سيل سبڪ سير و زمين گير جي اڳيان
عقل و نظر، علم و هنر، سڀ خس و خاشاڪ

لا دين آهه ته آ زهر هلاهل ڪان زياده
آ دين جي حفاظت ۾ ته هر زهر جو ترياڪ

(ضربِ ڪليم)

# مدنيت اسلام

---

زندگي مومن جي ڇا آ، اڇ ته مان توکي چوان
فکر ڪامل ساڻ گڏ، آن ۾ آ انداز جنون

آ غروب آنجو طلوع آفتاب و ماهتاب
آهه گوناگون زماني جان يگانو، بيچگون

با حيا عصر روان جي، بيحيائي ڪان پري
ڪينڪي عهد ڪهن جو آن ۾ افسانهٔ درون

آ اساس انجي حقايق جو سدائي حق تي
زندگي ڪي هو نه افلاطون جو سمجهي فسون

آنجو عنصر آهه روح القدس جو ذوق جمال
حسن طبعي آ عجم جو ۽ عرب جو گرم خون

(ضرب ڪليم)

---

# مرد مسلمان

هر لحظہ آ مومن جو نئون شان، نئين آن
گفتار ۾، ڪردار ۾، الله جو برهان

قهاري و غفاري و قدوسي و جبروت
هي چار عناصر ٿي گڏجي، بڻائن ٿا مسلمان

همسايۂ جبرئيل امين بندهٔ خاڪي
آ، انجو نشيمن نہ بخارا نہ بدخشان

هي راز نہ آ ڪنهن کي معلوم تہ مومن
قاري آ نظر ۾، مگر حقيقت ۾ قرآن

قدرت جي مقاصد جي سچاڻ انجا ارادا
دنيا ۾ بي ميزان تہ قيامت ۾ بي ميزان

جنهن ڪان جگر لالہ ۾ راحت آ، آو شبنم
دريا جي دل جنهن ڪان دهلجي، آو طوفان

فطرت جو سرود ازلي، انجو شب و روز
آواز ۾ يڪتا، آو صفت سورهٔ رحمان

بنجن ٿا منهنجي ڪارگہ فڪر ۾ انجم
وٺ پنهنجي مقدر جا ستارا ٿي سليمان

(ضرب ڪليم)

## لادين سياست

جا ڳالهه حق آهه مون کان ڪين لڪي ٿي
خدا آ مون کي ڏني، هي دل خبير و بصير
سنهنجي نگاهه ۾ آهه سياست لا دين
ڪنيز اهرمن و دون نهاد مرده ضمير
رهي ٿي ترڪ ڪليسا کان حاڪمي آزاد
فرنگين جي سياست، آهه ديو بي زنجير
متاع غير تي آ، جڏهن نظر انجي
تہ آ، هر اول لشڪر ڪليسا جو سفير

(ضرب ڪليم)

# جاويد کي خطاب

## ( نوجوانن سان گفتگو )

آو سخن آهي سينگارڻ ئي فضول ... قعر دل مان ڪينڪي، جو ٿي وصول
گرچ مون نڪتا چيا سوءُ بي حجاب ... پر اهم نڪتو، نہ جو اندر ڪتاب
جي چوان بڻجي آهو پيچيده تر ... حرف وصوت ان کي ڪري پوشيده تر

سوز انجو وٺ نگاهن کان سندم
يا صبح جي وٺ ايلاهن کان سندم

درس پهريون ماءُ کان تو کي مليو ... هير ان تي، تنهنجي سڪڙي ٿي ڪليو
هير ان کان، تنهنجو هي آ، رنگ وبو ... منهنجي دولت، ان کان تنهنجي آبرو
دولت جاويد ان کان گڏ ڪيءِ ... انجي واٽئون لاالہ ڪلمو سکيءِ
هان پچا! ذوق نگهہ وٺ مون وٽان ... سوز حرف لاالہ وٺ مون وٽان
لاالہ چؤ، جي چوڻ تو دل منجهان ... تان اچي عضون مان تنهنجي بوءِ جان
لاالہ جي سوز کان هي سج چنڊ ... مون ڏٺو هر هنڌ انجو جوڙ منڊ
لاالہ هي ڪا رڳي گفتار ناھ ... لاالہ جي ڪا مڏي تلوار ناھ

سوز ان سان زندگي تهاري آھ
لاالہ جي ضرب، ضرب ڪاري آھ

بي جي اڳيان تو ٻڌي مومن ڪمر ... فقرو غداري، نفاق انجو ثمر
ڪوڏين تي دين و ايمان کي ڏئي ... پنهنجي گهرءِ گهر جي سامان کي ڏئي
لاالہ انجي نمازن ۾ نہ اڄ ... ناز انجي آ نيازن ۾ نہ اڄ

---

تعر — اونهائي.

انجي روزن ۽ نمازن ۾ نه نور          ان جي جلوي جو جهان ۾ نا ظهور
جنهنجي لئي الله هو هڪ ساز و برگ          ان کي دولت جو هوس ۽ خوف مرگ
آن وڃايو، ذوق، مستي ۽ سرور          دين اندر آ ڪتاب ۽ خود بگور
ٻن نبين کان نئين ملت سڪي          عصر حاضر سان سندس صحبت وڌي
هڪ آ ايراني ۽ ٻيو هندي نژاد          هڪ نه ڄاڻي حج ٻيو تارڪ جهاد
جي جهاد ۽ حج نه آهن واجبات          ٻوء وري ڇا جو رهيو صوم و صلوات
روح کان خالي ٿيو روز و نماز          فرد نا هموار، ملت بي نياز

آ خودي جي راز کان مومن پري
اي خضر هٿ وٺ، جو پاڻي ٿو وري

سجدو آو، جنهن کان زمين تي لرزيو          جنهن جي مرضي سان چنڊ ۽ سج ڦريو
جي ٻوي ها، پٿرن تي آو سجود          ڪينڪي تنجو رهي ها، ڪو وجود
آھ ۾ اڄ سر جهڪائڻ آ رهيو          ضعف پيري سان نيائڻ آ رهيو
هو شڪوه ربي الاعلیٰ ڪٿي          هي گناه آن تي آهي، يا تو مٿي
آھ هرڪو پنهنجي رستي تي روان          بي مهار آ اٿ اسانجو بي نشان

صاحب قرآن بي ذوق طلب
آ عجب، ثم العجب، ثم العجب

جي خدا تو کي ڪري صاحب نظر          ڪجهه زماني کي ڏس ۽ وٺ اثر

---

ساز و برگ — زندگي جو سامان.

عصر — زمانو، وقت.

نژاد — اولاد.

شڪوه — دٻدٻو، طاقت.

عقل آ بي باڪ، دليون بي گداز — آهه اک بي شرم ۽ طالب مجاز
علم و فن، دين و سياست، عقل و دل — گڏ پيا ڪن ٿا طواف آب و گل
ايشيا جنهن جو وطن آ، آفتاب — غير کي ڏسندڙ ۽ خود اندر حجاب
قلب انجي ۾ نه ڪائي واردات — آهه بي قيمت سندس هر حاصلات
هن پراڻي دير ۾ انجي حيات — آهه ساڪت، يخ بدل ۽ بي ثبات
آ ملوڪيت ۽ ملا جو شڪار — فڪر انجي جو غزال آ، بي وقار
عقل و دين و دانش و ناموس و ننگ — سڀ ڪسي ورتس اميران فرنگ
ٻوڙيس مان انجي نئين افڪار تي — چيريم هر پردهٔ اسرار کي

پنهنجي سيني ۾ مون دل کي خون ڪيو
تا سندس عالم کي مون گلگون ڪيو

عصر پنهنجي کي ٻڌايا مون ٻه حرف — ٻڌيم بحرين کي اندر ٻو ظرف
حرف هڪ پيچيده آ، پيو نيشدار — عقل و دل مردن جا جنهن سان ڪيان شڪار
حرف هڪ آهه انداز فرنگ — ٻي جي دانهن کي آٿاري تار چنگ
اصل هڪ جو فڪر آ ۽ ٻي جو ذڪر — شل خدا تو کي ڏئي هي ذڪر و فڪر
آ نهر منهنجي انهيءَ بحرين ڪان — فصل هي ۽ وصل هي، آن عين ڪان

تا طبيعت عصر منهنجي جي ڦري
طبع منهنجي نئين هنگامي ڏي وري

---

ملوڪيت — شهنشاهيت.

عصر — زمانو. بحرين — ٻه سمنڊ. ظرف — ٿانءُ.

فصل — جدائي. وصل — ميلاپ.

عين — چشمو يا اک.

حڪم ڏڪيو آهه ڪر تاويل ڪين | ڳولهه پنهنجي قلب ري' قنديل ڪين
حفظ جان ۽ ذڪر و فڪر بي حساب | حفظ تن سان ضبط نفس اندر شباب
سير جي لذت آ، مقصود سفر | آشيان تي جي نظر تي نا آذر
چند ڪامل ڪي ميسر تي مقام | سير آدم ڪي مقام آهي حرام
زندگي ري' لذت پرواز ناهه | انجي فطرت ۾ مڪان جو ساز ناهه

رزق ڪانءُ ۽ ڳجهه جو خاڪ زمين
رزق بازن جو مٿي عرش برين

دين جو ڳجهه، قال سچ رزق حلال | خلوت و جلوت ۾ ديدار جمال
دين جي ڪم ۾ مثل الماس ٿيءُ | حق سان رک دل ۽ بي وسواس جيءُ
دين جي اسرار جو ڳجهه هت لکان | ڳالهه سان توکي مظفر جي چوان
هو عمل، اخلاص جو فرد فريد | بادشاهي سان مقام با يزيد
ڪيس هو اولاد جان گهوڙو عزيز | سخت هو مالڪ مثل روز ستيز
سبز رنگو ديس انجو هو عرب | با وفا، بي عيب، پاڪيزه نسب
مرد مومن لاءِ عزيز اي نڪتہ رس | آ سدا، شمشير و قرآن و فرس
وصف انجي بي لکان ڪهڙي ڀلا | ڪوهه و دريا تان وبو تي چڙ هوا

---

تاويل — پنهنجي خيال سان مطلب وٺڻ. قنديل — فانوس.
الماس — هيرو.
مظفر، گجرات جي سلاطين مان هو. سندس والد جو نالو محمود هو، جنهن کي بيگره سڏيندا هئا.
فرد فريد = هڪ ئي لائق انسان.
با يزيد — با يزيد بسطامي، بغداد جو ڪامل صوفي.
روز ستيز — لڙائي جو ڏينهن.
فرس — گهوڙو.

جنگ ۾ هو وڏ نظر کان منتظر — تند طوفان جئن تپي بر و بحر
انجي ڊوڙڻ ۾ بپا هو رستخيز — ضرب سم پٿر کيو ٿي ريز ريز
اوچتو حيوان آو ٿيو بيقرار — پيٽ جي سوزش کان تنگ ۽ دلفگار
ٿي شفا، آن کي ڏنائون جئن شراب — شاهہ جي گهوڙي جو گهٽ ٿيو پيچ تاب
شاهہ حق بين آن تي پير نا چڙهيو — شرع تقويٰ جو طريقو آ پيو

شل خدا توکي بہ ڏي قلب و جگر
کر مسلمان جي اطاعت تي نظر

دين جي معنيٰ آهي، حق جي طلب — انتها عشق آهہ، آغاز آ ادب
آبرو گل جي سندس آ رنگ و بو — بي ادب بي رنگ و بو، بي آبرو
نوجوانن کي ڏسي مان بي ادب — ٿو سهان درد و ڪرب، رنج و تعب
بيقراري سيني ۾ پيدا ٿئي — ياد عهد مصطفيٰ مونکي پئي
دور پنهنجي کان پريشان ٿو ٿيان — عصر رفتہ ۾ وڃي ٿو مان لڪان
ستر زن جو مرد، يا خاڪ لحد — ستر مردن جو رکڻ نا يار بد
حرف بد منهن مان چوڻ آهي خطا — ڪافر و مومن سڀئي خلق خدا
آدميت احترام آدمي — ڄاڻ هي آهي مقام آدمي
ربط و ضبط تن سان آدم آ آتم — کڻ طريق دوستي ۾ تون قدم
عشق جي بندي جو عالي آ طريق — آ سدا مومن ۽ ڪافر تي شفيق
ڪفر و دين جي لاءِ آهي جاءِ دل — دل پڇي جي دل کان پوءِ آ واءِ دل

گرچہ دل جو آهہ سامان آب و گل
پر سڀو آفاق هي آفاق دل

---

آفاق — جهان.

آ، اسانجي لاءِ ظلام ڪائنات — آ شريڪ اهتمام ڪائنات
هو ڪليم آ ۽ مسيح آ ۽ خليل — هو محمد آ، ڪتاب ۽ جبرئيل
آفتاب ڪائنات اهل دل — آن ڪان روشن آ، حيات اهل دل
آڳ پنهنجي ۾ وجهي آ رهنما — پوءِ سلطاني سيکاري برملا
سوز آهيون سڀ اسين، آ اهل دل — ور نہ باطل، نقش وانگر آب و گل
وقت جنهن ۾ تون چائو آهين، ڏچان — غرق آهي جسم ۾، چائي نہ جان
قحط جان کان جسم تي ارزان جڏهن — مرد حق تي پاڻ ۾ پنهان تڏهن
تي نہ حاصل جستجو آن مرد کي — گر ڏسي تو روبرو آن مرد کي
سوءُ ڳنڍيون ڪم ۾ پون تنهنجي اچي — تون مگر ذوق طلب هٽ کان نہ ڏي
مرد دانا جي نہ صحبت ٿئي عطا — اب و جد کان جو مليم ڪر رهنما
پير رومي کان وٺ تون سوز و ساز — تان خدا بخشي توکي سوز و گداز
چو تہ رومي مغز کان چاڻي ٿو پوست — آ قدم انجو سدا در ڪويءِ دوست
شرح ڪيائون، پر نہ پر ڪيائون اصل — انجي معنيٰ جو لکيو موتي امل
رقص تن جو آن کان سکيائون عمل — رقص جان جا پر نہ ٿيا هرگز اهل
رقص تن گردش ۾ آڻي خاڪ کي — رقص جان پهچائي ٿو افلاڪ تي
فرد آن کان صاحب جذب ڪليم — آن کان ملت وارث ملڪ عظيم
رقص جان کي آ پرائڻ ڪم ڏکيو — غير حق کي آ جلائڻ ڪم ڏکيو
جيستائين حرص و غم ناهي جليو — رقص جان پٽ ڪينڪي ڪنهن کي مليو
رقص جان ايمان، دلگيري آ غم — نوجوانو، نيمُ پيري، آ غم

---

نيمُ پيري — پيري جو اڌ. مطلب آهي تہ غم پيري کي آڻيندڙ آهي.

فقر حاضر حرص آ چائج تمام　　پاڻ تي قاهر جو، انجو هان غلام
اي جو تون آرام جان نا شکيب　　رقص جان کان جي وڻين ٻنهنجو نصيب

ـر دين مصطفيٰ توکي چوان
قبر ۾ بي تنهنجو دعاگو تي رهان

(جاويد نامه)

---

# حُدي

مُنهنجو اُٺ سوار آهه

جنهن آهوئي تاتار آهه

درهم و دينار آهه

گهٽ ۽ وڌ جو يار آهه

دولت بيدار آهي

تيز اُٺڙا گام کڻ پنهنجي منزل دور ناهه

دلڪش و زيبا آهين

زهره جبين رعنا آهين

حور کان اعليٰ آهين

غيرت ليليٰ آهين

نازڪ صحرا آهين

تيز اُٺڙا گام کڻ پنهنجي منزل دور ناهه

آس جو ناهي اثر

رچ ۾ تنهنجو گذر

پڻ سهائي ۾ سڌر

تيز تاري کان سفر

نند کان تون بي خطر

تيز اُٺڙا گام کڻ پنهنجي منزل دور ناهه.

---

ناقہ جي معنيٰ اُٺڻي آهي، پر جيئن ته سنڌي ۾ مونث جي بجا مذڪر ڪم ايندو آهي، جيئن شاهه پڻ فرمائي ٿو: ”واٽ وڃي، اوٺي وڃي، ٽيون وڃي ڏير.“

سوز تنهنجو در زمام
ساز تنهنجو در خرام
آج بک توکي مدام
آ سفر ۾ صبح و شام
جاء هڪ توليء حرام

تيز آڻزا گام هڻ پنهنجي منزل دور ناهه

تون ڪکر وانگر روان
ٻيڙي آهين بي باديان
خضر وانگر نگهبان
توتي هلڪو آ گران
توکان خوش آ ساربان

تيز آڻزا گام هڻ پنهنجي منزل دور ناهه

شام تنهنجي در يمن
صبح آ اندر قرن
تنهنجي واري آ وطن
ٻير تنهنجو ياسمن
تون جڻ آهو ختن

تيز آڻزا گام هڻ پنهنجي منزل دور ناهه

چنڊ جو نقشو گهٽيو
آ هيناهين ۾ ويو
صبح اوير کان آتيو

رات جو ڪيڙو هنيو
واه بيابان جو وڏيو

تيز آڻڙا گام هڻ        پنهنجي منزل دور ناهه

نغمو منهنجو دلڪشا
انجو سر آ جانفزا
قافلي ليء تون درا
فتنه ربا ۽ فتنه زا
اي حرم جا آشنا

تيز آڻڙا گام هڻ        پنهنجي منزل دور ناهه

(پيام مشرق)

# ساقي نامو

ٿيو خيمه زن ڪاروان بهار     اِرم ٻڻجي ويو، دامن ڪوهسار
گل و نرگس و سوسن و نسترن     شهيد ازل لاله خونين ڪفن
جهان ويو لڪي پردهٔ رنگ ۾     لهو جي آ گردش رگ سنگ ۾
فضا نيري نيري، هوا ۾ سرور     وهن ڪين پلا آشيان ۾ طيور
ڪهستان مان ڪسي ٽپندي وڃي     ٽپندي، سرندي، ڪڏندي وڃي
ڪڏندي، سرندي، ڳائيندي وڃي     وڪڙ تي وڪڙ تي کائيندي وڃي
جي بيهي ته چپ ڪي ٽي چيري چڏي     پهاڙن جي دلين کي چيري هلي
ذرا ڏس ته اي ساقئي لاله فام     ٻڌائي ٿي هي زندگي جو پيام
پيارج آها مونکي بي پرده سوز     جو ايندو نه آ فصل گل روز روز
آهو جام، روش حيات     لڪل جنهن ۾ آ مستئي ڪائنات
آها بي سجي سوز و ساز ازل     کلي جنهن جي ڏڪ سان ٿو راز ازل

آئي ساقيا پردو ڪڻ راز تان
لڙائج ڪبوتر کي شهباز سان

زماني جو انداز متجي ويو     نئون راڳ آ، ساز متجي ويو
ٿيو هن طرح فاش راز فرنگ     جو حيرت ۾ آ شيشه باز فرنگ
پراڻي سياست گري خوار آهه     زمين مير و سلطان کان بيزار آهه
ويو دور سرمايه داري ويو     تماشو ڏيکاري مداري ويو
گران خواب چيني کان جاڳڻ لڳا     هماليه جا چشما آڇلجڻ لڳا
دل طور سينا ۽ فاران دونيم     وري آ تجلي جو طالب ڪليم

تمدن، تصوف، شريعت ڪلام    عجم جي بتن جا پوڄاري تمام
مسلمان توحيد ۾ گرمجوش    مگر دل اڃا آنجي زنار پوش
حقيقت خرافات ۾ گم ٿي وئي    هي اُمت روايات ۾ گم ٿي وئي
وڻي خوب دل کي ڪلام خطيب    مگر لذت شوق کان بي نصيب
بيان آنجو منطق سان ڇڙيل سڄو    لغت جي بکيڙن ۾ اڙيل سڄو
هو صوفي، جو هو خدمت حق ۾ مرد    محبت ۾ يڪتا، حميت ۾ فرد
عجم جي خيالات ۾ گم ٿيو    هي سالڪ مقامات ۾ گم ٿيو

وئي عشق جي آڳ انڌير آهه
مسلمان نہ آ رک جو ڍير آهه

شراب ڪهن سان ڀري ساقيا    وري جام گردش ۾ ڏي ساقيا
مونکي عشق جا پر لڳائي اڏاء    مونکي ڪڙ ڪهيتو بڻائي اڏاء
خرد کي غلامي کان آزاد ڪر    جوانن کي پوڙهن جو اُستاد ڪر
هري شاخ ملت، سنڌء نم کان آهه    نفس هن بدن ۾ سنڌء دم کان آهه
لهڻ جي ۽ ڦتڪڻ جي توفيق ڏي    دل مرتضيٰ، سوز صديق ڏي
جگر مان وري تير آو پار ڪر    تمنا کي سيني ۾ بيدار ڪر
سنڌء آسمانن جي تارن جو خير    زمين جي شب زنده دارن جو خير
جوانن کي سوز جگر ڪر عطا    مونکي عشق، منهنجي نظر ڪر عطا
منهنجي ٻيڙي گرداب کان پار ڪر    هي ثابت آ، آن کي تون سيار ڪر
مونکي بخش اسرار موت و حيات    جو تنهنجي نگاهن ۾ آ ڪائنات
سندم ديدهٔ تر جون بيخوابيون    سندم دل جون پوشيده بي تابيون
سندم نالهٔ نيم شب جو نياز    سندم خلوت و انجمن جو گداز
اِرادا سندم آرزويون سندم    اُميدون سندم، جستجويون سندم

سندم فطرت آئينهٔ روزگار — غزالان افڪار جو مرغزار
سندم دل سندم رزمگاه حيات — گمانن جو لشڪر، يقين جو ثبات
اِهو ڪجھ آ ساقي متاع فقير — اِنهيءَ ئي فقير ۾ آهيان امير

سندم قافلي ۾ لتائج اِهو
لتائج، نڪاتي لڳائج اِهو

دما دم روان آ، يم زندگي — هر هڪ شي ڪان پيدا رم زندگي
اِنهيءَ ڪان ماڻي ٿي بدن ڪي نمود — جو شعلي ۾ موجود آ موج دود
گران گرچه آ محبت آب و گل — وٺي ان ڪي ٿي محنت آب و گل
هي ثابت بہ آهي ۽ سيار بي — عناصر جي قيدن ڪان بيزار بي
هي وحدت آ ڪثرت ۾ هردم اسير — مگر هر جڳهه، بي چگون بي نظير
هي عالم هي بتخانهٔ شش جهات — اِنهيءَ ئي گهڙيو آهه، هي سومنات
پسند ان ڪي تڪرار جي خو نہ آهه — حو تو مان نہ آهي ۽ مان تو ناهه
من و تو ڪان آ انجمن آفرين — مگر عين محفل ۾ خلوت نشين
چمڪ انجي بجلي ۽ تاري ۾ آهه — هي چاندي ۾ ۽ سون پاري ۾ آهه
سندس آ بيابان، سندس آ بهر — سندس آهه ڪندبو، سندس گل ثمر
ڪٿي انجو طاقت ڪان ڪهسار چور — ڪٿي انجي قيدي ۾ جبريل و حور
ڪٿي جره، شاهين، سيماب رنگ — چڪورن جي رت ڪان آخونين چنگ

ڪبوتر ڪٿي آشياني ڪان دور
ڪٿي جار ۾ ڦٽڪي ٿو نا صبور

نظر جو فريب آ، سڪون حيات — پيو ڦٽڪي هر ذرهٔ ڪائنات
نہ ترسي ڪٿي ڪاروان وجود — سندس هر گهڙي تازو شان وجود

تون ڄاڻي ٿو هي راز آ زندگي — فقط ذوق پرواز آ زندگي
گهٽو آن ڏٺو آهه پست و بلند — سفر آن کي منزل کان وڌ آ پسند
سفر زندگي لاء آ، برگ و ساز — سفر آ حقيقت، سفر آ مجاز
منجهي ۾ کلڻ ۾ ٿي لذت اچيس — مرڻ ۾ جلڻ ۾ ٿي راحت اچيس
جڏهن سامهون موت انجي اچي — نه هو موت جي فکر کان ٿو ڊڄي
اچي هن جهان مکافات ۾ — رهي زندگي موت جي گهات ۾
اِنهيءَ شاخ سان گل نکرندا رهيا — اِنهيءَ شاخ مان هو آپرندا رهيا
اِنهيءَ کي ٿو نادان چوي بي ثبات — جتان منجهي آپري ٿو نقش حيات
گهٽو تيز جولان گهٽو تيز رس — ازل کان ابد هي رهي يڪ نفس

زماني جو زنجير ايام آهه
دمن جي اُلٽ قير جو نام آهه

هي موج نفس ڇا آ، تلوار آهه — خودي ڇا آ، تلوار جي ڌار آهه
خدا ڇا آ، راز درون حيات — خودي ڇا آ، بيداريءِ ڪائنات
خودي جلوه بد مست، خلوت پسند — سمنڊ آهه هڪ بوند پاڻي ۾ بند
سفيدي ۾ اونده ۾ آ تا بناڪ — من و تو ۾ پيدا، من و تو کان پاڪ
ازل انجي پويان، ابد سامهون — نه حد انجي پويان نه حد سامهون
زماني جي دريا ۾ وهندي رهي — ستم انجي موجن جو سهندي رهي
تجسس جون راهون ٿي بدلائي هي — دمادم نگاهون ٿي بدلائي هي
سندس هٿ هلڪو آ بار گران — پهاڙ انجي ضربن کان ريگ روان

سفر انجو انجام و آغاز آهه
اِهو انجي تقويم جو راز آهه

چمڪ چنڊ ۾ آ، شرر سنگ ۾
هي بيرنگ آ غرق اِئين رنگ ۾

تعلق نہ انجو ڪم و بيش سان
نشيب و فراز و پس و پيش سان

ازل کان اِنهيءَ ڪشمڪش ۾ اسير
ٿيو خاڪ آدم ۾ صورت پذير

سنڌءِ دل ۾ موجود آهي خودي
جئن اک جي تر ۾ فلڪ سرمئي

خودي جي نگهبان کي آ زهر ناب
آهو نان جنهن کان ٿي عزت خراب

آهو نان آن لاءِ آ ارجمند
رهي جنهن سان دنيا ۾ گردن بلند

فر و فال محمود کان در گذر
خودي تي نظر رک ايازي نہ ڪر

آهو سجدو آ، لائق اهتمام
جو ٿي جنهن کان هر سجدو توتي حرام

هي عالم هي هنگامہ رنگ و صوت
هي عالم جو آ زير فرمان موت

هي عالم هي بتخانہ چشم و گوش
جتي زندگي آ فقط خورد و نوش

خودي جي اِها منزل اولين
مسافر متان گهر کي هت تون اڏين

سنڌءِ آگ هن خاڪدان کان ڪٿي؟
جهان تو کان آ، تون جهان کان ڪٿي؟

وڏي هل تون ڪوهہ گران کي پچي
طلسم زمان و مکان کي پچي

خودي شير مولا، جهان انجو صيد
زمين انجو صيد، آسمان انجو صيد

جهان پيا بہ آهن، اجا بي نمود
جو خالي نہ آهي، ضمير وجود

هر هڪ منتظر تنهنجي يلغار جو
سنڌءِ شوخيءَ فکر و ڪردار جو

اِهو مقصد گردش روزگار
جو تنهنجي خودي، توتي ٿي آشڪار

تون ئي فاتح عالم خوب و زشت　　ٻڌايان ڇا توکي، سنڌء سر نوشت

حقيقت تي آ، جامۀ حرف تنگ　　حقيقت آ، آئينہ گفتار زنگ

فروزان آ سيني ۾ شمع نفس　　چوي ٿو مگر تاب گفتار بس

اگر يک سر موئے، بر تر پرم

فروغ تجلی بسوزد پرم

(بال جبريل)

# قرطبه جي مسجد

رات ڏينهن جو سلسلو آ، حادثن جو نقش گر
رات ڏينهن جو سلسلو آ، چشمء موت و حيات

رات ڏينهن جو سلسلو، ريشم جي تار آهي دو رنگ
ذات جنهن کان ٿي اٺي، پنهنجوئي ملبوس صفات

رات ڏينهن جو سلسلو، ساز ازل جي آ فغان
ذات جنهن کان ٿي ڏيکاري، کيفيات ممکنات

پرک تنهنجي تو ڪري ۽ پرک منهنجي بي ڪري
رات ڏينهن جو سلسلو، زيرک صراف ڪائنات

تون ٻه آهين گهٽ سياڻو، مون ٻه آهيان هڪ اڄاڻ
موت آ تنهنجي برات ۽ موت آ منهنجي برات

تنهنجي رات ۽ ڏينهن جي کهڙي حقيقت آ جدا
وقت جي رفتار ساڳي، جنهن ۾ ساڳو ڏينهن رات

هي هنر جا معجزا، ايندا رهن ٿا پر فنا
ڪار عالم بي ثبات آ، ڪار عالم بي ثبات

اول و آخر فنا ۽ باطن و ظاهر فنا
نقش کهني ۽ نئين جي منزل آخر فنا

آ مگر آن نقش ۾، رنگ دوامي جو نشان
جنهن کي ڪو مرد خدا، دانا ڪري شايد تمام

آ عمل مرد خدا جو، غير فاني عشق کان
عشق آ اصلي حيات ۽ موت آ انتي حرام
تند ۽ تکڙو زماني جو گھٽو آ وهڪرو
عشق خود سيلاب آ، سيلاب جو روکي نظام
عشق جي تقويم پنھنجي عصر کان آھي جدا
پيا زمانا بي گھٽا، جنجو نہ نيشان آھ نام
عشق جو دم جبريل ۽ مصطفيٰ جي عشق دل
عشق پيغمبر خدا جو، عشق خالق جو کلام
عشق جي مستي کان آھي، پيڪر گل تابناڪ
آ شراب خام عشق ۽ آ اِھو ڪاس الڪرام
عشق مفتي آ حرم جو، عشق لشڪر جو امير
عشق آھي راهرو، جنھن کي سوين حاصل مقام

عشق جي مضراب کان آ، نغمہ تار حيات
عشق کان نور حيات ۽ عشق کان نار حمات

اي حريم قرطبہ! آ عشق کان تنھنجو وجود
عشق سر تا پا بقا، جنھن ۾ نہ آھي رفت و بود
رنگ آ يا خشت و سنگ ۽ چنگ آ يا حرف و صوت
فن جي ھن اعجاز جي، خون جگر کان آ نمود
قطرهٔ خون جگر، متي مان دل پيدا ڪري
رت جگر کان ڏي صدا ٿو، عود، نڙ، چنگ ۽ سرود

گھٽ نہ آدم جو آ سينو، عرش اعظم کان حبيب
گرچہ مٺ مٽي جي آهي، حد تا چرخ ڪبود
دل فزا تنهنجي فضا، پر درد آ منهنجي صدا
دل جو تو کان آحضور ۽ دل جي مون کان آ کشود
نور جي پيڪر کي سجدو جي ميسر آ تہ چا
پر نہ حاصل آهہ اَن کي تابش سوز سجود
ڪافر هندي مان آهيان، ڏس مگر هي ذوق وشوق
دل ۾ صلواة و درود ۽ منهن ۾ صلواة و درود

شوق تنهنجي نغمي ۾ آ، شوق منهنجي ني ۾ آهہ
نغمہ' الله هو، منهنجي رڳن ۽ پي' ۾ آهہ

مرد مومن جي آ حجت، تنهنجو هي حسن و جلال
هو بہ آ جل و جميل ۽ تون بہ آنهہ جل و جميل
پايدار آهي بنا تنهنجي ۽ ٿنيا بي شمار
شام جي صحرا ۾ جٿن، اڻ ڪت آهي مجمع نخيل
وادي' ايمن جو نور آ، تنهنجي در ۽ بام تي
آ ڏگهو مينار ٿنهنجو، جلوه گاهہ جبرئيل
مرد مومن ڪينڪي مٽجي سگهي ٿو، چو تہ آهہ
فاش بانگن کان سندس اسرار موسيٰ ۽ خليل
سرحدن کان بي نياز انجي زمين انجو آفق
سمنڊ آ، هو موج جنهنجي، دجلہ و ڊينوب و نيل

هو زمانو تنجو افضل ۽ فسانو دلفريب
عهد پيشينہ پڏو ٿي، تن جو پيغام رحيل
ساقيءُ ارباب ذوق ۽ راڪب ميدان شوق
پاڪ آ تنجو شراب ۽ تيغ آ تنجي اصيل

هو سپاهي مرد آ، جنهن جي زره آ، لاالٰه
چانو ۾ تلوار ۾ جنهنجي جڳهہ آ، لاالٰه

آشڪارا آهہ تو ڪان، بندهٔ مومن جو راز
انجي ڏينهن جي تپش ۽ انجي راتين جو گداز
آ مقام انجو مٿي ۽ آ خيال انجو عظيم
شوق انجو ذوق انجو، ناز انجو سرفراز
خاڪي ۽ نوري صفات آ، بندهٔ مولا صفات
دل سندس هر دو جهان کان آ غنيءَ بي نياز
مختصر انجون اميدون، پر سندس مقصد وڏو
دلفريب انجون ادائون ۽ نگاهون دل نواز
بندهٔ مومن جو هٿ آهي خدا جو خاص هٿ
غالب وڪار آفرين، ڪارڪشا ۽ ڪارساز
گفتگو ۾ نرم دم ۽ جستجو ۾ گرم دم
رزم ۾ يا بزم ۾، هو پاڪدل ۽ پاڪباز
نقطهٔ پرڪار حق، مرد خدا جو آ يقين
ماسوا عالم تمام آهي، طلسم ۽ مجاز

عقل جي منزل اِهو ۽ عشق جي حاصل اِهو
حلقهٔ آفاق اندر، صاحب محفل اِهو

ڪعبهٔ ارباب فن اي سطوت دين مبين
مرتبي ۾ تي حرم جان تو ڪان اندلس جي زمين
آهه زير آسمان جي، حسن ۾ تنهنجو نظير
آهه آو قلب مسلمان، پيو نه ڪو تنهنجو امين
آه! هو مردان حق، يعني عرب جا شهسوار
حامل خلق عظيم ۽ صاحب صدق و يقين
تي حڪومت ڪان انهن جي فاش هي رمز غريب
اهل دل جي سلطنت آ فقر، تون شاهي چوين
پرورش اولهه ۽ اوير جي ڪئي تنجي نظر
ظلمت يورپ ۾ هئي، تن جي خرد هڪ راه بين
اڄ ٻه آهن آندلس وارا سندن رت جي طفيل
خوش دل و گرم اختلاط و ساده و روشن جبين
ديس هن ۾ اڄ ٻه ڏسجي عام تي چشم غزال
تير اڄ ٻي تن نگاهن جا چڀن تي دل نشين .

اڄ ٻه يمني ڪيف تو، تنهنجي نوائن مان اڇي
ليءِ حجازي صاف تي، تنهنجي صدائن مان اڇي

آ زمين تنهنجي ستارن جي نظر ۾ آسمان
آه! پر تنهنجي فضا، صدين ڪان آهي بي اذان

کھڙي وادي ۾ مقيم آ، کھڙي منزل ۾ لکو
جانستان عشق جو هو کاروان سخت جان

جرمني جي بي ڏني تو، شورش اصلاح دين
جنھن پرائي نقش جو باقي ڇڏيو نا کو نشان

عصمت پير کليسا بڻجي وئي حرف غلط
فکر جو نازک سفينو ٿيو بجا انجي روان

آ ڏٺو چشم فرانس بي عظيم آو انقلاب
جنھن کان مغرب جو پريشان ۽ دگرگون ٿيو جهان

روم وارا پير جي کهنه پرستي کان ڇتا
لذت تجديد کان ڏسجن دوبارا سي جوان

روح مومن ۾ به اڄ آهي آهوئي اضطراب
هي خدائي راز پر کولي سگهي ڪٿ ٿي زبان

منظر رهه بحر جي تھ مان نظر چا ٿو اچي
گنبد نيلوفري جو رنگ و رو چا ٿو رچي

کوهسارن ۾ ککر آهن شفق سان سرخ سب
ڏير چا لعل بدخشان جا ڇڏي ويو آفتاب

سادو ۽ پرسوز کيڏو دختر دهقان جو گيت
دل جي کشتي لاءِ هي سيلاب آ، عهد شباب

قرطبه جي نهرا کو تنهنجي کناري جي مٿان
تو ڏسي ايندڙ زماني جو عجيب رنگين خواب

عالم نو، پردهٔ تقدير ۾ پنهان اڃا
پر نگاهن ۾ سندم انجو سحر آ بي حجاب

چهرهٔ افڪار تان پردي کي پرتي جي ڪريان
ڪٿ جهلي مغرب سگهي منهنجي نواسازي جو تاب

آ نہ جنهن ۾ ڪشمڪش آ، زندگي آ موت جان
آستن جي روح جي آ زندگي سچ انقلاب

قوم جا دست قضا ۾، صورت شمشير آهہ
تي ڪري هر وقت آ، پنهنجي عمل جو خود حساب

رت جگر ري هي سڀئي نقش آهن نا تمام
رت جگر ري آهہ هي نغمو بہ هڪ سوداء خام

(بال جبرئيل)

---

# پاڻيءَ جي نهر

ڏس ته پاڻي سان نهر ٿي ڪيئن نه مستاني وڃي
ڪهڪشان وانگر سندس آ راهه، اندر مرغزار

ڪڪرن جي هنج ۾ آرام سان ليٽل هئي
شوق سان پنهنجي ڪياءِ جاءِ چوٽيءِ ڪوهسار

پٿرن تان وات وٺندي، گيت ڳائيندي وڃي
آهه آئيني مثل، نيشان انجو بي غبار

ڏس ته پاڻي جو بحر ٿو، ڪيئن نه مستانو وڃي
پاڻ سان آهي يگانو، ٻين کان بيگانو وڃي

راهه انجي ۾ پريخانو بهاري ڪان ٻٽيو
نرگس ۽ لالان، سمن جو رنگ آ هرجا رچيو
نازمان گل ٿي چيو حاضر اسان مان ڪو هجي
انجيءَ دامن مان ڪلي، مڪڙي مٿو پنهنجو ڪيو

---

نوٽ: ”پاڻي جي نهر“، گيٽي جي مشهور نظم ”نغمهٔ محمد“ جو هڪ نهايت آزاد ترجمو آهي. هيءَ نظم، ”ديوان مغربي“ کان گهڻو اڳ لکي وئي هئي، جرمن شاعر، زندگي جي اسلامي تخيل کي نهايت خوبي سان بيان ڪيو آهي. اصل هڪ رٿيل اسلامي ڊرامي جو حصو هئي، جنهن جي تڪميل ٿي نه سگهي. هن ترجمي کان فقط گيٽي جو نقطهٔ نگاهه ڏيکارڻ مقصود آهي.

جا وڻ ساون جي جلوي کان هئي نا آشنا
سا هلي صحرا کي چيريندي جبل مان سر ڪنيو

ڏس ته پاڻي جو بحر تو، ڪيئن نه مستانو وڃي
پاڻ سان آهي يگانو، ٻي کان بيگانو وڃي

سؤ ڪسين، ميدان، جبلن، ڀڪين ۽ باغ راغ
هئن چيو، دواي جو زمين توسان آهي سازگار
تون اسان کي تنگ آبي کان خدارا ڏي نجات
هي جو واري آ ڀتن جي، انکي ڪرباغ وبهار،
هير اوير ۽ اولهه تي پنهنجو سينو وا ڪري
همسفر ورتيون زبون ۽ زار، پنهنجي در ڪنار

ڏس ته پاڻي جو بحر تو، ڪيئن نه مستانو وڃي
پاڻ سان آهي يگانو، ٻي کان بيگانو وڃي

جوش سان پربل ندي تي روڪ ۽ جهل کان اڳي
جبلن ۽ وادين جي تنگ کان گذري هلي
ليت وانگر سڀ ڪري يڪسان چڙهائين هيٺ مٿ
ڪاخ شاهي ۽ ٻني جي دنگ کان گذري هلي
بيقرار ۽ تيز ڪيڏي تي وڃي پر سوز هو
ڍنگ ڪهني کي چڙي نئين رنگ کان گذري هلي

ڏس ته پاڻي جو بحر تو، ڪيئن نه مستانو وڃي
پاڻ سان آهي يگانو، ٻي کان بيگانو وڃي

(پيام مشرق)

# تصحیح

| صفحہ | سطر | غلط | صحیح |
| --- | --- | --- | --- |
| ۲۳ | ۱۱ | ۱۹۱۸ع | ۱۹۰۸ع |
| ۴۳ | ۱۲ | ننید | ننبد |
| ۴۶ | ۱۳ | وحشیت | وحشت |
| ۵۷ | ۴ | کد | کہ |
| ۸۶ | ۱۱ | جهان | جهان |
| ۹۰ | ۲ | نکل | نکل کے |
| ۱۱۰ | ۴ | نیک جان | یک جان |
| ۱۵۳ | ۸ | بی بادیان | بی بادبان |
| ۱۵۴ | ۲ | واء | واۓ |
| ۱۶۳ | ۱۳ | نگاهو | نگاهون |
| ۱۶۶ | ۱۰ | تجدبد | تجدید |